


# منشور الوصيت
# و
# دستور الحڪومت

واليءِ سنڌ
ميان نور محمد خدا يار خان

مترجم
ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سنڌي ادبي بورڊ

# منشور الوصيت

# و

# دستور الحڪومت

از

واليءِ سنڌ ميان نور محمد خدا يار خان ڪلهوڙو

مصحح و محقق

سيد حسام الدين راشدي

مترجم

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري


سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو

2005ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون جون 2005ع تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ پنجٽيهه رپيا
[ Price Rs. 135-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(فون ۽ فيڪس نمبر: 2633679 -022)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙا دور حڪومت کي ادب، ثقافت، ٻوليءَ جي اوسر ۽ سماجي ترقيءَ جو "سونهري دور" سڏيو ويو آهي. هن دور ۾ سنڌ هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست/ملڪ طور ٻيهر پنهنجي سڃاڻپ بحال ڪرائي. سنڌ جي انهيءَ حاصلات پنيان ڪلهوڙا حڪمرانن ۽ سنڌ جي سپوتن جي سِرن جون قربانيون ڏنل آهن. هن دور کان اڳ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌ کي انتهائي ڏکي صورتحال ۾ رکيو ۽ سنڌ جي مقامي ماڻهن کي ڏگهي عرصي تائين دٻاءَ ۾ رکي مٿن حڪومت ڪئي. هُنن سنڌ کي مختلف حصن ۾ ورهائي سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. ڪلهوڙن جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ انهن وکريل حصن جي عليحده حيثيت ختم ڪئي ويئي ۽ اُهي هڪ رياست ۾ ضم ٿي ويا. طويل عرصي کان ٻانهپ ۾ رهندڙ هن خطي جي ننڍڙين ننڍڙين حڪومتن "سنڌ" جي نالي سان نئون ۽ تاريخي جنم ورتو.

ڪتاب "منشور الوصيت و دستور الحڪومت" ۾ ڏارين جي انهيءَ آمريتي دور جو اختصار پڻ ڏنو ويو آهي. هيءُ ڪتاب اصل ۾ سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو پنهنجن فرزندن ڏانهن لکيل هڪ وصيتنامو آهي، جيڪو هن پنهنجي زندگيءَ جي آخرين حصي ۾ لکيو هو. ڪتاب جي متن جي مطالعي کان پوءِ خبر پوندي، ته هيءُ وصيتنامو رڳو ميان صاحب جي فرزندن لاءِ ئي نه آهي، بلڪ انهن سمورن حڪمرانن ڏانهن آهي، جيڪي هن ڌرتيءَ جي خدمت ڪرڻ گُهرن ٿا ۽ ساڻس شديد پيار ڪن ٿا. ميان نور محمد ڪلهوڙي هن ڪتاب جو اصل متن فارسيءَ ۾ لکيو هو، اهو متن جناب پير حسام الدين شاهه راشديءَ کي شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽي جي ڪتبخاني مان مليو، جڏهن ته هن ڪتاب جو ٻيون نسخو پير صاحب جن وٽ موجود هو. پير صاحب انهن ٻنهي نسخن کي پيش نظر رکي نئون نسخو تيار ڪيو.

1955ع ۾ بورڊ طرفان سنڌ جي جامع تاريخ گڏ ڪري ڇپائڻ جو فيصلو ٿيو، ته هن "وصيتنامي" کي بہ ترجيحي بنيادن تي رکيو ويو. نتيجي ۾ 1964ع

۾ ڪتاب جو پهريون فارسي ڇاپو پريس مان شايع ڪيو ويو. ”منشور الوصيت“ جي اهميت کي ڇاڻيندي ان جو سنڌي ترجمو ناميارِي عالم ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ ڪيو جنهن کي مسٽر يعقوب علي زرداريءَ ڪراچيءَ ۾ سڏايل ”ڪلهوڙا سيمينار“ جي موقعي تي ”ڪلهوڙا سيمينار ڪميٽي“ طرفان 1996ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. سيمينار جي منتظمين طرفان انهيءَ ڇاپي جون ٿوريون ڪاپيون ڇپايون ويون هيون، جنهنڪري عام پڙهندڙ سميت باقي علمي، ادبي ۽ تاريخي ذوق رکندڙ حلقن تائين ڪتاب پهچي نه سگهيو. اهڙن حلقن مان هن ڪتاب جي نئين سنڌي ڇاپي شايع ڪرڻ جي وقت بوقت گهُر به ٿيندي رهي. پر ان ڏس ۾ ٻي ڪا به اڳڀرائي نه ٿي سگهي. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌي ادبي بورڊ، ضروري سمجهيو، ته هن ڪتاب جو سنڌي ڇاپو سُڌار ۽ سنوار سان ٻيهر پڌرو ڪيو وڃي. الله سائينءَ جا لک احسان جو هن سنڌي ڇاپي جي شايع ڪرڻ جو ڪُٽو بنده ناچيز جي نالي تي نڪتو ۽ ڇاپي کي نئين سر مترجم ڊاڪٽر عبدالرسول قادريءَ کان چيڪ ڪرائي شايع ڪرايو آهي. اميد آهي، ته اسان جي هن محنت کي پڙهندڙ دوستن پاران مانائتي موٽ ملندي.

**چامشورو، سنڌ**
اربع 11- رجب المرجب ١٤٢٦ھ
بمطابق 17 - آگسٽ 2005ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| مترجم طرفان پيش لفظ | 1 |
| تعارف: سيد حسام الدين راشدي | 6 |
| متن: منشور الوصيت و دستور الحڪومت | 31 |


## ضميما:


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| 1. جهوڪ واريءَ جنگ بابت ٽي خط | |
| (1) ميان يار محمد ڪلهوڙي واليءَ سنڌ جو خط | 53 |
| (2) ملتان جي صوبيدار نواب سيد حسين خان جي پٽ جو خط | 55 |
| (3) ميران سنگهه ڪتري ملتانيءَ جو خط | 57 |
| 2. راءِ رايان انند رام مخلص جا خط | |
| (1) ميان نور محمد خدايار خان ڪلهوڙو ثابت جنگ واليءَ سنڌ جو خط | 61 |
| (2) سيد لطف الله وڪيل خدايار خان ثابت جنگ جي نالي خط | 64 |
| (3) سيد لطف الله وڪيل خدايار خان ثابت جنگ جي نالي خط | 65 |
| (4) سيادت پناهه مير لطف الله ڏي لکيل خط | 66 |
| 3. بدائع و قائع مان چونڊ اقتباس - انند رام مخلص | 68 |
| 4. نادر نامه - تاليف 1172 هجري | 80 |
| 5. نامۂ نغز - باغ علي سنڌي (خائف) | 84 |
| 6. تبصرة الناظرين - سيد مير محمد بلگرامي | 93 |
| 7. شيخ رحمت الله سنڌيءَ جو مڪتوب | 106 |
| 8. ماثر الامراء - صمصام الدوله شاهنواز خان | 110 |
| 9. مددي ڪتابن جي فهرست | 117 |


## يادگار تصويرون


1. ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ سندس پٽ محمد مراداياب ڪلهوڙي جي تصوير
2. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي تصوير
3. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي تصوير
4. ميان محمد مراداياب جي تصوير

5. ميان عطر خان جي تصوير
6. صوفي شاهه عنايت شهيد جو مقبرو - جهوڪ شريف ضلعو ٺٽو، سنڌ
7. ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جو مقبرو - سکر، سنڌ
8. ميان محمد الياس ڪلهوڙي جو مقبرو ضلعو لاڙڪاڻو، سنڌ
9. ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جو مقبرو - ضلعو قنبر - شهدادڪوٽ ايٽ قنبر، سنڌ
10. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو مقبرو - ضلعو دادو، سنڌ
11. ميان دين محمد ڪلهوڙي جو مقبرو - ضلعو دادو، سنڌ
12. ميان يار محمد ڪلهوڙي جو مقبرو - ضلعو دادو، سنڌ
13. ميان نور محمد ڪلهوڙي جو مقبرو - نوابشاهه، سنڌ
14. ميان نور محمد ڪلهوڙي واليءِ سنڌ جي مُهر
15. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو مقبرو - حيدرآباد، سنڌ
16. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مقبرو
17. نادر شاهه افشار "بادشاهه ايران" جي تصوير
18. جامع مسجد خداآباد دادو
19. حيدرآباد جو پڪو قلعو
20. عمرڪوٽ جو قلعو

## نقشا

1. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سنڌ جو حدون
2. مغل دور ۾ سنڌ جي انتظامي جوڙجڪ
3. سنڌو درياءَ جي رخ ۾ تبديلي (1757ع)
4. ڪلهوڙا دور جا واپاري ۽ ڪاروباري مرڪز

## ڏسٽي

ڏسٽي - 1 (شخصيتن، قومن ۽ قبيلن جي فهرست) 121
ڏسٽي - 2 (ملڪن، شهرن ۽ تاريخي ماڳن مڪانن جي فهرست) 129
ڏسٽي - 3 (ڪتابن، مضمونن، مقالن ۽ ادارن جا نالا) 133

❖

جڏهن (نادري لشڪر) مغل سنڌ ۾ رهيا، ته هر شهر ۾ لشڪر تي ڪاهه ۾ قهر، ڦاڙ ۽ ڌمر جاري رکيائون، جتي ڪو پلو گهوڙو ڏٺائون، اُتي پهچي ان ڪان اهو گهوڙو کسيائون ٿي، ويچارو گهوڙي جو ڌڻي بيوس ٿي انهن سان ڪنهن به طرح پڄي نه ٿي سگهيو، اهڙيءَ ريت ڪنهن وٽ ڪا چڱي تلوار، شال يا چانور ۾ سٺو ڪپڙو هو، ته اهي به زوري ٿي ڦريائون.

سيد محمد بلگرامي

(تبصرة الناظرين)

# مترجم طرفان پيش لفظ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمدلله رب العالمين والصلواة والسلام عليٰ سيد المرسلين و عليٰ آلہٖ و اصحابہٖ اجمعين.

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙا خاندان ۽ سندس دؤر حڪومت کي اهم حيثيت حاصل آهي، ميان آدم شاهه کان وٺي ميان الياس، ميان شاهل محمد، ميان نصير محمد، ميان دين محمد، ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد تائين سندن خاندان اهم حيثيت سان ابريو، اسريو، نسريو ۽ وڌيو ويجهيو ۽ تاريخ ۾ اڻ مٽ نقش يادگار ڇڏيا. البت ميان نور محمد ڪانپوءِ ڪلهوڙا دؤر حڪومت جو سج لڙڻ لڳو. پوين حڪمرانن مان ميان محمد مراداياب، ميان غلام شاهه، ميان عطر خان، ميان محمد سرفراز، ميان محمود، ميان غلام نبي ۽ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي هڪ ٻئي جي پنيان لاڳيتو حڪومت کي تڪڙيون قلابازيون ڪارائي، ڪلهوڙا راڄ جو خاتمو آندو.

ڪلهوڙا حڪمرانن ۾ ميان نور محمد علم دوست ۽ خوش قسمت بادشاهه هو. سندس دؤر ۾ سنڌ جي صديون اڳ ختم ٿيل وحدت بحال ٿي، اتر، وچولو، لاڙ توڙي ڪاڇو ۽ ٿر هڪ مرڪز تحت گڏ ٿيا. ميان نور محمد ڪلهوڙو هڪ طرف انتهائي ڀاڳ ۽ بخت جو صاحب هو، ته ٻئي پاسي ڪيس نادر شاهه جي قهر ۽ ابداليءَ جي ارهه زورائيءَ کي به منهن ڏيڻو پيو. تاريخ جي هن سڄي وهڪري ۾ ميان نور محمد جي پنهنجي پيءُ وانگر شخصيت قداور ۽ نشانبر رهي آهي. ميان صاحب پنهنجي ملڪ جي دل وجان سان خدمت ڪئي. ملڪ مان اندروني شورشون ختم ڪري، امن امان قائم ڪيو. چوري، ڦرلٽ جي فضا کي ٻنجو ڏئي ملڪ ۾ پوکي راهي ۽ واپار کي زور وٺايو ۽ واهه کوٽايا. ميان صاحب علم ادب جي به قدرداني ڪئي. جيتوڻيڪ ان وقت دفتري ٻولي فارسي هئي، پر اهو ئي دؤر سنڌي ٻوليءَ جي اسرڻ نسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جو سونهري دؤر ليکيو وڃي ٿو.

ميان نور محمد وڏي ڄمار ۾ 35 سال حڪمراني ڪرڻ ۽ زماني جي انقلاب جا مختلف منظر ڏسڻ ڪانپوءِ سرڪات ڪورهر رياست جيسلمير ۾

تاريخ 12 صفر سنه 1167 هجري (9- ڊسمبر 1753ع) ۾ خناق جي مرض سبب وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه شاهپور جهانيان جي ويجهو سندس نسبت سان "ميان جا قبا" قبرستان، تعلقي دولتپور صفن ضلعي نوابشاهه - سنڌ ۾ موجود آهي.

ميان نور محمد ڪلهوڙي ٽي ڪتاب يادگار ڇڏيا آهن. هڪ "نادر نامه" هيءُ ڪتاب فارسي نظم ۾، حافظ محمود شيراني جي ڪتب خاني ۾ هو. ٻيو "حُسن اداي انتخاب". هن ڪتاب ۾ ميان نور محمد جدا جدا ڪتابن مان سهڻا سهڻا گفتا ۽ نقطا چونڊي، پڙهندڙن واسطي مرتب ڪيا آهن ۽ محترم استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "باقيات از احوال ڪلهوڙه" ڪتاب ۾ ڪلهوڙا نيشنل سيمينار 1996ع ۾ ڇپرايو آهي ۽ ٽيون "منشور الوصيت و دستور الحڪومت" شامل آهي.

"منشور الوصيت" فارسي نثر ۾ سنه 1163هه جو لکيل موجود آهي، شايد ان جي تياري خدا آباد ۾ ٿي. منشور الوصيت سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1964ع ۾ ڇپجي چڪو آهي.

ميان نور محمد ڪلهوڙو پنهنجي دؤر ۾ هڪ غير معمولي شخصيت جو مالڪ هو، جن نازڪ حالتن سان ڪيس ۽ سندس اولاد کي سڄي ڄمار واسطو پوندو رهيو، سي فولادي عزم رکڻ وارن ماڻهن کي بہ متزلزل ۽ هراسان بنائڻ لاءِ ڪافي هئا، ليڪن هنن ٻنهي پيءُ ۽ پٽن طرح طرح جي مشڪلاتن جي اونداهيءَ مان پنهنجي لاءِ عمل جي راهه پيدا ڪئي ۽ پنهنجي عزيز وطن جون اهي خدمتون ڪيون جن جو مثال صدين جي تاريخ ۾ نٿو ملي، انهن خدمتن لاءِ صبر ۽ تحمل، تدبر ۽ ڏاهپ، جرئت ۽ شجاعت ۽ انتظامي مهارت ڪانسواءِ هن ڳالهه جي بہ ضرورت هئي تہ هڪ هڪ واقعي جي پڇاڙي ۽ نتيجي تي نظر رکي وڃي ها، ميان يار محمد وانگي، ميان نور محمد خان ۾ بہ اهي وصفون اتم درجي جون موجود هيون.[1]

ميان نور محمد وڏو داناء ماڻهو هو، جڏهن نادر شاهه سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تہ ميان صاحب هڪ منصوبو ٺاهيو تہ نادر شاهه سان مقابلو معنيٰ سنڌ کي باهه ڏيڻ برابر آهي. نادر شاهه سان لڙائي ڪرڻ معنيٰ پاڻ کي برباد ۽ تباهه

[1] غلام رسول مهر "تاريخ سنڌ" عهد ڪلهوڙا، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. سنه 1963ع حصو 6 جلد:1، ص. 493

ڪرڻ آهي، تنهن ڪري هن سوچيو تہ نادر ڪي رُلائي رُلائي، ڊوڙائي ڊوڙائي ٿڪائجي. هن اناج جا سمورا ذخيرا لڪائي ڇڏيا. نتيجو اهو نڪتو جو نادر پويان ميان صاحب اڳيان، ميان صاحب تر منهن ڪيو ۽ عمر ڪوٽ وڃي نڪتو. مگر نادر بہ نادر هو جيڪو ميان صاحب جي پنيان هلندو عمرڪوٽ پهتو. عمرڪوٽ ۾ ميان صاحب نادر وٽ پيش پيو. ميان صاحب ۽ نادر شاهہ جو پاڻ ۾ جيڪو گفتگو ٿيو تنهن ۾ نادر، ميان صاحب کان پڇيو تہ "ٻڌو اٿم تہ تو وٽ قيمتي لعل آهي!" ميان صاحب چيو تہ: "مون وٽ بہ لعل آهن. هڪ اٿو ۽ ٻيو گيهہ. جنهن وٽ اهي بہ شيون هونديون آهن، تن وٽ ڪا بہ کوٽ نہ هوندي آهي." نادر شاهہ ڏاڍو متاثر ٿيو، جيڪو ٿيڻ ڪپندو هو، اهو نہ ٿيو، بلڪ تمام گهٽ نقصان ٿيو.[1]

دنيا ۾ گهٽائي اڪابر ٿي گذريا آهن، جن وصيتناما لکيا، انهن ۾ عالم ۽ صالح بہ آهن، تہ فوجي ۽ سياسي مدبر بہ آهن. ڪلهوڙا خاندان مان ميان نور محمد خان جهڙيءَ طرح سلطنت جي وسعت، حڪمراني جي شان، عظمت ۽ جلال جي لحاظ کان يگانو آهي، اهڙيءَ طرح اهو ئي اڪيلو شخص آهي، جنهن پنهنجي فرزندن لاءِ هڪ مفصل وصيت نامو، ان زماني ۾ مرتب ڪيو، جڏهن نادر شاهہ قتل ٿي چڪو هو. ميان صاحب جا بہ فرزند ايران کان آزادي حاصل ڪري اچي چڪا هئا ۽ ٽئين فرزند متعلق ڪا بہ خبر نہ هئي، تہ ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهي؟

ميان صاحب جو وصيت نامو، جنهن جو نالو هن، منشور الوصيت و دستور الحڪومت، رکيو- بيان ۽ اسلوب جي اعتبار کان ڪٿي ايڏي بلند پايي جو هجي يا نہ، ليڪن جيتريقدر ناصحاڻن نقطن جو تعلق آهي، هي وصيت نامو سچ پچ، تہ هڪ وڏو قيمتي سرمايو آهي، هيءُ هڪ صاف ۽ شفاف آئينو آهي، جنهن ۾ ميان صاحب جي سيرت، مذهبي ۽ عقيدت، سياسي فڪر ۽ سچي زندگيءَ جي تجربن ڪي انهن جي حقيقي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

هيءُ جيتوڻيڪ ڪنهن وڏي عالم جو وصيت نامو نہ آهي، بلڪ هڪ اهڙي شخص جي تحرير آهي، جنهن هوش سنڀالڻ واري وقت کان وٺي، زندگيءَ

[1] ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "نيشنل سيمينار" - "تقرير واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو". مرتب: ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" مورو، 1991ع، ص. 11.

جي آخري دم تائين ملڪ داريءَ ۾ گوناگون ڪشمڪشون ڏٺيون ۽ ظاهري طرح سموريون راتيون ۽ ڏينهن انهيءَ مشغلي ۾ بسر ڪيا. ليڪن ان جي لفظ لفظ مان خدا جي هڪ نيڪ ۽ پر خلوص بندي جي صدا بلند ٿي رهي آهي، ان ۾ نه ته ڪا پنهنجي شان ۽ شوڪت جي نمائش آهي ۽ نه مان ۽ مرتبي تي ڪو فخر جو احساس پيدا ٿئي ٿو، هر قدم تي پنهنجي گنهگاريءَ جو اعتراف آهي، سموريون نصيحتون ۽ وصيتون دين ۽ اخلاق تي ٻڌل آهن ۽ هر فقري مان پڙهڻ يا ٻڌڻ واري جي دل ۾ سچي اسلاميت جو جذبو بيدار ٿئي ٿو. [1]

مياں نور محمد ڪلهوڙو والد جي وفات (1131هه - 1719ع) بعد شخصي حڪومت ۾ پيدا ٿيندڙ مسئلن کان چڱيءَ ريت واقف هو. سندس خيال هو ته، آءٌ پنهنجن پٽن ۽ تعلق وارن لاءِ واضح منشور تيار ڪري وڃان، ته جيئن مون کانپوءِ منهنجا پٽ اقتدار لاءِ ڇڪتاڻ ۽ رتوڇاڻ کان پاسو ڪن ۽ سنڌ جي وحدت کي بحال ۽ برقرار رکن. افسوس جو ميان نور محمد کانپوءِ سندس پٽن، پنهنجي لائق، مدبر ۽ شفيق پيءُ جي وصيت ۽ نصيحت تي عمل نه ڪيو! ان بعد ڇا ٿيو؟ اهو تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهي.

بهرحال منشور الوصيت ۾ زماني شناس ۽ دوررانديش حڪمران ميان نور محمد جي مثالي زندگيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو. سندس نيڪ خيالن، رٿن ۽ راين، توڙي دوراندیشي ۽ ڏاهپ وارن نقطن کي ڏسي ۽ پڙهي اندازو ڪري سگهجي ٿو، ته پاڻ ڪيڏو نه عالي ظرف انسان، مثالي حڪمران، دور انديش ۽ مهربان والد ۽ سنڌ جو سچو دوست هو. خدا مٿس رحمت ڪري!

منشور الوصيت، ميان نور محمد جي طويل غور و فڪر جي نتيجن، مشاهدن، تجربن، اعليٰ اخلاقي قدرن، اصولن ۽ ناصحاڻن نقطن سان ڀرپور دستور الحڪومت آهي. منشور الوصيت ۾ مقدمو، ٻٽيهه عنوان ۽ خاتمو شامل آهي. منشور ۾ الله تعاليٰ جي عبادت، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي رسالت، عالمن ۽ صالحن سان صحبت، اهلبيت جي محنت، پدري شفقت، خير خواهي، قرآن ڪريم ۽ درود شريف جي پڙهڻ جي ترغيب، موت جي يادگيريءَ، ڪسر نفسي، سادگي، روزي ۽ نماز، ورد وظيفي، شرعيت ۽ طريقت، عدل ۽ انصاف، خوف خدا، ملڪي ورهاست، مردم شناسي ۽ سياست جو پورو نقشو چٽيل آهي.

---

[1] "تاريخ سنڌ"، عهد ڪلهوڙا، جلد: 1، ص. 477.

اميد تہ منشور الوصيت جو سنڌي ترجمو سنڌ جي علمي ادبي دنيا ۾ هر خاص و عام کي فائدو ڏيندو ۽ پڻ سنڌ جي حڪمران طرفان لکيل تاريخ دستاويز طور يادگار رهندو.

ڪَر طرِيقَت تکيو، شَريَعَت سُجَاڻ،
هِنئون حقيقت هير تُون، ماڳُ معرفت ڄاڻ،
هوءِ ثابُوتيءَ ساڻ، تہ پُسٽان پالهو رهين.

(شاهہ)

طالب العلم

**عبدالرسول قادري**

ڳوٺ دڙي مگسي، سڪرنڊ،
ضلعو نوابشاهہ، سنڌ

11- محرم الحرام 1426هجري
بمطابق 21- فيبروري 2005ع

# تعارف

## متن جي تياري

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي هيءُ وصيتنامو دراصل منهنجي برادر بزرگ، سيد علي محمد راشديءَ اڄ ڪان 33 ورهيہ اڳ، 4 آگسٽ 1931ع جو، هڪ خطي بياض[1] تان خوبصورت خط ۾ نقل ڪري ڇپائڻ لاءِ تيار ڪيو هو.[2] اهو نسخو جيئن جو تيئن رکيو رهيو، نہ وسيلو ٿيو، نہ ڇپجي سگهيو.

سنڌي ادبي بورڊ 1955ع ۾ جڏهن تاريخ سنڌ جي اصل مواد شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ان وقت انهيءَ وصيت نامي کي بہ فهرست ۾ شامل ڪيو ويو. نظرثانيءَ جو ڪم منهنجي سپرد هو. مون ضرورت محسوس ڪئي، تہ ان جو ٻيو نسخو ڳولي ڪڍجي، تہ جيئن مقابلو ڪري صحيح متن تيار ڪيو وڃي، چنانچہ ڳولا ڪندي مولانا محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسينيءَ جي ڪتبخاني ۾، مير ڪرم علي خان ٽالپر واليءَ سنڌ (وفات: ڊسمبر 1828ع جي خاص ڪتبخاني جو آواره نسخو ملي ويو، جنهن جي ترقيمہ جي عبارت هيءَ آهي.

"ختم شد، اين نصيحت نامہ
نور محمد خان عباسي ، بموجب
ارشاد قيصر شان، بندگان
مير بي نظير عالي ضمير،
ولا تدبير، خان ذي شان،
سمو المڪان، نذير ڪرده حضرت
شاه مردان، شير يزدان،
مير صاحب والا مناقب،

---

[1] اهو بياض مرحوم خانبهادر شاهنواز خان ڊکڻ (زميندار ڊکڻ، تعلقو ڳڙهي ياسين) جو هو، جنهن کي منشي علي بخش لکي تيار ڪيو هو، خانبهادر مرحوم منهنجي جد بزرگوار، پير شاه مرحوم و مغفور کي ڏنو. هن وقت اهو بياض مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، خبر ناهي تہ ڪڏهن واپس ملي.

[2] اهو نسخو راشدي صاحب مٿينءَ تاريخ تي پنهنجي ڳوٺ بهمڻ (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ لکي تيار ڪيو ۽ هن وقت راقم الحروف جي ذخيري ۾ آهي.

مير ڪرم علي خان مدظلہ العالي

از دست

فقيـر سـيد مهـر علـي بتـاريخ بيسـت

و ششم ماهہ جمادي الثاني سن 1208هہ

صورت اتَمام يافت."

انهيءَ نسخي مهيا ٿيڻ بعد، راشدي صاحب واري نسخي کي اساس بڻائي، پيٺا ڪئي وئي، ڪتاب جون ڪجھ البت اڪيچار هيون، ليڪن اهم اختلاف ٿورا نڪتا. بهرحال جيڪي اختلاف نظر انداز ڪرڻ جي قابل نہ سمجهيا ويا، انهن کي (گ) جي علامت سان حاشيي ۾ ڏيئي موجود متن تيار ڪيو ويو.

## اهميت

هن وصيت نامي کي تاريخي نقطي نگاهہ کان وڏي اهميت آهي. پڙهندڙ کي انهيءَ منشور مان هيٺيون مصالحو مهيا ٿئي ٿو:

(1) انهيءَ زماني جا سياسي خواهہ سماجي، حالات، ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ ميان صاحب جون ڪيل نصيحتون.

(2) ميان صاحب جي خود پنهنجي مزاج ۽ طبعيت جو ميل ۽ لاڙو.

(3) حڪمرانيءَ جي نظام لاءِ سندس ناهيل بنيادي اصول.

(4) ڪلهوڙن جي رهڻي ڪهڻي، کائڻ پيئڻ، لٽي ڪپڙي ۽ عام اٿيءَ وينيءَ جي چٽي تصوير، مثلاً: عبادت ۽ وظيفي ڏانهن رغبت، قيلولو ڪرڻ، سادو کاڌو کائڻ، پرهيزگاريءَ ۽ طهارت کي زندگيءَ جو جزو بنائڻ، سخاوت، خيرات، محتاج نوازي، ساداتن جي خبرگيري، ڪلام مجيد جي تلاوت سان شغف، "سيفي ۽ حزب البحر" جي وظيفي جو رواج، صلوات شريف جو ورد، عالمن ۽ صالحن سان سلوڪ، محبت ۽ انهن جي صحبت ڏانهن ميل، شريفن جي رضامنديءَ ڏانهن رغبت ۽ رذيلن کان پاسو ۽ پرهيز، استقلال ۽ همت، فروتني ۽ ڪسر نفسي، هر ڪنهن سان نياز ۽ نوڙت.

(5) ميڙ منت، يعني قرآن مٿي تي کڻي، سيدن کي ساڻ ڪري هلڻ جو رواج، جيڪو اڄ تائين سنڌ ۾ هليو اچي. سو پائنجي ٿو، تہ انهيءَ دؤر ۾ شروع ٿيو هو ۽ انهيءَ جو ڪارڻ شايد اهو ٿيو جو سنڌ جا ماڻهو، مغلن جي غلاميءَ ۾ رهڻ ۽ نااميديءَ ۽ نراسائيءَ ۾ ڏيڍ صدي گذارڻ سبب، خود

اعتمادي وڃائي وينا هئا. ۽ احساس ڪمتري منجهن انهيءَ حد تائين گهر ڪري چڪي هئي جو پنهنجن تائين پهچي انصاف حاصل ڪرڻ بہ ڪين اٽائو تي لڳو. مغلن جي ڏاريءَ دربار ڪين ايترو پري رکيو هو جو پنهنجن وٽ بہ تنها وڃڻ جي ڪين جرئت ڪا نہ تيندي هئي. تنهن ڪري قرآن مجيد ۽ ساداتن جي سهاري تي پهچڻ جو طريقو ماڻهن کي آسان لڳو جو ڪلهوڙا مذهبي ماڻهو هئا، سيد ۽ ساک جي ڪين وڏي ساڃهہ هئي.

(6) مقدمن ۾ بهر صورت انصاف ڏيڻ ڪلهوڙن جو اٽڙ اصول هو. انهيءَ ڪري ميان صاحب بار بار پنهنجن کي تاڪيد ڪيو آهي. انصاف ڪندي هٿن پيرن وڍڻ واريءَ سزا جي ميان صاحب سخت ممانعت ڪئي آهي، ڇاڪاڻ تہ حق ۽ ناحق جو پتو تمام دير سان پوي ٿو. ممڪن آهي، ڪنهن انسان جو عضوي کي اجايو ڪاري وڃجي.

(7) باهمي محبت ۽ هم آهنگيءَ سان رهڻ جو پڻ ميان صاحب اولاد کي بار بار تاڪيد ڪيو آهي، ليڪن افسوس جو سندس اکين بوٽڻ بعد سندن پويان انهيءَ تي عمل ڪري ڪو نہ سگهيا ۽ نتيجو اهو نڪتو جو پاڻ ۾ وڙهي، نيٺ حڪومت وڃائي وينا.

(8) ڪلهوڙا سيد ميران محمد جونپوريءَ جا مريد هئا. معلوم ٿئي ٿو تہ ڄام نظام الدين سمي جي دؤر کان وٺي ڪلهوڙن جي عهد تائين مهدوي طريقي جو سنڌ اندر ڪافي رواج رهيو. ٽالپر جي دؤر ۾ انهي سلسلي کي نقصان پهتو.

(9) سڀ کان اهم معلومات، وصيتنامي منجهان، ملڪ جي ورهاست متعلق حاصل ٿئي ٿي. ڪهڙا پرڳڻا ڪنهن جي حوالي هئا، اهو پتو هن مان پوي ٿو.

(10) نادر شاهہ جي فتني متعلق ميان صاحب جا جذبات ("سفاڪ ناپاڪ") وغيره.

(11) هن وصيتنامي منجهان ئي اسان کي اها خبر پئي آهي تہ سنڌ جو قومي ڪتبخانو نادر شاهہ لٽي ڪٽي ويو هو.[1]

(12) نادر شاهہ ميان صاحب جا پٽ يرغمال ڪري ايران وٺي ويو هو. محمد مراداياب کي جنهن نموني سان ميان صاحب مرحوم وصيت ۾ مختلف

[1] نادر شاهہ اهي ڪتاب مشهد مقدس جي رضويہ ڪتبخاني ۾ وقف ڪري ڏنا. جيڪي اڄا تائين اتي موجود آهن. لشڪرن کي جيڪي ڪتاب هٿ لڳا سي ايران جي ذاتي ڪتبخانن ۾ نظر پيا اچن.

جاين تي ياد ڪيو آهي، انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ڪيس ڪيتري قدر اولاد سان محبت هئي!

(13) محصول ۽ انهن جي اڳاڙڻ جا قاعدا ۽ طريقا پڻ هن وصيتنامي مان معلوم ٿين ٿا. ميان صاحب وڏي شدمد سان خَسري وغيره ۾ صحيح انگن اکرن لکڻ تي زور ڏنو آهي ۽ پنهنجي اولاد کي دفتري مُنشين جي چالاڪين کان آگاهہ ڪيو اٿس.

(14) قلات جي بروهين، شڪاربور جي دائود پوٽن، دهليءَ جي مغلن، ايپي جي فقيرن ۽ سيويءَ ۽ گنجابي متعلق جيڪا پاليسي ميان صاحب مقرر ڪئي هئي، ان جو پڻ پتو پوي ٿو.

**تاليف:**

وصيتنامي ۾ تاريخ لکيل ڪا نہ آهي، ليڪن متن پڙهندي معلوم ٿئي ٿو، تہ سال 62-1163هہ ڌاري لکيو ويو، جنهن جا دليل هي آهن:

(الف) محمد مراداياب ايران مان اجا واپس نہ آيو هو، جو اها وصيت لکي ويئي. غلام شاهہ ۽ عطر خان يانئجي ٿو، واپس پهچي چڪا هئا. پويان بيئي صاحبزادا سنہ 1162هہ (1749ع) ۾ وطن پهتا، ۽ محمد مراداياب سنہ 1164هہ ۾ آيو. انهيءَ مان اهو ئي نتيجو نڪري ٿو، تہ ميان صاحب وصيت سنہ 1162هہ کانپوءِ ۽ سنہ 1164هہ کان اڳ لکي.

(ب) وصيت ۾ شيخ غلام محمد ۽ سندس ڀاءُ شيخ شڪرالله جو ذڪر آيو آهي. اهڙيءَ ريت، جو صاف ظاهر پيو ٿئي، تہ شيخ غلام محمد، جيڪو ايران مان ميان محمد مراداياب خان سان گڏيو تي آيو، ان جي شهيد ٿيڻ جي خبر اجا مسقط مان هتي ڪا نہ پهتي هئي.

شيخ غلام محمد جڏهن مسقط پهتو، تہ ڪيس سنہ 1163هہ ۾ ڪنهن خنجر هٽي ماري وڌو، بقول صاحب "تحفة الڪرام"[1] جي، تہ اها خبر سنہ 1163هہ ۾ هتي پهتي. انهيءَ مان واضح ٿيو، تہ ميان غلام شاهہ ۽ ميان عطر خان جي اچڻ (1162هہ) کانپوءِ ۽ شيخ غلام محمد جي شهادت واريءَ خبر پهچڻ (1163هہ) کان اڳ اها وصيت قلمبند ڪئي وئي.

---

[1] "تحفة الڪرام"، جلد: 3، ص، 111.

# ضميما

ڪلهوڙن جي دور تاريخ تي جيتوڻيڪ سنڌي ادبي بورڊ پن جلدن ۾ مفصل تاريخ لکرائي آهي.[1] تاهم پنهنجيءَ جاءِ تي هن ڳالهه جي ضرورت قائم آهي، تہ انهيءَ دور تي جيڪو تاريخي مواد هٿ اچي، سو اصلي صورت ۾ ڇپائي محفوظ ڪري ڇڏجي، تہ جيئن آئنده جي لکندڙن کي ڳولا ڦولا جي زحمت سهڻي نہ پوي.

هن وصيت جي آخر ۾، انهيءَ جي مد نظر، هيٺينءَ ريت اٺ ضميما شامل ڪيا ويا آهن:

## 1. جهوڪ واريءَ جنگ متعلق ٽي خط

شاه عنايت صوفيءَ جي شهادت (1130هہ) جو سانحو، ٻارهين صديءَ جي ابتدائي دور جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي. انهيءَ ظالماڻي ڪاروائيءَ ۾ جيڪي ڏريون مغلن سان ڪلهوڪلهي ۾ ڏيئي بيٺيون، انهن جي پيشانيءَ تان بدناميءَ جو ٽِڪو ۽ انهن جي دامن تان اهو خوني داغ، نہ لهڻ جو آهي، نہ ڌوپڻ جو. جيئن جيئن انساني عظمت ۽ فڪري آزاديءَ جو شعور پختو ٿيندو ويندو، تيئن تيئن انهيءَ ناحقي خون جو جرم ۽ ان واقعي جي سنگيني وڌندي ويندي.

اهو حادثو سنڌ اندر مغلن جي زوال واري دور ۾ ٿيو، ۽ اهو الميو تڏهن ٿيو، جڏهن ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي ابتدا ٿي رهي هئي. سيوهڻ تائين ميان يار محمد ڪلهوڙي جو قبضو ٿي چڪو هو، ۽ ٺٽي واري حصي مٿان سندس اکيون هيون .

هن ڪتاب ۾ پهريون ضميمو انهن ٽن خطن جو آهي، جي جهوڪ منجهان جنگ هلندي لکيا ويا.

پهريون خط ميان يار محمد ڪلهوڙي جو آهي، جيڪو پنهنجي وليعهد، ميان نور محمد ڪلهوڙي ڏانهن لکيو اٿس. ٻيو خط ملتان جي صوبيدار سيد حسين خان جي پٽ جي ڪارنامن متعلق آهي، جي هن جهوڪ واريءَ جنگ ۾ سر انجام ڏنا. ٽيون خط آهي ميران سنگهه کتريءَ جو جيڪو پڻ جنگ جي ميدان مان لکيو ويو آهي.

اهي ٽيئي خط جنگ جي حقيقت، مغلن جي نيت ۽ واقعي جي نوعيت تي تفصيلي روشني وجهن ٿا، جنگ جو سٽاءُ ڪيئن ٿيو، ڪهڙي ريت مقابلا ۽

[1] تاليف - مولانا غلام رسول "مهر"

مجادلا ٿيا، ڪهڙن ماڻهن ڪهڙو نمايان ڪم ڪيو. ڪيستائين جنگ هلي، ۽ ڪيئن انهيءَ حادثي جو انجام ۽ اختتام ٿيو؟

هنن خطن ۾ جيڪو ڪجهه بيان ٿيل آهي، سو ٻيءَ ڪنهن تاريخ يا تحرير ۾ موجود ڪو نہ آهي: گويا اهي ٿيئي خط آهن جيڪي جهوڪ واري حادثي متعلق اکين ڏٺو، صحيح ۽ سچو احوال ٻڌائين ٿا.[1]

اهي خط ٻن خطي بياضن تان ورتا ويا آهن. جيڪي سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملڪيت آهن ۽ ٻهريون دفعو شايع ٿي رهيا آهن.

## 2. مڪاتيب انندرام "مخلص"

محمد شاهہ جي وزيراعظم قمر الدين خان اعتماد الدولہ جي وڪيل، راءِ رايان انند رام "مخلص" (1111هہ / 1164ع) جا چار خط شايع ڪيا وڃن ٿا، جيڪي هن ميان نور محمد ۽ سندس پرڏيهي وزير سيد لطف الله عرف مير متاري ڏانهن، سندس لکيل خطن جي جواب ۾ موڪليا آهن.[2] انهن خطن مان ڪلهوڙن جي تاريخ ۾ مولانا غلام رسول مهر جزوي ڪم ورتو آهي، جنهن ڪري ضرورت آهي تہ انهن جو پورو متن شايع ڪيو وڃي.

"مخلص" پنهنجن خطن جو مجموعو ،"رقعات مخلص" جي نالي سان، پاڻ 21- ربيع الاول 1149هہ ۾ مرتب ڪيو هو. ٻهريون دفعو اهو مجموعو، 1268هہ ۾، "انشاي انندرام" جي عنوان سان، دهليءَ جي شمس المطابع مان (27 - شوال 1268هہ / 1852ع ) شايع ٿيو، جيڪو هن وقت ناياب آهي.

هتي جيڪو متن ڏنو وڃي ٿو سو مون هڪ خطي نسخي [3] تان درست ڪيو آهي. خط جيڪي صفحي نمبر تي ايندا، هن ريت آهن:

1. هڪ خط ميان نور محمد جي نالي.

---

[1] جهوڪ جي واقعي تي راقم الحروف جا "نئين زندگي" ۾ شايع ٿيل مضمون پڙهڻ گهرجن.

[2] مير لطف الله عرف مير متارو ولد مير عبدالڪريم، لڪياري سادات مان هو، ابتدا ۾ ميان نور محمد طرفان دهلي ۾ سفير ٿي رهيو، ان کانپوءِ سنڌ جو وزيراعظم ٿيو، عالم ۽ ادب نواز هو.
"رجا" نئوي سندس وفات (1161هہ) تي قطعو چيو آهي، جنهن جو تاريخي شعر آهي:

رڪہ آمد بر سر قبرش، بتاريخ وفات.
حمت ايزد بجان مير لطف الله، گفت.

(مقالات الشعرا، ص. 225)

[3] اهو نسخو منهنجي ذخيري ۾ آهي، جنهن جو ترقيمہ هن ريت آهي: "اختتام الرقعات لطيف منشي انندرام قوم کتري متخلص بہ "مخلص"، صورت اختتام يافت. درمقام چاوني ججهر در عهد نواب فيض محمد خان بهادر، درسنہ يک هزار دو صد چهل و نہ روز جمعہ..... جيٺهہ. 1890ع تمام شد، نوشتہ شاديرام....."

2. ٽي خط مير لطف الله جي نالي:

## 3. وقائع بدائع از انندرام "مخلص"

انندرام "مخلص" جي ڪتاب "وقائع بدائع" مان اهي اقتباس ضميمي طور ڏنا ويا آهن، جن جو تعلق سنڌ سان آهي.

اهي اقتباس سنڌ اندر نادر شاهه افشار جي پيدا ڪيل فتني متعلق آهن، اهي واقعا بين تاريخن ۾ به آيل آهن، ليڪن انندرام "مخلص" جي هن لکت کي هن ڪري خاص اهميت حاصل آهي جو هو پاڻ انهن سيني واقعن مان ذاتي طرح واقف هو. هن جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو هڪ عيني شاهد جي حيثيت ۾ لکيو آهي، تنهنڪري تاريخي طرح انهن اقتباسن جي افاديت مسلم آهي.

انهن اقتباسن ۾ اهو عهدنامو پڻ شامل آهي، جيڪو محمد شاهه مغل ۽ نادر شاهه افشار جي وچ ۾ ٿيو. جنهن ۾ سنڌ جي سپردگي ۽ ان جو صورتحال موجود آهي، ازان سواءِ نادر شاهه جي سنڌ تي ڪاهه، ميان نور محمد وٽ عمرڪوٽ ۾ پهچڻ ۽ ڪيل قرلٽ جو دلچسپ ۽ اهم داستان پڻ انهن اقتباسن ۾ ملي ٿو.

انندرام "مخلص" [1] جو اهو ڪتاب "وقائع بدائع" تاريخ تي آهي، ڪتاب

---

[1] راءِ رايان انندرام "مخلص" جو شجرو هن ريت آهي:

گچپت راءِ
(وينل سودهره ضلع سيالڪوٽ ملازم اسد خان وزير و مير يحيٰ ذوالفقار خان بهادر)

راجا ديا رام
(متعتمد محمد شاهه بادشاهه)
سڪپت رام — بسنت رام

راجا هرديرام
(وڪيل اعتماد الدولہ محمد امين
بهادر نصرت جنگ وزير محمد شاهه)
لالہ لڇو رام

انند رام "مخلص"
(1111هه _ 1164هه / 1699ع _ 1750ع

راءِ ڪرپا رام — راءِ فتح سنگهه

"مخلص" پنهنجي ٽن پوٽن جو ذڪر ڪيو آهي، ليڪن سندن والد جو نالو ڪونہ ڄاڻايو اٿس.
(1) مصاحب سنگهه، تولد: 1149 هه
(2) هونهار(؟) نالي جي خبر نہ پئي.
(3) زور آور سنگهه "عاجز" شاگرد "غريب".

اجا تائين شايع ڪونہ ٿيو آهي. مولانا محمد شفيع مرحوم ان جا چند اقتباس، ”اورينٽل ڪاليج ميگزين“ ۾[1] مختلف نسخن تان پيٽي شايع ڪيا هئا. هتي ڏنل اقتباس انهيءَ شايع ٿيل حصي تان ورتا ويا آهن. انهن تي جيڪي حاشيا آهن، تن مان گهڻا مولانا مرحوم جا آهن ۽ ڪن جو اضافو راقم الحروف بہ ڪيو آهي.

## 4. نادر نامہ

ٻارهين صدي هجري سنڌ لاءِ سياڳي بہ هئي ۽ اَڀاڳي بہ. سياڳي ان لاءِ، تہ مغلن جي ڏيڍ سئو ورهين واريءَ غلاميءَ کان سنڌ کي نجات ملي، جنهن جي پيڙا سنڌين جو ست ۽ رت سڪائي ڇڏيو هو. اَڀاڳي ان ڪري جو غيرن جي بالادستيءَ سنڌي ذهن، فڪر، معاشري ۽ معيشت ۾ جيڪي ناسور پيدا ڪيا ۽ نقصان رسايا، تن جو درمان ٿيڻ اجا مس شروع ٿيو، تہ متان اچي نادر افشار جو قهر ڪڙڪيو، جنهن آزاديءَ جي نئينءَ اڏاوت جا سيئي بنياد هڪ دفعو وري لوڏي ڇڏيا.

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو اهو وڏي ۾ وڏو الميو آهي، جيڪو ميان نور محمد جي دور ۾ ٿيو، جنهن ميان صاحب جي سيني ارادن کي ختم ۽ سندس همت جي سيني بلندين کي پست ڪري ڇڏيو. ”وصيت“ ۾ نهايت دردناڪ لهجي ۾ انهيءَ واقعي جا اشارا موجود آهن.

هن چوٿين ضميمي ۾ اسين سنڌ اندر نادر جي آمد سان تعلق رکندڙ اقتباس، هڪ خطي ڪتاب ”نادر نامہ“ مان ڏيئي رهيا آهيون.

نادر شاهہ جي سوانح ۽ ڪارنامن تي جيڪي ڪتاب سندس زماني ۾ يا ڪانئس پوءِ جي قريبي دور اندر لکيا ويا آهن. انهن مان هڪ اهو ”نادرنامہ“ يا ”شہ نامہ نادري“ بہ آهي. جنهن جو تنها خطي نسخو ڪراچيءَ جي قومي ميوزم ۾ موجود آهي. نادر شاهہ تي ڪم ڪندڙن مان ڪنهن کي بہ انهيءَ ڪتاب جو ڏس پتو ڪونہ پيو آهي، جنهنڪري ان ۾ آيل مواد اڻڇهيل آهي، ۽ سنڌ سان تعلق رکندڙ حصو پهريون دفعو هن ضميمي جي ذريعي عام اڳيان آندو پيو وڃي.

---

[1] ”اورينٽل ڪاليج ميگزين“، نومبر 1949ع، فيبروري 1950ع آگسٽ 1950ع، نومبر 1950ع، ضميمو ”اورينٽل ڪاليج ميگزين“ مئي 1951ع آگسٽ 1951ع وغيره. مولانا جي پيش نظر پنجاب يونيورسٽيءَ جو نسخو هو، عليڳڙهہ ۽ پٽنا جي نسخن تان بہ پيٽيل آهي.

”نادر نامه“ جي مصنف جو پتو ڪونہ ٿو پوي، ڪتاب جي سلسلي ۾، مصنف ”در بيان ختم ڪتاب“ جي سرخيءَ هيٺ جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، ان جا ضروري شعر هيٺ ڏجن ٿا . انهيءَ مذڪور ڪان وڏيڪ ڪتاب جي سلسلي ۾ ٻي ڪابہ معلومات هٿ ۾ ڪانہ آهي.مصنف پنهنجي دور متعلق چند شعر چئي، لکيو آهي:

ازيــــن دور ايـــــام ناپـــــايدار
سراســر زدي از دل ايــن خــار خــار
ڪــ از شعر ريـزم اساســي چنــان
ڪــ نــامي برآيــد بگيتــي ازان
بنظــر يڪــي داســتان، شــگرف
ڪنم روز ڪي چنـد، اوقات صرف
پســـند آمـــدم زينهمـــ داوري
هميــن نظــم ”شــ نامــ، نــادري“
پس از عـهـد شاهان صفوي نـزاد
چــو، آن خــرو ترڪمـــاني نـــزاد
نڪـرده ز شـــاهان مـــالڪ رقـــاب
ڪسي پـاي نامــ آوري در رڪـاب
ســتم بــود ڪاثـــار آن شــهر يـــار
شــود محــو از صفحئــ روزگـــار
سزا وار بـود او بدين گيــر و بسـت
ڪ تحرير نامش ڪنم رنـگ بست
شـود از سـخن، نامــ شـاهان بلنـد
شـــود دولـــت آبـــرو ارجمنـــد

...............

بتڪليــف خـــان، ثــرَيــا جنـــاب
خديــو ســـرافراز مـــالڪ رقـــاب
اميـري ڪــ باشـد در ايـن انجمـن
ز فيضش مرا سـاز و بـرگـر سـخـن

.........

سخن سنج خنا بعدالت شعار
که باشد بدولت خراسان مدار
چو از قدر داني، در اين انجمن
شکوهش در آورد روي، بمن
ز فرمايش ان سپهر هنر
نپوشيد مغرور انديشه سر
چو از کارفرما ست روي، دلي
نماند براه خرد مشکلي
چو زد قرعه، نظم اين داستان
بنام من آن سرور راستان
در اقصائي ايران بنظم سخن
مرا يافت ممتاز اين انجمن

...........

بفرمائش خان ترکي نسب
که شد نظم اين داستان را سبب
بشاخ، قلم، گلبن، گفتگو
شگفت، از سحاب نم فيض او
بتحرير اين داستان شگرف
اساسي بر افگندم از صوت و حرف

.........

بعرض يکي سال فرخنده فال
سرائيدم از راستي اين مقال
هماناکه، ابياتش اندر شمار
کم از هيفده تا به نود هزار

.........

"فردوسيءَ" جو ذکر کندي چوي ٿو: هو ٽيهن سالن جي مدت ۾ سٺ هزار شعر جوڙي سگهيو ۽ هن پاڻ اهڙي نازڪ دور اندر، جنهن ۾ ڪيئي انقلاب ۽ مختلف قسم جا فتنا ۽ فساد موجود آهن، اطمينان ۽ يڪسوئي ڪنهن کي نصيب ڪون آهي، فقط چوڏهن مهينن جي مختصر عرصي اندر نوي

هزار [1] شعر تصنيف ڪري ورتا.

ازين پيش در معرض ماه و سال
سپهر ستمگر ندا دم مجال
بدين ضابطہ چارده ماه پيش
نڪردم ڪنون صرف اوقات خويش

....................

الاهي چو اين نامہ، دل پذير
رقم ڪردم از خامہ، خورده گير
بسي رنج بردم بڪنج، خيال
ڪہ اين، اختر آمد برون از وبال
نہ از گرم بازاري، لطف خويش
ز سر منزل شهرتش پاي پيش
ازين نو نياز بهار سخن
بنوعي بر آورد آن انجمن
ڪہ آويزه، گوش هر ڪس شود
ڪهن داستانها زيادش رود
بيا ساقي اي ديده روشن ز تو
بيا ساقي اي خانہ گلشن ز تو
بشڪرانہ ام بخش جام نبيد
ڪ "تاريخ نادر" بيان رَسيد
پس از الف وصد چونڪہ هفتاد دو
نورديد اين خرگہ چار تو
بماه ربيع لخست اين مقال
بسر برد اين ڪلڪ فرخنده فال[2]

متئين مذڪور مان نہ مصنف جو نالو معلوم ٿئي ٿو. ۽ نہ انهيءَ امير جو نالو ظاهر ٿئي ٿو. جنهن جي فرمائش تي "نادر نامہ" تصنيف ٿيو. ايترو پتو پوي ٿو، تہ شاعر اها مثنوي هڪ ترڪي نسب امير جي فرمائش تي لکي،

---

[1] مذڪوره نسخي ۾ جملي 15382 شعر آهن.

[2] انهيءَ شعر تي ڪتاب ختم ٿئي ٿو. ڪتاب جي ابتدا هن شعر سان آهي:

جهان خيزد از جا برقص و سماع — چواختر از مهر در آرد شعاع(ڪذا)

جيڪو انهيءَ وقت خراسان جو حاڪم يا آستاندار هو. ڪتاب جو نالو ”شهنامه نادري“ يا ”تاريخ نادر“ رکيو ويو. چوڏهن مهينن جي اندر نوي هزارن تي مشتمل اها مثنوي، ربيع الاول 1172هه ۾ مڪمل ٿي. يعني نادر شاهه جي قتل(صبح، آچر، يارهين جمادي الثاني 1160هه) کان پورا ٻارنهن ورهين پوءِ لکي ويئي، جنهن وقت نادر شاهه جا همعصر ۽ ساڻس گڏ رهندڙ امير، لشڪري، عهديدار ۽ ماڻهو موجود هئا. ۽ واقعات جا ڏسندڙ ۽ سندس دور جا عيني شاهد زنده هئا.

ڪتاب ۾ جملي 298 صفحا آهن، ۽ هر صفحي تي 26 سٽون آهن، ڪتاب جا پهريان چند ورق ڪٽل آهن، خاتمي ۾ ترقيمو ڪونهي، جنهن مان ڪاتب جو نالو يا ڪتابت جو سال معلوم ٿئي. ڪتابت جي پڇاڙيءَ ۾ هيٺئين سٽ ڪتاب جي خط کان مختلف، بلڪ بد خط ۾ لکيل آهي:

اين ڪتاب” نادر نامه“ [1] از
محمد(اسد يا سليم) خان

هيٺيون پنج مهرون آهن، جن مان ٿي ڊنل ۽ ٻه ظاهر آهن.

چوڪور مهر تي عبارت آهي:

_ الملڪ لا الـه الا الله
الحق المبين غزنين 1184 هه

---

[1] ڪتاب جي ڪنهن ٻه بيت ۾ اهو نالو ڪونه آهي، فقط انهيءَ جاءِ تي ڪتاب لاءِ”نادر نامه“ جو نالو ڪتب آندو ويو آهي. ڪتاب جي متن ۾ ٻه نالا آيا آهن : ”شه نامه نادري“ ۽ ”تاريخ نادر“ . ”نادر نامه“ جي عنوان سان، نادر شاهه جي احوال ۾، نظام الدين عشرت جي هڪ مثنوي آهي، جنهن جو هڪ نسخو پشاور جي پشتو اڪيڊميءَ ۾ موجود آهي، جنهن کي مصنف جي فرمائش تي، محمد علي ڪاتب، 21 - جمادي الاول، آچر ڏينهن 1169هه ۾ ٻپهريءَ جو، نقل ڪري پورو ڪيو، مثنويءَ جا پهريان ٻه بيت هي آهن:

بنام شهنشاه اقليم بخش
ستانندۀ تخت، و ديهيم بخش
ڪشائندۀ مشڪلات شهان
پناه سري سرڪشانِ جهان

خاتمو هن شعر تي ٿيو آهي:

غمت مايۀ عشرت من بود
ڪه آتش به پروانه گلشن بود
الاهي ز آغاز و انجام من
سحر گاه عيدي ڪني روز من

سنڌ متعلق هن مثنويءَ ۾ ڪوبه احوال ڪونه آهي.

بيءَ بيضوي مهر جو هيءَ مضمون آهي:

_ عبده غزنين 1192هه

## 5. نامۂ نغز

پنجين ضميمي ۾ ”نامۂ نغز“ مان نادر شاهه جي سنڌ ۾ آمد متعلق اقتباس ڏنو ويو آهي.

مثنوي ”نامه نغز“، ڪلهوڙن جي تاريخ ۾، باغ علي سنڌيءَ جي تصنيف (1155 هه) آهي ۽ رڳو اهوئي هڪ سنڌي مصنف جو لکيل ماخذ آهي، جنهن ۾ سنڌ تي نادر جي چڙهائيءَ جو نهايت مفصل ۽ چشم ديد احوال نظم ۾ ڏنو ويو آهي. انهيءَ واقعي کان علاوه بہ نادر شاهه متعلق منجهس تمام گهڻو مواد موجود آهي.

ڪتاب جو واحد نسخو سنڌ جي قومي ڪتبخاني [1] ۾ محفوظ آهي، جنهن تان ورتل هڪ نقل سنڌي ادبي بورڊ جي ذخيري ۾ بہ شامل آهي. [2]

فني لحاظ کان ”نامۂ نغز“ ۾ ڪابہ خوبي ڪانہ آهي، بلڪ سون سقمن سان ڀريل آهي - شعر بي مزي، جابجا غلط، سڪتو ۽ ٻيا منجهس اڪيچار شاعراڻا عيب اٿس- ليڪن مضمون جي لحاظ کان ڪتاب نهايت بيش قيمت آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪلهوڙن متعلق منجهس جيڪي ڪجهہ ملي ٿو، سو ٻيءَ ڪنهن بہ تاريخ يا ڪتاب ۾ موجود ڪونہ آهي. مواد جي اهميت، مثنويءَ ۾ آيل مضمونن جي هيٺينءَ فهرست مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. فهرست ۾ عنوانن جي سامهون شعرن جو تعداد ڏنو ويو آهي، جيئن معلوم ٿئي، تہ هر مضمون جو ڪيترن شعرن ۾ احاطو ڪيو ويو آهي.

## مضمونن جي فهرست

| | شعرن جو تعداد |
|---|---|
| ❖ [مُـنڊ] | 88 |
| ❖ اڳين بادشاهن جي تعريف ۽ بيان | 110 |
| ❖ خدا يار خان جي سربلندي، لقب ملڻ ۽ سندس فرزندن جو احوال | 10 |

---

(1) اهو ڪتاب مرحوم عثمان علي انصاريءَ سرڪاري طرح ”سنڌي ادبي بورڊ“ لاءِ خريد ڪيو هو، ليڪن معلوم نہ آهي، تہ مرحوم انهيءَ جي بجاءِ ”سنڌ لائبريريءَ“ کي ڇو ڏنو.

(2) اصلي نسخي جي ڪتابت 5 - جمادي الآخر 1166هه (19 - اپريل 1753ع) جو، ملا الهہ بخش فاروقيءَ جي فرمائش تي، محمد شريف فاروقي مڪمل ڪئي، ”سنڌي ادبي بورڊ“ انهيءَ نسخي تان 1953ع ۾، مولوي اعجاز الحق قدوسيءَ کان پنهنجي ڪتبخاني لاءِ نقل تيار ڪرايو.

❖ شاھ اشرف جو خاران اچڻ ۽ پريزبان سان ملاقات جو احوال 49
❖ نادر شاھ جو اردبيل ۾ اچڻ ۽ طاقت ظاھر ٿيڻ ۽ شاھ عباس کي گهرائڻ 69
❖ اصفهان ۾ نادر شاھ جو تخت تي ويهڻ ۽ قنڌار ڏي لشڪر سازي ڪرڻ 54
❖ حسين خان واليءِ قنڌار جو نادر شاھ جي لشڪر ۾ راتاهو هڻڻ 81
❖ نادر شاھ جو هندستان طرف ڪاهڻ جو دلي ارادو ۽ حسين خان کان گس جي معلومات وٺڻ 156
❖ نادر شاھ جو اميرن سان هندستان تي حملي ڪرڻ بابت مشورو ڪرڻ 19
❖ نادر شاھ واليءِ ملڪ ايران جو محمد خان ترڪان هٿان بکر رستي هندستان جي بادشاھ محمد شاھ ڏي خط لکڻ ۽ ان جو سخت جواب ڏيڻ 53
❖ نادر شاھ طرفان محمد خان جو واليءِ هندستان محمد شاھ وٽ پهچڻ ۽ ان جو جواب ڏيڻ 98
❖ نادر شاھ واليءِ ايران طرفان قنڌار مان ڪابل رستي هندستان ڏي لشڪر ڪشي ڪرڻ 29
❖ نادر شاھ جي هندستان روانگي، ناصر خان جو لڙڻ ۽ گرفتار ٿيڻ 70
❖ بهادر خان جي پنيان لشڪر ڪيڻ 2
❖ ڪرمان شهر جي ويجهو نادر شاھ طرفان مجلس سينگاري واليءِ هندستان محمد شاھ ڏانهن فوج جي تياري ڪرڻ 20
❖ محمد شاھ طرفان بہ پنهنجن اميرن وزيرن سان صلاح مشورو ڪرڻ، جواب ڏيڻ ۽ جنگ جي تياري خان دوران طرفان ڪرڻ 16
❖ خان دوران طرفان نادر شاھ سان سپاھ سازي ڪرڻ ۽ هندستان جي اميرن سان فريب(؟) ڪرڻ 47
❖ محمد شاھ جو خان دوران کي هيرا جواھر ۽ خزانو ڏيڻ 37
❖ نادر شاھ ۽ خان دوران جو ميدان جنگ صف آرا ٿيڻ 60
❖ نادر شاھ ۽ دهلي جي سلطان وچ ۾ لڙائي ٿيڻ 167
❖ شير خان ايرانيءَ جي خان دوران سان لڙائي ۽ خان دوران هٿان مارجڻ 417

❖ خان دوران جي ياءُ مظفر علي ۽ بادشاهه جي پائڻي امير قلي خان وچ ۾ مهاڏو اٽڪائڻ ۽ مظفر علي جو قلي هٿان مارجڻ 144

❖ سج لهڻ مهل جنگ مان لشڪر جو آرام ۽ ننڊ لاءِ آرامگاهه ۾ اچڻ ۽ نادر شاهه طرفان الله جي دربار ۾ زاري ڪرڻ ۽ ڪاميابي لاءِ دعا گهرڻ 29

❖ خان دوران بہ جنگ مان ساهي ۽ آرام لاءِ آرامگاهه ۾ آيو. نظام الملڪ ۽ قمر الدين دوکو ڪري بارود کي باهه ڏيارڻ ۽ خان دوران جو ان باهه ۾ وڃڻ 61

❖ نادر شاهه ايراني ۽ محمد شاهه دهلويءَ جو اچڻ، خان دوران جي مرڻ جي اندوهناڪ خبر ٻڌي، سعد الله خان توپ خاني جي داروغي ۽ فولاد خان ڪوتوال جو پشيمان ٿيڻ 49

❖ نادر شاهه جو محمد شاهه واليءُ هندستان کان خزانو، هيرا جواهر، شاهاڻو مال متاع طلب ڪرڻ ۽ انهن مان چونڊ ڪري سڀ شيون پنهنجي هٿ ۾ رکڻ 51

❖نادر شاهه واليءُ ايران جو پنهنجي پٽ کي هندستان فتح ٿيڻ جو خط لکڻ ۽ ان ڏي هيرا جواهر ۽ خزانو موڪلڻ 87

❖ نادر شاهه طرفان محمد خان بنڪش بنگال واري ڏي خط موڪلڻ ۽ ان جي طرفان معافي گهرڻ 27

❖ نادر شاهه جو محمد شاهه کي گرفتار ڪرڻ ۽ هندستاني اميرن کي قيد ڪرڻ 11

❖ نادر شاهه طرفان سنڌ جي سالار ڏانهن وڃڻ جو ارادو ۽ ميان نور محمد عباسي واليءُ سنڌ جي وڪيل مير متاري کان حقيقت ۽ احوال پڇڻ 62

❖ اُن مصيبت واريءَ خبر جو ميرمتاري هٿان خدا يار خان(نور محمد) کي پهچڻ ۽ نادر شاهه جي وڪيل محمد علي بيگ طرفان درياءَ جي ويجهو واليءُ سنڌ(ميان نور محمد) خدا يار خان، نادر شاهه وٽ پيش ٿيڻ يا اچڻ جو نياپو ملڻ 30

❖ (ميان نور محمد)خدا يار خان واليءُ سنڌ پنهنجن اميرن وزيرن 87

جي مجلس سينگاري، نادر شاهه ڪي وڪيل محمد عليءِ بيگ
ڪي گهرائي ۽ نادر شاهه جي نياپي جو جواب ڏيڻ

❖ نادر شاهه جو اٽڪ وٽ خدا يار خان تي سخت ڪاوڙجڻ ۽ وڪيل محمد علي بيگ کان ڪلهوڙن جي لشڪر جو حال احوال پڇڻ 73

❖ خدا يار خان جو پنهنجي پٽ غلام شاهه کي پنهنجي وڪيل مير متاري سان گڏ سفير ڪري نادر شاهه ڏانهن موڪلڻ 26

❖ غلام شاهه ۽ مير متاري جو نادر شاهه وٽ پهچڻ، حقيقت حال ٻڌائڻ ۽ (نادر شاه) جو جواب ڏيڻ 63

❖ خدا يار خان جي پوئتي رهيل ماڇين جي لشڪر جي شهدادپور ويجهو نادر شاهه سان لڙائي 30

❖ خدا يار خان جي پوئتي رهيل مهيرين جي لشڪر جي داليءَ ۾ نادر شاهه جي لشڪر سان جنگ 16

❖ ميان نور محمد جو پنهنجي پٽ غلام شاهه طرفان نادر شاهه جو داستان سڻڻ، ميان صاحب طرفان ان جو جواب ڏيڻ ۽ ٻاهو خان کي (نادر شاهه ڏي) موڪلڻ 55

❖ خدا يار خان جو نادر شاهه وٽ اچڻ ۽ پنهنجي طرفان عذر پيش ڪرڻ ۽ نادر شاهه جو ان کي معاف ڪرڻ 38

❖ نادر شاهه جو عمرڪوٽ کان لاڙڪاڻي طرف وڃڻ جو ارادو ۽ خدا يار خان کي پاڻ سان گڏ آڻڻ ۽ سنڌ ملڪ ڪيس موٽائي ڏيڻ 44

❖ نادر شاهه سان (تاوان ۾ خدا يار خان جي ٻن پٽن) محمد مراد ياب ۽ غلام شاهه جو خراسان وڃڻ 78

❖ نادر شاهه جو سيري ۽ ٻاڍر رستي ملڪ ايران وڃڻ جو ارادو ۽ محمد مراد ياب ۽ غلام شاهه جن جو ٻه ساڻس گڏ وڃڻ. 43

❖ نادر شاهه جي مرڻ جو واقعو. 134

❖ ايران جي بادشاهه نادر شاهه جي تاريخ وفات ۽ ان جو احوال 31

❖ [حمد ۽ وڏيڪ داستان جي شروعات] 12

❖ [ڪانجي جنگ جو داستان] 22

❖تاجن منڊري جو خدا يار خان جي ملڪ مان ڪانجي طرف پڇي وڃڻ 32
❖ خدا يار خان جو مير شاهوءَ کي سفير ڪري ڪانجي طرف موڪلڻ ۽ ان کي جواب ڏيڻ 38
❖ مير شاهوءَ جو ڪانجي وٽ اچڻ، گفتگو ڪرڻ ۽ جواب ڏيڻ 28
❖ خدا يار خان وٽ مير شاهوءَ جو موٽي اچڻ ۽ ڪانجي جي حقيقت ٻڌائڻ 10
❖ خدا يار خان جو ڪانجي جنگ لاءِ لشڪر تيار ڪرڻ، ڪانجيءَ جو ماڇين جي سرحد ۾ هجڻ 45
❖ ڪانجيءَ کي خدا يار خان جي لشڪر اچڻ جي خبر ملڻ 40
❖خدا يار خا جو پنهنجن ماڻهن سان صلاح مشورو ڪرڻ ۽ ڪاهي ڪوڻ 89
❖ تاجن منڊري ۽ مسوسامتئي جي لڙائي جو احوال 56
❖ خدا يار خان جو ڪانجيءَ کي قيد ڪري، فتح ۽ ڪاميابي سان خدا آباد ڏي موٽڻ جو ارادو 124
❖ خدا يار خان جو تاجن منڊري تي ڪاوڙ ڪرڻ جو خط بهاري نامدار ڏي لکڻ 57
❖ آسمان جي رنگارنگي(دنيا جو انقلاب) 12
❖ نادر شاهه جي وفات 240
❖ خدا يار خان جي ڪانجي ڪافر سان لڙائي ۽ ڪاميابي 76
❖ [حمد] 12
❖ پنهنجو ضمير خوش ڪرڻ 23
❖ افغان جي شاهه جو غزني ۽ ڪابل رستي هندستان طرف لشڪر تيار ڪرڻ 59
❖ احمد شاهه افغان جو هندستان جي بادشاهه ڏي خط لکڻ ۽ پيسن، سون ۽ مال ملڪيت جي گهر ڪرڻ 61
❖ دهليءَ جي بادشاهه کي خط پهچڻ، سون، مال ملڪيت کان جواب ڏيڻ ۽ احمد شاهه افغان شهزادي جو لشڪر تيار ڪرڻ 50
❖ دهليءَ جي بادشاهه جو پنهنجي پٽ کي طلبي صلاح مصلحت 31

ڪرڻ، افغان جي بادشاھ ۽ لشڪر سان مهاڏي اٽڪائڻ جي واڳ ڏيڻ جو حڪم ڏيڻ

- ❖ دهليءَ جي بادشاھ ۽ سندس پٽ جي ان باري ۾ تفصيلي ڳالهه ٻولهه. بادشاھ جي پٽ طرفان پيءُ طرفان جنگ ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ 53
- ❖ پهرين لڙائي: اورنگ شاھ طرفان احمد شاھ سان جنگ لاءِ لشڪر تيار ڪرڻ 95
- ❖ ٻي لڙائي: اورنگ شاھ شهزادي جي احمد شاھ افغان واليءُ قندار سان جنگ 318
- ❖ ٽئين لڙائي: وزير قمر الدين جو مارجي وڃڻ ۽ اسير رنگ خواجه جو ڀاڄ ڪائڻ، ۽ مير منور علي هٿان احمد شاھ افغان جي لشڪر جو هارائجڻ 61
- ❖ قمر الدين وزير جي پٽ منور علي خان جو جنگ تان موٽڻ، افغان لشڪر کي شڪست ڏيڻ 237
- ❖ تخت تي پيءُ طرفان شهزادي جو ويهڻ ۽ ملڪ ۾ عدل انصاف تيڻ 12
- ❖ احمد شاھ افغان جو ڪابل اچڻ ۽ هندستان ڏي ٻيهر لشڪر جي تياري ڪرڻ ۽ منور علي سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ 21
- ❖ دهليءَ جي بادشاھ کي احمد شاھ افغان جي (ٻيهر) اچڻ جي خبر پهچڻ ۽ منور علي ۽ لاهور ڏي خط لکڻ 23
- ❖ منور علي خان جو ناصر علي سان گڏ افغان جنگ لاءِ لشڪر تيار ڪرڻ، شاھ افغان کي اها خبر ملڻ ۽ مخلص خان ڪوريءَ سان گڏ فوج ڪڍڻ ۽ هندستان جو سپاھ جو پڄڻ 27
- ❖ شاھ افغان طرفان قمر الدين وزير جي جنگ واسطي منور علي خان ڏي قاصد موڪلڻ 197
- ❖ خدا يار خان طرفان سفير طور يائي خان ڪلهوڙي کي احمد شاھ افغان ڏي موڪلڻ 138

مثنويءَ ۾ شعرن جو مجموعي تعداد 6273 آهي ، ۽ آغاز هن شعر سان ٿئي ٿو:

خدا يا توئي آفريننده جان
تو دانند آشكار و نهان
ز تو شادماني ز تو غم بود
ز تو بر فزوني ز تو كم بود

خاتمي جا هي ٻه شعر آهن:

زمين را ز اسپان زنم در ستوه
زم سم سوتران درم دشت و كوه
عنان سپه، گر بہ ايران كنم
بلشكر زمين كوه ويران كنم

مثنويءَ جي تڪميل ۾ مصنف کي ٽي ورهيہ لڳا. 1155 ھہ ۾ هن جيتوڻيڪ ڪتاب مڪمل ڪيو، ليڪن چند سالن بعد تائين بہ ڪن واقعن جا منجهس اضافا ڪندو رهيو.

مثنويءَ ۾ نادر شاھہ متعلق گهٽو ئي احوال ڏنو ويو آهي، جهڙيءَ طرح متينءَ فهرست مان معلوم ٿيندو، ليڪن ضميمي ۾ فقط اهو اقتباس شامل ڪيو ويو، جنهن جو تعلق سنڌ تي نادر شاھہ جي ڪاھہ سان آهي.

### 6. تبصرة الناظرين

سيد ميرمحمد، علامہ مير عبدالجليل بلگراميءَ جو فرزند هو. پٽس مغلن طرفان سنڌ ۾ سال 1112ھہ کان 1126ھہ تائين وقايع نويس ٿي رهيو، ۽ پي کان پوءِ ڪجھہ سال سيد محمد پاڻ کي ساڳئي عهدي تي فائز رکيو. ڪلهوڙن سان بنهي پي - پٽن جو گهاٽو رستو هو.

"تبصرة الناظرين"، جنهن مان هن ڪتاب ۾ اقتباس ڏنو ويو آهي، سيد محمد جي تصنيف آهي. انهيءَ ڪتاب جو وڏو حصو سنڌ ۾ لکيو ويو. ڪتاب هڪ قسم جو روزنامچو آهي، جنهن ۾ سنہ 1101ھہ کان سنہ 1185ھہ تائين جا ذاتي خواھہ اهم ملڪي واقعا ۽ مختلف حادثا سال وار ترتيب سان لکيا ويا آهن. معلومات جي لحاظ کان ڪتاب قيمتي ۽ نهايت ئي اهم اطلاعن جو ذخيرو آهي.

ضميمي ڇهين ۾، سال 1117ھہ کان وٺي سنہ 1156ھہ تائين، فقط

ڪلهوڙن سان تعلق رکندڙ واقعن کي مصنف جي قائم ڪيل ترتيب سان ڏيئي رهيا آهيون.

پڙهندڙ ڏسندا، تہ ٻارهين صديءَ جي پهرئين اڌ اندر، سنڌ ۾ تيل بعض نهايت ئي اهم واقعا، پهريون دفعو هن ڪتاب جي ذريعي اسان جي سامهون آيا آهن، ۽ ڪيترن ئي واقعن جو نئون رخ، بلڪ سچو پچو تفصيل اسان کي معلوم ٿئي ٿو. ڪن واقعن جون صحيح تاريخون پڻ هن ڪتاب جي طفيل مليون آهن. ساڳيءَ ريت، نادر شاهہ متعلق بہ نئون مواد مليو آهي، خاص طرح سندس ڪارندن سنڌ ۾ رهي جيڪي ڪارناما ڪيا، انهن جو اهڙو واضح نقشو ڏنو ويو آهي جو ان کي پڙهندي، هڪ طرف تہ لونءَ لونءَ ڪانڊارجيو ٿي وڃي، ۽ ٻئي طرف وري بدقسمت سنڌ جي سخت جانيءَ مٿان اچرج پيو اچي، تہ سنڌي قوم ڪهڙي نہ مضبوط، سنگين، بهادر ۽ ڳنڀير آهي، جو اهڙن طوفانن ۽ قيامتي ماجرائن مان پار پئجي بہ، نہ فقط اڄ تائين پنهنجيءَ جاءِ تي جيئن جو تيئن قائم ۽ دائم رهي آهي، بلڪ مستقبل جي مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ همہ وقت تيار ۽ تنومند رهي ٿي. مثلاً: نادر جي وڃڻ بعد هتي ڇڏيل سندس لشڪرن ڇا ڪيو، ان جو هڪ نقشو ملاخطہ ٿئي:

> ”چون مغولان در سندن استقامت گرفتند، جور و اذيت و ظلم و بليت بر شهري و لشكري بنياد نهادند. هر جا اسپي خوب مي شنيدند، چند كس در خانہ رسيدي - كہ ناموس او دران جاست - در مي آمدند، و اسپ از انجا برميا وردند و متصرف ميشدند، ان پيچاره را يارائي آن نہ كہ بہ ايشان دم مقاومت تواند زد و هم چنين شمشيري يا پارچہ خوب و يا شالي كہ كسي نيكو داشتي بزور ميگرفتند“. [1]

## 7. شيخ رحمت الله جو خط

شيخ رحمت الله، ميان عبدالنبيءَ (90 - 1196هہ) جي فرزند، ميان محمد عارف جو خاص ڪاردار هو. جڏهن خاندان جي بساط اُلٽي ۽ قسمت ڦٽي، تڏهن

[1] ڏسو صنحو 154 فارسي ڇاپو

شيخ رحمت الله، سنڌ مان نڪري، جوڌپور جي مهاراجا وٽ وڃي منشي ٿيو.

اهو خط هن ميرزا علي بخت بهادر، محمد ظهير الدين، ”اظفري“ گورگانيءَ ڏانهن جوڌپور مان لکيو آهي، ميرزا موصوف شاهه عالم بادشاهه دهليءَ جو هم جد ۽ عالمگير جي پوٽيءَ عفت آرا بيگم جو ڏوهٽو هو. سنه 1172هه ۾ دهليءَ جي قلعي ۾ پيدا ٿيو، ۽ ٽيهه سال، لال قلعي جي سلطاني قيد ۾ رهڻ بعد، اتان چوريءَ فرار ٿي، مدراس پهتو جتي، سنه 1234هه ۾، زندگيءَ جي جنجال مان آزادي حاصل ڪري، وڃي ابد تائين آرامي ٿيو.

مرحوم اهو ڪتاب فارسيءَ ۾ لکيو آهي، جنهن جا خطي نسخا لنڊن ۽ مدراس ۾ آهن. راقم الحروف جي سامهون ان جو اردو ترجمو آهي [1] ، جنهن تان خط جو سنڌي ترجمو هتي ڏنو وڃي ٿو.

انهيءَ خط ۾ افاديت فقط اها آهي جو ڪلهوڙا دور جي هڪ عالم جو لکيل آهي.

## 8. اقتباس از ماثر الامراءَ

صمصام الدولہ شاهنواز خان، ”ماثرالامراءَ“ جي پهرئين جلد ۾، ميان صاحب ۽ سندس خاندان جو احوال لکيو آهي، هن آخري ضميمي اندر اسين اهو اقتباس ڏيئي رهيا آهيون.

”ماثرالامراءَ“ جيتوڻيڪ ڇپيل آهي، ليڪن اڻلڀ آهي، ۽ ان جو دستياب ٿيڻ محال آهي. انهيءَ ئي مد نظر تي، منجهس آيل مواد هتي ڏيئي رهيا آهيون، جيئن ڪلهوڙن جي تاريخ سان دلچسپي رکندڙ بزرگ ڳولا جي زحمت کان بچي پون.[2]

# وڌيڪ تاريخي مواد

ڪلهوڙن جي تاريخي مواد جو هيءُ پهريون مجموعو سمجهڻ کپي، ليڪن انهيءَ عهد متعلق اجا ڪيترا اهم ماخذ منتشر آهن، جن مان ڪي دستياب ٿيا آهن ۽ ڪن جو اجا تائين پتو پئجي ڪونہ سگهيو آهي.

مهيا ٿيل ڪتابن مان هينيان ڪتاب فوري توجهه جي لائق آهن، اميد آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ انهن جي اشاعت لاءِ ضرور اهتمام ڪندو.

---

[1] ”واقعات اظفري“ اردو ترجمو مطبوعه دانش گاهه مدراس 1937ع

[2] ”ماثرالامرا“ جو اهو اقتباس حضرت مهدي جونپوريءَ جي تاريخ، ”تواريخ الاغيار“ (مصنف سيد عيسيٰ مهدوي، حيدرآباد دڪن) ۾ بہ ڏنو ويو آهي.

### 1. قصيدهٔ بمدح عبدالنبي

امير علي شاهہ "شائق" ان جو مصنف آهي، منجهس ميان عبدالنبيءَ جي دؤر متعلق اهم معلومات موجود آهي.

### 2. نامهٔ نغز:

باغ علي "خائف" جي مثنوي جنهن جو اقتباس هن ڪتاب جي ضميمي نمبر - 5 ۾ ڏنو ويو آهي.(1)

### 3. گلدستۀ نورس بهار:

از منشي عبدالرئوف سيوستاني، ڪلهوڙن جي سرڪاري خطن جو نهايت اهم مجموعو، جنهن کي ڪلهوڙن جي خاص منشيءَ ميان عبدالرئوف گڏ ڪيو.

### 4. گلدستۀ هميشه بهادر:

ڪلهوڙن جي خطن جو هيءُ ٻيو نادر مجموعو، ساڳئي ميان عبدالرئوف جو گڏ ڪيل اهي.

### 5. انشاءِ عطارد:

از شيوڪ رام "عطارد" هن مجموعي ۾ ميان غلام شاهہ، ميان سرفراز ۽ مير بجار جي دؤر جا اهم ۽ نهايت قيمتي خط آهن.

### 6. اسناد ۽ فرامين:

ڪلهوڙن جي جاري ڪيل پروانن، ۽ سندن فرمانن جي جمع آوري ۽ تصويرن ۽ وضاحتي حاشين سان انهن جي اشاعت.

## شڪر گذاري

پنهنجي معروضات کي آءٌ ختم ڪريان، تنهن کان اڳ گهران ٿو، تہ شڪر گذاريءَ جي فرض کان پاڻ کي سبڪدوش ڪريان.

انهيءَ سلسلي ۾، سڀ کان پهرين آءٌ پنهنجي برادر بزرگ پير علي محمد راشديءَ جي سپاس گذاري ڪريان ٿو. "منشور الوصيت" جي هن نسخي خواهہ ان جي تاريخي اهميت ڪي، اڄ کان 32 ورهيہ اڳ، هن ٿي

---

(1) ... [illegible] تار... لحاظ سان مطلب جي شعرن جو انتخاب شايع ڪرڻ ڪپي.

محسوس ڪيو. ۽ سندس ئي تيار ڪيل نسخي تان راقم الحروف استفادو ڪري هيءُ متن تيار ڪيو.

جناب آغا بدر الدين خان درانيءَ جو بہ آءٌ احسانمند آهيان، جنهن صاحب حضرت مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسينيءَ وٽان "وصيت" جو ٻيو نسخو مهيا ڪري ڏنو، جنهن ڪري متن جي تصحيح ۾ مون کي وڏي آساني ٿي پئي.

پنهنجي همڪار، مولانا اعجازالحق قدوسيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن جي رفاقت ۽ مدد منهنجي گهڻي زحمت گهٽائي ڇڏي.

## خاتمهٔ ڪلام

هن مجموعي پيش ڪرڻ مان راقم الحروف جي مراد هيءَ آهي، تہ هتان جا باشندا پنهنجيءَ تاريخ مان واقف ٿين. تاريخ جي گذريل دورن ۾ جيڪي بلنديون ۽ پستيون سندن سامهون ايون آهن، انهن جي اسبابن جي ڪين ڇاڻ پوي، ۽ انهيءَ کان زياده هيءُ تہ تاريخ ۾ جيڪي سندن دوست رهيا آهن، انهن جي ڪين ڇڱيءَ پر سڌ پوي، ۽ ماضيءَ ۾ جيڪي سندن دشمن ۽ ويري رهيا آهن، انهن کي هو اڪ ۾ رکن جيئن مستقبل جي حادثن ۽ نقصانن کان پاڻ بچائي سگهن. تاريخ هميشہ پاڻ دهرائيندي آهي: تاريخ جو اهوئي دستور آهي، ۽ زماني جي اهائي چال رهي آهي.

مون کي يقين آهي تہ منهنجي اها اميد ضرور پوري ٿيندي ۽ جيڪا محنت مون ڪئي آهي، اها ضرور ثاب پوندي!

جمشيد روڊ، ڪراچي **حسام الدين راشدي**

5 - مئي 1964ع

# متن

## منشور الوصیت

## و

## دستور الحکومت

از

میان نور محمد کلهوڑو والیؑ سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

رب يسر و تمم بالخير

# [مقدمو ۽ تاليف جو سبب]

حمد ۽ ثنا خاص خالق کي جڳائي، جو آسمانن ۽ زمينن جو پالڻهار آهي، صلواة ۽ سلام خاص منهنجي سردار کي سونهين، جيڪو سرور ڪائنات ۽ مفخر موجودات آهي ۽ سندن آل ۽ اصحابن تي بہ رحمتون هجن!

حمد ۽ صلواة کانپوءِ پيارن ۽ دوستن کي معلوم هجي، تہ هن گنهگار کي - جنهن وٽ چڱن ڪمن ۽ خدا جي فرمان برداريءَ جو ڪوبہ سرمايو ڪونهي - ڪي خيال پدري شفقت ۽ فرزندي محبت جي ڪري دل ۾ گذريا، تہ پياري حياتي اڄي پڄاڙيءَ کي پهتي آهي ۽ قيامت جون نشانيون ڏينهون ڏينهن ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ زمانو بہ آخري آهي، تنهنڪري پنهنجن پٽن ۽ پاڳوندن کي زماني جي لاهن چاڙهن جي معلومات ڏجي ٿي، تہ جيئن اهي آگاهہ رهن ۽ دل کي دنيا ڪميٽي کان پاسيرو رکن ۽ بارگاهہ الاهيءَ ڏانهن ڌيان ڌري توجهہ ڏين.

جيتوڻيڪ مون ۾ عمل ڪونهي، پر رسول مقبول - ان تي صلواة ۽ سلام هجي! - جي فرمان موجب"الدين نصيحة" يعني دين نصيحت آهي، تي عمل ڪندي، خير خواهيءَ جون ڪجھ نصيحت پريون ڳالهيون بيان ڪريان ٿو. توڙي جو سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ جي ڪُـهر ۽ توفيق جي وس آهي. مطلب تہ جيڪو بہ دوست گهري، تہ ان نصيحت ڏانهن ڌيان ۽ لاڙو ڪري.

## 1. عبادت

منهنجا مرادوندؤ! هر وقت ۽ هر حال ۾ بي نياز جي بارگاهہ ۾ نيازمندي ڪرڻ جڳائي ۽ اڌ رات جو عبادت لاءِ اوجاڳي جي عادت بنايو:

"دعاي نيم شبت دفع صد بلابکند!"

مطلب، تہ اڌ رات جو دعا، سؤ مصيبتون ٽاري ٿي ۽ هر وقت خلق جو خالق آگاهہ ۽ بيدار آهي تہ پوءِ مخلوق کي بہ ننڊ ڪرڻ نہ جڳائي. جيڪڏهن بشريت جي تقاضا موجب ننڊ ڪجي، تہ بہ ٿوري ۽ قيلولہ (منجهند جو ٿورو آرام ۽ ننڊ ڪرڻ) سنت آهي. حق جي يادگيريءَ کان ڪوبہ وقت غافل رهڻ نہ

گهرجي. جيئن قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمايل آهي: "من اعرض عن ذڪري فان لـه معيشـةً ضنڪًا"[1] ترجمو(جيڪو منهنجي(الله جي)ذڪر کان منهن موڙيندو، ان جو گذران تنگ ٿيندو.) تنهن ڪري ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

جيئن نقل آهي، تہ هڪ عورت ڇتي تي پاڻيءَ جا بہ پريل دلا کنيو، واٽ ونيو پئي وئي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ان عورت سان ڳالهايو ٿي، تہ عورت ان جي ورندي بہ ڏني ٿي، پر سندس سڄو ڌيان ۽ دل جو خيال ان مٿئين دلـي ڏانهن هو. انسان کي بہ جڳائي، تہ هر حال ۾ هر صورت ۾ رهي، پر دل الله تعالىٰ ڏانهن هجي. جيڪڏهن دل کي الله تعالىٰ ڏي نہ ڪيائين، تہ اهو ان عورت کان بہ گهٽ آهي.

سيني ياڳوندن کي معلوم هجي، تہ حضرت سرور ڪائنات مفخر موجودات (نبي) صلي الله عليه وسلم کي خدا چوڻ نہ جڳائي، ڇو تہ هو الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي. باقي الله تعالىٰ کانسواءِ ڪيس جيڪي چئو، سو ٺهي ٿو:"بقرآن ثنا گفت وي را خدا"

مطلب تہ قرآن ۾ بہ الله تعالىٰ سندس تعريف ڪئي آهي:

"وانسب الیٰ ذاتـه ماشئت شرف

واسب الیٰ قدره، ماشئت من عظام"

دل گُهري توصيف ان جي ذات سان منسوب ڪر،

هر بزرگي پلي تون نذر عزت محبوب ڪر.[2]

قرآن مجيد جي تلاوت جيتري وڌيڪ ٿي سگهي، ڪريو بهتر آهي. انهيءَ کا بهتر ٻي ڪابہ شيءِ نہ آهي، توهان مان هر هڪ مهيني ۾ قرآن جو هڪ ختمو بنالاناغي پورو ڪري. ان کانسواءِ صلواة، قصيدا (جيئن قصيده برده وغيره) بہ پنهنجو وظيفو بنائجن جهڙوڪ: سيفي ۽ حزب البحر وغيره. البت هينئر هيءَ دشواري آهي، تہ استاد ڪامل نہ ٿو ملي ۽ وظيفي پڙهڻ جي سيني شرطن تي عمل ڪرڻ بہ محال آهي. ان کانسواءِ اڪثر ماڻهو دنيا ڪميٽي جي فڪر ۾ ٻڌل ۽ حرص هوس ۾ قاتل آهن وظيفن جا شرط بہ پورا بجا نہ ٿا

---

[1] پارو 16، سورت طٰـه آيت 123

[2] قصيده برده، ابوعبدالله محمد شريف الدين بوصيري بيت 44.
سنڌي منظوم ترجمو"جام ڪوثر" از عبدالله اثر

آٽين. تنهنڪري نقصان جي موٽ انهن ڏانهن عائد ٿئي ٿي، پوءِ انهن جو فائدو به گهٽ ٿئي ٿو. قرآن مجيد سڄو رحمت ۽ راحت آهي، درود شريف به برحق مقبول ۽ رحمت آهي.

منهنجا نورچشمؤ! قرآن مجيد ۽ صلواة ڪانسواءِ ٻيا وظيفا موقوف ڪري ڇڏيو، ڇو ته جيڪڏهن ڪو هڪ پيرو صلواة مبارڪ پيغمبر ڪريم صلي الله عليه وسلم تي پڙهي ٿو ته، الله تعاليٰ ان مخلوق تي ڏهه ڀيرا رحمت موڪلي ٿو.

## 2.اهلبيت جي محبت

اهلبيت جي محبت هميشه ۽ هر وقت هڪ جهڙي هجي، نبي صلي الله عليه وسلم جن جي مٽن مائٽن ۽ عزيزن قريبن جي محبت فرض عين ۽ عين فرض آهي.

بجز حب ايشان نباشد نجات،
ڪه جبل المتين اند درمهلڪات.

يعني اهلبيت جي محبت ڪانسواءِ ڇوٽڪارو ڪونهي، جو اهي مشڪل وقت ۾ الله جي مضبوط رسي آهن.

اهلبيت ۽ عالمن سڳورن جي قرب ۽ احترام ۾ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪندا رهو. هاشمي خاندان يا اهلبيت کي زڪوات ۽ صدقو ڏيڻ روا ناهي. پر جيئن ته زمانو ظهير ۽ آخري آهي. اڪثر اهلبيت به ضرورتمند ۽ محتاج آهن، ان ڪري عالمن جائز ڪيو آهي، ته زڪوات ۽ صدقي ڏيڻ ۾ اهلبيت جي رعايت مقدم هجي.اهلبيت ڪانپوءِ صله رحمي يعني پنهنجن مٽن مائٽن کي زڪوات ۽ صدقو ڏجي. جيئن چيو اٿن:"اول خويش بعد ازان درويش" مطلب ته پهريان پنهنجن کي ڏجي، ان ڪانپوءِ درويشن جي سار سنڀال لهجي.

منهنجا ٻچا منهنجي اکين جا نورا جو به ڪامل درجي تي پهتو يا جنهن کي به جو ڪجهه مليو آهي، اهو اهلبيت جي محبت سان مليو آهي. جڏهن قرب پيدا ٿيندو، ته ٻيا سڀ ڪم پاڻهي آسان ٿي پوندا. سياڻي قيامت جي ڏينهن هر ماڻهو نفسي نفسي پيو چوندو! پر سيد العرب والعجم ﷺ امتي امتي پيا پڪاريندا! پوءِ جڳائي ته پاڻ کي ان(پياري نبي ﷺ) جي راضپي ۽ محبت ۾ محوڪري ڇڏجي. جيتوڻيڪ ڪي ڪم هڪ لحاظ کان نقصان ڪار ۽ ٻي

لحاظ کان فائديمند هوندا آهن، پر اهلبيت جي محبت ۾ سراسر نفعو ئي نفعو آهي، آءُ گهڻو اهل دولت آهيان، پر اهلبيت جي حق ۾ نہ يعني اهلبيتن جي محبت ۽ عزت ۾ دنيا دولت جو نشو ۽ وڏائي آڏو نہ ٿي اچي. اهلبيت سان هر وقت ڏيڻ ۽ سخاوت جو معاملو هئڻ گهرجي. اهلبيت جي محبت کي نظر ۾ رکي، دل هن ڪميٽي دنيا کان ڪٽي ڇڏجي:

**چو تہ اهلبيت جي محبت ئي ٻنهي جهانن ۾ ڪم ايندي.**

### 3. مقدمن جا فيصلا

جيڪڏهن اسلام جو مقدمو واقع ٿئي(اسلام جي مقدمي جو مطلب آهي، جن جي باري ۾ شرعيت سزائون مقرر ڪيون آهن) تہ ان ڪي عالمن سڳورن ڏانهن رجوع ڪجي ۽ اهي جيڪا بہ شرعيت سڳوريءَ موجب فتويٰ ڏين، ان تي عمل ڪجي، جو اسلام جي ترجيح لازم آهي، چو تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن ان مضبوط دين جا حامي آهن ۽ جيڪڏهن ڪو شرعي فيصلن يا دين نبوي ۾شڪ آڻيندو، تہ ڪافر ٿيندو ان ڪري شرعيت پاڪ جي حڪم جي تابعداري ڪجي.

اسلام جي مقدمي ڪانسواءِ ٻيو ڪو عام واقعو ظاهر ٿئي تہ، ان ۾ سياسي نقطي نظر سان هٽ وڃڻ. ڪن ڪيڻ ۾ تڪڙ نہ ڪجي، جو حق دير سان ظاهر ٿئي ٿو ۽ صفا بي سياستي بہ چڱي نہ آهي: ”ترک سياست[1] ضعف رياست است“. مطلب تہ سياست کي ڇڏڻ حڪومت جي ڪمزوري آهي، پر هرشيءِ پنهنجي اندازي يا حڪمت عملي سان هجي.

### 4.عالمن ۽ صالحن جي صحبت

منهنجا مرادوندؤ! اوهان جڏهن دنيا جي ڪمن ڪارن کان واندا ٿيو، تہ عالمن ۽ صالحن جي صحبت پنهنجي مٿان لازم ڪريو.

هم نشين تو، از تو بہ باشد،
تا ترا عقل ودين بيفزايد

تنهنجو همنشين يا دوست توکان بهتر هجي، تہ جيئن تنهنجي عقل ۽ دين کي وڌائي.

---

[1] سياست جي هڪ معنيٰ سزا بہ آهي.

هر چہ درين عالم است از اثر صحبت است،
ورنہ کجا يافتي بيد بهائي نبات

مطلب تہ جو ڪجھہ هن جهان ۾ آهي صحبت جي اثر کان آهي، نہ تہ بيد ڪتي مناڻ جي قيمت لهي.

عام ماڻهن سان ويهڻ جي عادت نہ ڪجو ۽ نہ هميشه اڪيلائيءَ ۾ رهجو، جو نہ ڪثرت ڪثرت آهي ۽ نہ وحدت وحدت آهي، ڇو تہ هميشه عام ماڻهوءَ سان ويهڻ بازاري ماڻهن جو ڪم آهي ۽ هميشه خلوت ۾ هجڻ بہ درويشن جو طور طريقو آهي.

## 5. نيڪن ۽ اشرافن جو رضامندو

الله وارن نيڪن ۽ شريفن جو راضپو پاڻ تي لازمي ڄاڻجو:

مردان خدا، خدا نباشند،
ليکن از خدا، جدا نباشند.

مطلب تہ، الله جا نيڪ ٻانها، خدا تہ نہ هوندا آهن، پر خدا کان جدا بہ نہ هوندا آهن.

## 6. ڪسرنفسي (پاڻ کي گهٽ ڪري پائڻ)

سڀ مخلوق کي پلو ۽ بهتر سمجهو. هر مڙس کي مڙس ڄاڻو ۽ هر رات کي شب قدر:

خواجہ! زشب قدر، چہ جو ئي تونشاني؟
هرشب، شب قدر است، اگر قدر بداني.

اي شيخ! شب قدر جي ڪهڙي نشاني پيو ڳولين؟ جيڪڏهن تون قدر دان آهين، تہ هر رات شب قدر آهي.

پاڻ کي مٽيءَ کان بہ گهٽ سمجهو:

در بهاران، ڪي شود؟ سرسبز سنگ،
خاک شو، تاگل برويد، رنگ رنگ.

مطلب تہ بهارن جي موسم يا بارش ۾ بہ سخت پٿر سرسبز سائو ڪيئن ٿيندو؟ مِٽيءَ ٿيو تہ رنگ برنگي گل پيدا ٿين.

## 7.استقلال ۽ همٿ

منهنجي اکين جا نار ٻچا! دنيا خطري جي جاءِ آهي. جڏهن انسان ڪنهن هيبت ناڪ حالتن ۾ پهچي ته پنهنجا هٿ پير مضبوط رکي، پر همٿ ۽ استقلال کي هٿان نه ڇڏجي. ان ئي مهل وضو تازو ڪري ٻه رڪعتون نفل پڙهجن ته، الله تعاليٰ اها سختي سهولت سان آسان ڪري ۽ احسان فرمائي:

اي ڪه ترسا نه تـرا آگـه شـوي،
ورنـه، تـر سـاندترا گهـره شـوي.

مطلب ته دنيا جا خوف خطرا ئي آهن، جن ڪري ماڻهو هوشيار ۽ خبردار تو رهي. جيڪڏهن خوف خطرا نه هجن، ته ماڻهو بيخبري ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ گمراهه ٿي پلجي وڃي.

چيو اٿن: سُردار نبايد بود، برادرِ سردار بايدبود.
سردار نه ٿجي، سردار جو ڀاءِ ٿجي، ڇو ته:
"سرداري، سرداري است"
يعني سرداري، سر دار تي رکڻ يعني سرِ سوري چاڙهڻو آهي.
ڀهريون حق غريبن مسڪينن، يتيمن ۽ مظلومن جو متان ڀوي تو، پر حڪمرانن کي رات ڏينهن ملڪ هلائڻ ۽ دوست دشمن جو فڪر دامنگير رهي ٿو.

## 8.موت جي يادگيري

پڻ انسان کي جڳائي، ته محشر جو ڏينهن ۽ پنهنجي موت کي هميشه ياد رکي. الله تعاليٰ هر مخلوق جي منهن ۾ قبر ڏيکاري آهي. ڇڻ ته"نڪ" قبر وانگر آهي. پوءِ جنهن کي پنهنجو نڪ ئي ياد نه هوندو ته ان کي موت ڪٿان ياد ايندو؟

## 9.پنهنجو احوال

هن گنهگار جو حال هيءَ آهي، جو جيڪڏهن حلال رزق کائيندڙ کي ڏسان تو، ته ان بي نياز پاڪ ذات جو قسم! انهي حلال کائيندڙ کي آءٌ پاڻ کان هزار ڀيرا وڌيڪ ڀلو سمجهندو آهيان ۽ آءٌ ڄاڻان تو، ته انهيءَ مون جيترا گناهه نه ڪيا هوندا.

## 10. الله تعاليٰ جي يادگيري

الله تعاليٰ جي قدرت هميشه ۽ هر وقت ياد هجي. هڪ گهڙيءَ جو

صحتمند فڪر بہ سال جي عبادت کان افضل آهي:

بندگي ڪن، بندگي ڪن، بندگي،
زندگي بي بندگي، شرمندگي.

يعني هميشہ بندگي ۽ عبادت ڪندو رهہ. زندگي، بندگيءَ کانسواءِ شرمندگي آهي.

وڏائي ۽ تڪبر هرگز نہ ڪرڻ جڳائي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ غرور ۽ وڏائي وارو ماڻهو برباد ٿيو آهي.

## 11. عياشيءَ جا نقصان

عيش عشرت کي پنهنجو شعار نہ بنايو. جو آرام سراسر غفلت آهي ۽ انسان کي حق جي ياد کان پري ڪريو ڇڏي. ملڪ جي واليءَ کي ملڪي حالتن ۽ فلاح ۽ مضبوطيءَ لاءِ غور فڪر ڪرڻ لازم آهي. جيئن والي، ملڪ جي غور فڪر کان عاجز آهي ۽ درويش بہ پنهنجي قوت گذر کان پريشان آهي.

قانون هيءُ آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ آدم جي اولاد جي سردار (حضرت محمد) صلي الله عليہ وسلم جي صدقي ملڪ ۽ مال، ملڪيت ۽ ڪامراني عطا فرمائي آهي. پوءِ هر صورت ۾ مضبوطي ۽ خبردار ڪرڻ جڳائي، تہ جيئن ماڻهن جي ڪل نہ ٿئي ۽ جو ڪجهہ جنهن حاصل ڪيو يا مقصد ماڻيو آهي، اهو نوڙت، عجز، انڪساري ۽ محبت سان حاصل ڪيو آهي. هميشہ ڪم ۾ مشغول رهو. ”دست بہ ڪار، دل بہ يار باشد“ مطلب تہ هٿ حاج ۾، دل يار سان هجي.

## 12. سادو لباس ڍڪڻ

پوشاڪ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ سادگي اختيار ڪريو. ڇو تہ ٺٺ ٺانگر واري پوشاڪ تي ڪوبہ اعتبار نہ آهي، پر الله تعاليٰ تہ اسراف يا اجائي خرچ کي پسند نہ ٿو ڪري، قناعت تمام ڀلي آهي. جيڪڏهن عمدي پوشاڪ ان ڪري ڍڪجي، تہ ماڻهو ان کي ائين ڀانئن، تہ هيءُ شوقين آهي يا اُجا ڪپڙا ٿو پهري، تہ اهو خيال غلط آهي. جيڪڏهن الاهي عطا ۽ سرور عالم صلي الله عليہ وسلم جي مددگاري يعني ملڪ مال، لشڪر ۽ خادم ڪنهن ماڻهوءَ کي نظر ۾ نہ ٿا اچن، تہ پوءِ انهي ماڻهوءَ وٽ ڪپڙا ۽ پوشاڪ ڪهڙي شيءِ آهي ۽ پوشاڪ سان ڪهڙو وڏ ماڻهپو آهي؟

### 13. ميڙ منٿ جي رسم

سنڌ ملڪ ۾ تازو هيءَ رسم عام ٿي وئي آهي، ته گهڻا محتاج يا ڏوهي ماڻهو الله وارن فقيرن کي ونءِ ۽ تڪليف ڏئي، دنيا جي ڪمن ڪارين لاءِ ميڙ ٽا آڻين. ڪميڻي دنيا مني آهي، پر تنهن هوندي به دنيا کان دل هٽائي، الله وارن جي راضپي طلبڻ ۾ هزار ڀيرا ڪوشش ڪريو، ڇو ته فقيرن جو راضپو لڪل خزانو آهي ۽ الله جي مخلوق تي رحم سان عمر ۾ اضافو ۽ جاه جلال ۽ بخت ۾ واڌارو ٿئي ٿو:

خواهي ڪه رضا حق بجوئي،
با خلق خدا ڪن نڪوئي،
حاصل نڪني رضائي سلطان،
تا خاطرِ بندگان نجوئي.

ترجمو: جيڪڏهن الله جو راضپو ٿو چاهين، ته خدا جي خلق سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪر، جيستائين ٻانهن جي دل راضي نه ڪندين، تيسين سلطان جو راضپو حاصل ڪري نه سگهندين.

### 14. روزو ۽ نماز

روزي، نماز ۽ زڪوات ۾ رات ڏينهن مشغول رهو:

روز محشر ڪه جان گداز بود،
اولين پرسش از نماز بود.

مطلب ته محشر جي دهشتناڪ ۽ ساهه ڳرندڙ ڏينهن ۾ به پهريان پڇا نماز جي ٿيندي.

ڇو ته اسان مسلمانن ۽ ڪافرن جي وچ ۾ به اهو ئي نماز جو فرق آهي.

### 15. ورد وظيفا

جنهن به ورد وظيفي سان دل جو لڳاءُ هجي، ان کي نه ڇڏجي، جو گهڻا ابوالهوس حريص يا لالچي ماڻهو ڪجهه ڏينهن وظائف پڙهي، ان کان پوءِ ڇڏي ٿا ڏين جيڪو ٿورو گهڻو وظيفو پڙهو، ان کي مستقل ڪريو. ڇو ته ورد وظيفن جو ڇڏڻ چڱو نه آهي.

**حڪايت:** ڪي ماڻهو بدخشان کان هتي سنڌ ۾ آيا. انهن بدخشانين کان ڪنهن پڇيو، تہ ڪٿان آيا آهيو ۽ ڪهڙي سبب ڪري پنهنجي وطن کان جدا ٿيا آهيو؟ انهن جواب ۾ چيو: ”اُتي جا ڪي ماڻهو ورد وظيفن وارا هئا. پوءِ انهن اهو شغل ڇڏي ڏنو، تنهنڪري بدخشان ويران ٿيو ۽ اسان ماڻهو جلاوطن ٿياسون.“

## 16. زميندارن جو مقرر حصو

هي جيڪي سنڌ جا زميندار آهن، تن جو هيءُ ملڪ ڏٺي تعالىٰ حضرت رسول ﷺ جن جي صدقي اسان گنهگارن تي مهرباني ڪري، اسان جي حوالي ڪيو آهي. دنيا خطائن جي جاءِ آهي، اسان جو ڪجهہ زميندارن يا آبادگارن ڪي مقرر ڪري ڏنو آهي، ان معمول ۾ رعايتن ۾ ڪوبہ فرق نہ اچي. جڏهن الله تعالىٰ اسان هيٺن ڪي ملڪ عطا ڪيو آهي. پوءِ جيڪو اسان زميندارن يا آبادگارن ڪي ٿورو گهڻو مقرر حصو ڏنو آهي، انهن جو حق آهي، انهن کان نہ ڪسجو نہ تہ پٽيندا. هرگز هرگز معمول ڪي نہ پيجو، جو حقدارن ۽ مظلومن جي آهہ گهڻو ۽ جلد اثر ڪندڙ آهي.

## 17. پاڻ ۾ اخلاص ۽ محبت

سيئي پاڻ ۾ دل و جان سان اخلاص ۽ محبت سان گذاريو ۽ خود غرضن جون ڳالهيون نہ ٻڌجو. اسان گهنگارن جي ستن پيڙهين ڪي مانيءَ جو ڳيو بہ ميسر نہ هو. الله تعالىٰ رسول ڪريم ﷺ جي صدقي اسان ڪي سڀ ڪجهہ موجود ڪري ڏنو آهي. ان ڪري رب العالمين جو شڪر بجا آڻي، هن دنيا ۾ جي زندگيءَ جا چند ڏهاڙا، خوبي ۽ ڀلائي خيريت سان گذارجو، جو بہ پري يا ويجهي وارو ٻڌي، تہ واهہ واهہ ڪري ۽ داد تحسين چوي. جهڙيءَ ريت هن گنهگارن ۽ منهنجي پيءُ مرحوم ميان محمد خان[1] چڱو ۽ قرب سان وقت گذاريو آهي ۽ توهان بہ انهيءَ طريقي تي هلجو، نفاق ۽ ڦيٽاڙي سان حڪومت تباهہ ٿيندي.

---

[1] محمد خان ”جهوڪ جي جنگ“ ۾ ڪلهوڙن طرفان موڪليل پنهنجي لشڪر جو سپهہ سالار هو. هيءُ اهو شخص آهي جنهن ٺٽي جي نواب اعظم خان جي چوڻ تي قرآن شريف وچ ۾ آڻي، شاهہ عنايت ڪي صلح تي آماده ڪري، نواب اعظم خان وٽ آندو هو. پر ٺٽي جي نواب اعظم خان پنهنجو واعدو وفا نہ ڪيو ۽ شاهہ عنايت ڪي شهيد ڪرائي ڇڏيو.
سنہ 1138هہ ۾ محمد خان، داؤد پوٽن سان مقابلو ڪري شڪارپور ڪي پنهنجي قبضي ۾ آندو ۽ سنہ 1144هہ ۾ وفات ڪري ويو (تبصرة الناظرين).

## 18. محمد مراد خان جي وليعهدي

توهان پائرن تي لازم آهي، تہ پنهنجي وڏن جي طريقي تي نظر رکي، قانون موجب نورچشم محمد مراد خان [1] جي سرداري قبول ڪندا. جڏهن الله تعاليٰ سيد السادات صلي الله عليہ وسلم جي صدقي ان کي هن گنهگار جي حياتيءَ ۾ موٽائي آندو[2] تہ پوءِ سيني کي گڏ ويهاري، جيڪي ڪجهہ چوٽو هوندو، چوندس، پر جي منهنجي حياتيءَ کان پوءِ الله تعاليٰ ان کي واپس آڻي، تہ منهنجي نورچشم کي منهنجي جاءِ تي مستقل سردار ڄاڻي: سندس حڪم ۽ مصلحت جي باب ۾ ان کان منهن نہ موڙجو.

جيئن تہ برخوردار محمد مراد ياب سنڌ ملڪ ڇڏي، ايران جو سفر بہ رڳو اسان ۽ توهان پائرن جي عيوض ڪري ڪيو آهي. ايران جو سفر نہ پر سقر (دوزخ) آهي. جڏهن انشاءَ الله تعاليٰ جهانن جي پلي ۽ سردار صلي الله عليہ وسلم جي صدقي محمد مراد منهنجي زندگيءَ ۾ ايران کان واپس موٽي ايندو، تہ منهنجون اکيون روشن ٿينديون ۽ نيڻ ٺرندا ۽ جيڪڏهن خدا ان کي منهنجي وفات کان پوءِ آڻي، تہ قانون پٽاندر ۽ سفر جي تڪليفن ڪري ان جي حڪم جا پابند رهجو.

---

[1] هي ميان نور محمد ڪلهوڙي جو وڏو پٽ هو جيڪو پيءُ جي وفات کانپوءِ 1167 ھ ۾ حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. مراد آباد شهر سندس اڏايل هو، سندس خطاب "سر بلند خان، هو. تاريخ 13- ذوالحج 1170ھ تي سندس پائرن کيس تخت تان لاٿو. شوال 1171ھ ۾ وفات ڪري ويو. ان کانپوءِ سندس ننڍو ڀاءُ ميان غلام شاھ ان جي جاءِ تي حڪومت جي تخت تي ويٺو.

[2] جنهن وقت نادر شاھ سنڌ کان ايران ڏانهن واپس موٽيو تہ محمد مراد ياب خان کي يرغمال طور پاڻ سان گڏ وٺي ويو. نادر شاھ 11- محرم 1153ھ تي لاڙڪاڻي کان روانو ٿيو ۽ تاريخ 7- صفر 1153 ھ نادر آباد (قنڌار) پهتو.

نادر شاھ جي مارجڻ (1160ھ) کان پوءِ محمد مراد سنہ 1161ھ ۾ وطن روانو ٿيو. سنہ 1164 ھ تي سنڌ ۾ پهتو. سندس سنڌ ۾ اچڻ جي تاريخ هن بيت مان نڪري ٿي:

بامژده رسيد، خان عالي بوطن (جعفر) مطلب تہ، خان وڏو خير مبارڪ سان وطن پهتو.

بافضل خدا، خان جوان بخت رشيد،

از راھ خراسان ، بوطن باز رسيد (محسن ٺٽوي)

يعني: خدا جي مهرباني سان خان جوان، ڀلاري ڀاڳ وارو خراسان جي واٽ کان وطن موٽي آيو.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جا ٻيا پٽ: ميان غلام شاھ ۽ ميان عطر خان سنہ 1162ھ ۾ سنڌ واپس پهتا هئا. پوءِ هن مان ظاهر آهي، تہ هيءَ وصيت 1162ھ ۽ 1163ھ سالن جي وچ واري عرصي جي لکيل آهي.

## 19. ملڪي سياست

رياست يا حڪومت سياست سان هلائڻ لازمي آهي، اهڙيءَ طرح حڪومت هلايو، جو ڪتي دشمن ڪنڌ نہ ڪڍي سگهي.

## 20. خاص وصيت

برخوردار احمد يار خان[1] سان هر معاملي ۾ صلاح مصلحت ڪندا ۽ پچندا ڪريو. اسان جي لاءِ فقير، مريد ۽ عقيدتمند جيڪو نذر نياز آڻيندا آهن، انهن سيني کي چوندا، تہ ان کي هر ماڻهو پاڻ وٽ سانديي رکي. جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ بنهي جهانن جي سردار صلي الله عليہ وسلم جي صدقي ذڪر ڪيل فرزند محمد مراد ياب کي واپس آڻي، تہ ان جي بيعت ڪندا. انهي نورچشم (محمد مراد ياب) جي اچڻ تائين نورچشم خداداد خان[2] ملڪ ۽ ملڪ داريءَ جي باب ۾ ڪابہ ڪوتاهي ۽ گهٽ وڌائي نہ ڪري، رات ڏينهن ملڪ داريءَ جي فڪر کان غافل نہ رهي يعني ان وقت تائين ملڪ جو انتظار خداداد خان سنڀالي.

جيئن تہ اوهان هينئر اسان جي ادب ۽ حڪم ۾ آهيو. تيئن مون کان پوءِ بہ ائين رهجو. توهان انهي (محمد مراد ياب) کي پنهنجو قبلي گاهہ ۽ اکين جو نور سمجهو. هو بہ توهان کي پنهنجو اولاد ڪري پائيندو. خدا نہ ڪري! جيڪڏهن اهل غرض يا گهر ڦٽائيندڙ ماڻهن جي چوڻ تي لڳندؤ، تہ بين جا محتاج ٿي پوندؤ ۽ گذريل وقت وري نہ ايندو آهي، جيئن ڇُٽل تير واپس ڪمان ۾ نہ ايندو آهي.

## 21. چار مذهب

چئني مذهبن (حنفي، مالڪي، شافعي ۽ حنبلي) کي حق سمجهڻ گهرجي. پر اسان جا وڏا، امام ابوحنيفہ (نعمان بن ثابت زوطي، ولادت

---

[1] ميان نور محمد ڪلهوڙي جو چوٿون پٽ هو. جنهن وقت ميان غلام شاهہ (13 ذوالحج 1170هہ) ۾ حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو، تہ احمد يار خان ۽ ميان عطر خان سندس حڪم کان منهن موڙي، جنگ ۽ جهيڙي جي شروعات ڪئي، جنگ ۾ (نهرا مرڪس روهڙي جي ويجهو) غلام شاهہ جي هٿان هار کائي، قلات ۾ وڃي پناهہ ورتائين، ڪجهہ مدت کانپوءِ احمد يار خان هندستان ويو ۽ اتي وڃي رهيو (تاريخ ڪلهوڙا: جلد 1، صہ 594، 599، 602، 610)

[2] ميان نور محمد ڪلهوڙي جو ٽيون نمبر پٽ، جو ان کي ميان صاحب محمد مراد ياب جي غيرحاضريءَ ۾ قائم مقام وليعهد بنايو هو. جڏهن محمد مراد ياب ايران کان موٽيو، تڏهن خداداد خان جي دل ۽ دماغ تي ان جو ايترو اثر ٿيو، جو سنڌ ڇڏي هندستان هليو ويو (تاريخ ڪلهوڙا: جلد 1، ص. 526، 542).

سنہ 80ھ - وفات 150 ھ) رحمة الله عليہ جي مذهب تي هئا. ان ڪري توهان بہ اهو مذهب اختيار ڪندا.

جيتوڻيڪ ڪي اڻ ڄاڻ ماڻهو رافضي اصحابن سڳورن جا دشمن ۽ ڪي خارجي حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنہ جا دشمن آهن. (اصحابن سڳورن خلفاءِ راشدينؓ مان) بہ سيد الاولين ۽ الاخرين صلي لله عليہ وسلم جا سهرا ۽ بہ نياڻا آهن، تہ پوءِ اسان ماڻهو ڪهڙي حساب سان، ڇئني گوهرن مان، ڪن ڪي ميجون ۽ ڪن کان دل تڏي ڪريون.

خــــلاف پيمبـــــر ڪســـــي ره گزيـــــد
ڪہ هرگز بمـنزل نخواهد رسيد(سعدي رحہ)

مطلب، تہ جيڪو ماڻهو پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جن جي ابتڙ جيڪا بہ واٽ وٺندو ، اهو منزل مقصود تي هرگز نہ پهچي سگهندو.

## 22. طريقت جو سلسلو

اسان جا وڏا طريقت جي چوڏهن سلسلن مان سهروردي طريقي ۾ آهن:

گرز دل خواني تو شجره سهرورد،
گردي از هر دوجهان بالڪل فرد.

مطلب تہ جيڪڏهن تون دل سان سهروردي بزرگن جو شجرو پڙهين تہ، ٻنهي جهانن کان بلڪل آزاد ٿئين.

انهن مان آءٌ (پاڻ) نور محمد،[1] يار محمد،[2] دين محمد،[3] نصير محمد،[4] شاه علي،[5] الياس،[6] دائود،[7] آدم[8]، محمد، ابوبڪر ۽ عيسيٰ اهي سڀ سهروردي طريقي جا آهن. سيد ميران محمد جونپوري

[1] دور حڪومتن نور محمد 1719ع - 1753ع / 1132ھ - 1167ھ (طوفان عظيم) 1167ھ
[2] يار محمد (خدايار خان) 1701ع - 1719ع / 1113ھ - 1132 ھ
[3] دين محمد 1692ع - 1699ع / 1104ھ - 1111ھ
[4] نصير محمد 1657ع - 1692ع / 1068ھ - 1104ھ
[5] عرف شاهل محمد 1657ع / 1068 ھ
[6] ميان الياس 1620ع / 1030ھ
[7] داؤد 1200ع / 1009ھ
[8] ميان آدم شاه 1520ع - 1600ع / 927ھ - 1009 ھ

جيڪو اسان جو پير مرشد آهي، سو بہ ان طريقي تي هو. سيد ميران محمد[1] ڪان رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم تائين سلسلو مليل آهي. رسالہ "سهروردي" ان سان گڏ رسالو "چوڏنهن خانواده" بہ اسان وٽ موجود هو پر ناپاڪ ظالم (نادر شاهہ افشار)[2] جي سنڌ ملڪ تي ڪاهہ وقت ڪتب خانو ۽

---

[1] سيد محمد جونپوري(ولادت 847 هہ) جنهن وقت ڄام نظام الدين سمو سنڌ جو حاڪم هو. سيد محمد جونپوري جيسلمير جي رستي ڪا ٺٽي پهتو. 18 مهينا اتي رهيو(6 - 905هہ) ۽ هتان افغانستان ڏي ويو. فراهہ ۾ تاريخ 19- ذي القعد 910هہ(13 - اپريل 1505ع) تي وفات ڪيائين ۽ اتي دفن ٿيو.

[2] هي اشارو نادر شاهہ افشار ڏي آهي. جيڪو سنڌ جي حدن (لاڑڪاڻي) ۾ تاريخ 14- ذي القعد 1152هہ تي وارد ٿيو ۽ شهدادپور جي رستي (28- ذي القعد) عمرڪوٽ پهتو (29- ذي القعد) ميان نور محمد ڪلهوڑو عمرڪوٽ جي قلعي ۾ هو. لاچار پاڻ نادر شاهہ جي حوالي ڪيائين ۽ وٽس جيڪو مال خزانو هو. اهو اندر شاهہ جي هٿ چڑهيو. ميان صاحب جو بهترين ڪتب خانو جنهن جو متن ۾ اشارو آهي اهو بہ نادر شاهہ پاڻ سان گڏ ايران کڻي ويو.

سنڌ جي شاعرن نادر شاهہ جي فتني جي باري ۾ تاريخون چيون آهن. اهي هي آهن:

تخت نشيني: از مخدوم روح الله:

الخيرفي ما وقع 1148 هہ

مير علي شير قانع چيو:

لاخير في ما وقع - 1148هہ

قتل ٿيڻ:از مخدوم روح الله:

الخير في ما هو واقع - 1120هہ

مير قانع چيو:

لاخير في ما هو واقع 1160هہ

قاضي عبدالقادر ٺٽوي:

شہ نادر، چون برون شد، ز ميان
راحت آمد. بہ همہ عالميان
خوش خبر هاتف، فرمود زغيب
محوشد آفتِ نادر زجهان 1160 هہ

اڏارام ٺٽوي:

شاهہ شاهان نادر ايران ديار.
داشت باغ دولتش خرم بهار.
ناگہ از حڪم قضا پيڪ اجل.
نيز بگر فتش عنان اختيار.
بهر تاريخ وفاتش عقل گفت:
رحت بست از تخت هستي - شهر يار.

1875 = 716 = 1159هہ

هن تاريخ ۾ هڪ عدد جي گهٽتائي آهي، پر جيڪڏهن هينئين ريت ڇئجي، تہ هڪ عدد جي ڪمي دور ٿي ويندي: *(هلنڊڙ)*

رسالا ڪجي ويا. هاڻي ميران جي اولاد جي خدمت ۾ ماڻهو موڪليو اٿئون.جيڪڏهن رسالا عنايت ڪيائون، ته هن نسخي"منشور الوصيت و دستور الحڪومت" ۾ شامل ڪيا ويندا. الله تعاليٰ ۽ سيد السادات صلي الله عليه وسلم جن جي نالن ڪانسواءِ دنيا ۾ پٽن کان وڏيڪ ٻي ڪابہ شيءِ پياري نہ آهي. پاڻ قياس ڪريو، ته پٽن کي ضرور ڪا چڱي ڳالهہ چئي ويندي:

هر دعائيڪ پدر،*در حق فرزند ڪند،

هيچ شڪ نيست ڪہ مقرون اجابت است!

مطلب تہ پيءُ جيڪا بہ دعا پُٽ جي حق ۾ ڪندو، تہ ان جي قبوليت ۾ ڪُوبہ شڪ ڪونهي.

ان ڪري قلم وري وري لکي ٿو تہ: "اوهان جو فائدو سراسر اخلاص ۽ محبت ۾ آهي. جيڪڏهن پاڻ ۾ تفاوت ڪندؤ يا جدا ٿيندؤ، تہ ندامت ۽ پريشاني جي ڦل يا نتيجي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو.

## 23.ملڪ ۽ ملڪيت جي ورهاست ۽ محصول

منهنجي اکين جا نور ٻچا! توهان کي خبر آهي تہ الله تعاليٰ، رسول ثقلين ﷺ جي صدقي هن گنهگار کي زمين جو ٽڪرو عطا ڪيو آهي. اهو هر هڪ کي جدا جدا ورهاست ڪري ڏنو اٿم، تہ جيئن توهان مان هر هڪ وٽ پنهنجو حصو قبضي ۾ رهي:

1- لاڪاڻ پرڳڻو، جو سيوستان سرڪار ۾ آهي ۽ لڏي گاگن جو پرڳڻو روهڙي سميت جيڪو لڏي گاگن جي زمين ۾آهي، اکين جي نور روح جي راحت خداداد خان کي ڏنم.

2- گاگري پرڳڻو ۽ اروڙ پرڳڻو بکر سرڪار وارا اکين جي نور، جگر جي ٽڪري عطر خان کي ڏنم.

3- شهدادپور ضلعو نصرپور سرڪار وارو ۽ ماٿيلو پرڳڻو بکر سرڪار

---

اڳئين صفحي جو باقي نوٽ: عقل تاريخ از سر الهام گفت:

رخت بست از - تخت هستي - شهريار

1875 = 716 = 1159 = 1- 1160ھ

سنڌ ۾ نادر جو فتنو:

1- مثل القيامت - 1152 ھ

2- نادر پاپي سنو نہ ڪيو - 1152ھ

(نادر شاھ)ٻارهين محرم 1153ھ لاڙڪاڻي کان افغانستان موٽي ويو.

وارو نورچشم احمد يار کي ڏنم.

4- انهن پرڳڻن ڪانسواءِ جيڪي هن گنهگار جي هٿ ۾ آهن، انهن جو مالڪ منهنجي حياتيءَ ۾، ۽ موت ڪانپوءِ اکين جو نورُ محمد مراد ياب آهي، ان کي ڏنم، چانڊڪو پرڳڻو، ڪاڇي جو ڳچ حصو جنهن جو تعلق سرداريءَ سان آهي، اهي سيئي برخوردار محمد مراد ياب کي ڏنم.

5- ڪنڊياري جو اڌ پرڳڻو، راڻيپور جو ٽپو، باغبان جو اڌ پرڳڻو، ڪاڇي جو ڏهون حصو ۽ چوٿون حصو شهر فتح پور جو، جهڙي طرح منهنجي پيءُ مرحوم مغفور محمد خان وٽ هئا، ان ڪانپوءِ اهي منهنجي اکين جي نور فضل علي کي ڏنا وڃن.[1] اوهان هر حال ۾ هڪ ٻئي رهجو. اهل غرض جي چوڻ تي عمل نہ ڪجو.

جيئن تہ هن گنهگار جو حال بہ يعقوب نبي عليہ السلام جهڙو زار زار آهي، پر ان(روئڻ ۽ اولاد جي جدائي) مان ڪهڙو فائدو؟ جو دل گناهن ڪان ڪاري آهي، پر الله تعاليٰ ارحم الراحمين آهي، الله تعاليٰ حضرت خير البشر صلي الله عليہ وسلم جن جي صدقي رحم فرمائي، جو مسافر (پٽ محمد مراد ياب جيڪو نادر شاهہ وٽ گروي آهي) خيريت سان اچي ۽ ڪيترن سالن جو وڇوڙو وصال ۽ ميلاپ سان ڪامياب ٿئي.

منهنجي پيءُ محمد اسلام جي فرزندن: برخوردار محمد شفيع ۽ برخوردار شاهہ محمد جي رضا جوئي پاڻ تي لازم ڄاڻجو، جو انهن جو الله تعاليٰ ۽ رسول مقبول صلي الله عليہ وسلم ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ والي وارث ڪونهي.

توهان پاڻ ۾ بہ وچان اڌ محصول ۽ ملڪداريءَ جو خرچ جيئن هيءُ گنهگار ڏئي ٿو، نورچشم محمد مراد ياب کي بنا ڪنهن گهٽ وڌائيءَ جي دستور موجب ڏجو ۽ زمين جي ورهاست جي هڪ لسٽ محمد مراد ياب کي ڏجو، ائين نہ ٿئي جو پنهنجا هندو[2] دفتر دار زمينن جي آمدني جي لکت گهٽائي لکن ۽ اوهان مان بہ هر

---

[1] نورچشم فضل علي هرحال ۾ توهان سان متفق، جان ۽ مال سان يڪجا هوندو ۽ اهل غرض جي ڳالهين تي عمل نہ ڪجو.

[2] ميان صاحب ڪلهوڙا، هندن تي گهڻو اعتماد رکندا هئا ۽ مذهبي تعصب انهن ۾ مور نہ هو. لکپڙهہ جو محڪمو ۽ حڪومت جا مالي ڪم بہ انهن جي حوالي هوندا هئا. انهن مان ڪجهہ هندو عهدي، دارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1- برخوردار مهتہ موٽومل (يار محمد ۽ نور محمد جي زماني ۾)

2- ديوان مانجهومل (نور محمد جي زماني ۾)

3- ديوان گدومل (نور محمد، غلام شاهہ ۽ سرفراز جي دور ۾) *(هلندڙ)*

حال سان خيريت ۾ رهن، جيئن چيو اٿن:"سک جي رات بہ گذري ويندي ۽ ڏک جي رات بہ گذري ويندي."

9- جهڙيءَ طرح مرحوم غلام حسين جي زندگيءَ ۾ سندس وظيفو مقرر هو، اهو ان جي پٽن کي بہ ڏنو وڃي ۽ ان ۾ فرق نہ ڪجو. اهو جيڪو محصول جو حصو منهنجن پاٽرن: محمد اسلم، تاج محمد، محمد عارف ۽ برخوردار سائين ڏني ۽ جيڪو فصلاٽو برخوردار محمد عليءَ جو مقرر آهي، ان ۾ بہ تفاوت نہ ڪجو.

10- ۽ اهو جيڪو مائٽن عزيزن جو حصو ۽ ڍهن ۾ آهي ۽ ڪاڇي ۾ مال ۽ پوک آهي. ان تي بہ گذريل ۽ هميشہ وانگر عمل ۽ هميشگي ڪندا، ڪين ڏيندا رهجو. مطلب تہ مائٽن عزيزن کي هرحال ۾ راضي رکجو.

11- ۽ جيڪي سرائي فقير آهن، انهن کي بہ هڪجهڙو ۽ هڪ نظر سان نہ ڏسجو، جيئن مشهور آهي:

"بادوستان مروت          بادشمنان مدارا"

يعني دوستن سان مروت، دشمنن سان بہ رعايت نرمي ڪرڻ جڳائي.

چو تہ اهي سرائي فقير بہ سڀ هڪجهڙا ڪونہ آهن. ڪي جسم وانگر آهن، ڪي وقت ٽپائيندڙ، ڪي پنهنجو رت ۽ عزيزن وانگر آهن. انهن مان ڪي منافق، ڪي زماني ساز ۽ ڪي پنهنجي وطن ڪان ڏڪايل ۽ هتي اچي وڏا وار رکائي، پاڻ کي فقير تا سڏائين ۽ دربان آهن. جهڙي طرح ظالم ناپاڪ نادر شاهہ جي اچڻ تي ان کي اسان جا راز ۽ احوال ظاهر ڪيائون.

مطلب تہ هر هڪ موافق ۽ منافق جو نالو اسم وار نہ لکبو جيئن منافق بيدار نہ ٿين ۽ پلي تہ غفلت جي ننڊ ۾ ٿي ستل رهن(جيتوڻيڪ اسان کي سڀ خبر آهي)[1]

## 24. عدالت جي باري ۾

عدالت جي مقدمي ۾ پنهنجي ۽ پرائي کي هڪ نظر سان ڏسڻ گهرجي، جيئن چيو اٿن:

آنچہ بر خود نہ پسندي، برديگران روامدار.

يعني اهو جيڪي پنهنجي لاءِ پسند نہ ڪرين تہ بين لاءِ بہ روا نہ رک.

---

[1] هن مان ظاهر ٿئي ٿو، نادر شاهہ جي فتني يعني سنڌ تي حملي وقت ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ڪ ملازمن ساٿس بي وفائي ڪئي. ميان صاحب ان باري ۾ مصلحت نہ ڄاتي، تہ انهن منافقن جو راز فاش ڪري شايد ڏنو ٿي، تہ متان ان جي وفات ڪانپوءِ اهي خيانت ڪري، سندس پٽن کي ڪا وڏي تڪليف پهچائين.

## 25. شيخ غلام محمد ۽ شيخ شڪر الله جي پارت

برخوردار شيخ غلام محمد ۽ شيخ شڪر الله کي ڀائرن وانگر ڄاڻجو، جو اهي نمڪ حلال ۽ سرويچ آهن. شيخ غلام محمد ته اسان جي ڪري جفائون به ڏٺيون آهن ۽ تڪليفون به سٺيون آهن.[1]

## 26. هندو منشي يا ڪاتب

باقي خاص منشي يا ڪاتب هندن مان نه رکجو، جو ڪن جاين تي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ حديثون ۽ قرآن پاڪ جون آيتون اچن ٿيون. اهي هندو ڪاتب حديث نبويءَ ۽ قرآني آيتن پڙهڻ ۾ لکڻ کان عاجز ٿي پون ٿا. انهيءَ ڪري انهن هندو ڪاتبن کي لکڻ پڙهڻ جي ٻين ڪم ڪارين، حساب ڪتاب ۽ پروانن لکڻ تي مقرر ڪجي.

---

[1] هي ٻئي ڀائر ڪلهوڙن جا ناميارا امير هئا. حڪومت جي هٿ ونڊائڻ ۾ به چڱو اثر رکندا هئا. جنهن وقت نادر شاهه، محمد مراد ياب خان کي ايران وٺي ويو، ته شيخ غلام محمد به ساڻس گڏ ويو ۽ اتي وڃي رهيو. سنه 1163هه ۾ نادر شاهه جي مارجڻ کانپوءِ صاحبزادو محمد مراد ياب وطن وريو، ته غلام محمد به ان سان گڏ هو. جڏهن مسقط ۾ پهتا، ته غلام محمد اتي مارجي ويو. (تحفة الڪرام جلد 3، ص 111)
هيءَ خبر ان ئي سال سنڌ پهتي، ته شيخ شڪر الله، صاحبزادي کي وٺي اچڻ لاءِ مسقط روانو ٿيو. 1164هه ۾ اتي سنڌس وفات زهر سان ٿي. محمد مراد ياب اڪيلو وطن پهتو.
محمد پناهه رجا ٺٽوي هنن ٻنهي واقعن جا قطعا تاريخ هن ريت لکيا آهن. انهن جو ترجمو هيءُ آهي: افسوس آهي انهن ٻن موتن تي، جي جان ۽ بدن کي ڳارڻ وارا آهن، فرياد آهي انهن ٻن حادثن تي، جي هڪبئي پٺيان پيش آيا.
- انهن ٻنهي ڀائرن جي جدائي تي هزار آهون، جڳائي ته مجلس ماتم جي شمع وانگر رجندا رهون. انهن ٻنهي ۾ اهڙو اتحاد هو، جهڙو هڪ باداميءَ جي ٻن جاڙن گورن ۾. انهن جي دلين هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ نه ٿي چاهيو.
- هو ٻئي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي ڏوهٽن (حسن رضه ۽ حسين رضه) جا پيرو هئا، انهن ٻنهي سيدن جي روشن سنت غلام محمد ۽ شڪر الله تي ختم ٿي وئي.
- غلام محمد خنجر سان شهيد ٿيو ۽ شڪر الله جو پاڪ روح زهر سببان بدن کان جدا ٿيو.
- انهن ٻنهي جي تاريخ وفات به مصرع چيا ويا. ٻئي الڳ الڳ آهن، فصيح آهن ۽ انهن جو انداز سخنوراڻو آهي:

شد آن يکي پئي حسن سنت حسين 1163 هه
وآن ديگري به پيروي سنت حسن 1164هه

- غلام محمد حضرت حسين جي سنت کي پورو ڪيو ۽ شڪر الله حضرت حسن جي سنت تي هلڻ پسند ڪيو.
- اي خدا! تو انهن کي حضرت حسن ۽ حسين جي پيروي جو شرف بخشيو، تون قيامت ۾ به انهن کي زماني جي ٻنهي سردارن سان گڏ اٿار (مقالات الشعراء)
هنن ٻنهي واقعن مان به ظاهر ٿئي ٿو، ته هيءَ وصيت 1163هه کان اڳ جي لکيل آهي جنهن وقت هي ٻئي حال حيات هئا.

## 27. براهوئي

باقي بروهي اسان جا ابن ڏاڏن کان دوست ۽ دشمن رهيا آهن. پر انهن ۾ ڪي ماڻهو سچار ۽ سخندار بہ هئا ۽ هاڻي تہ بروهي منافق، ۽ خود مطلبي ۽ ڪوڙا آهن. پوءِ انهن جي چاپلوسي ۽ فڪر کان غافل نہ رهڻ گهرجي:

غافل منشين، کہ همنشين تو بداند،
وآن ديو دو رنگ راه دينت بزنند

مطلب تہ غافل نہ ٿئي جو تنهنجو همنشين ڄاڻي ٿو، تہ اهو بہ رنگو شيطان تنهنجي دين جي واٽ هلندو.

## 28. داؤد پوٽا.

داؤد پوٽا بہ زر خريد ۽ احسان جا خريد ٿيل آهن۔جو سندن هٿن ۾ مغلن جو لشڪر ۽ طاقت آهي. انهن کي ڪنهن بہ خود مطلبي ماڻهوءَ جي چوڻ تي ناراض ۽ بي دلِيو نہ ڪجو. راضپي واريءَ حالت ۾ حاضريءَ ۽ نوڪريءَ جا فرائض چڱيءَ طرح سرانجام ڏيندا.

## 29. مغل ۽ لشڪر جي خبر گيري

مغلن سان ظاهري فرمانبرداريءَ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي وجي.اندروني طور پنهنجي زميندارِي جو طريقو. جيڪو ابن ڏاڏن کان هليو ٿو اچي، سو بہ هٿ کان نہ ڇڏيندا.

پنهنجي لشڪر جي خبرچار ۽ سڌسماءَ لهڻ پاڻ تي فرض عين ڪري ڄاڻندا. جو تہ لشڪر"پانَ" جي پن سان مشابهت رکي ٿو.جي ان جي سار سنڀال نہ لهبي، تہ جلدي پان جو پن سڙي سڪي ويندو. ان ڪري رات ڏينهن لشڪر جي خبرچار ۽ دلجوئي ۾ ڪوتاهي نہ ڪئي وجي تہ جيئن ڏکي وقتن ۾ فوج ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪري. اهڙيءَ ريت خير جي وقت شر جو اونو ۽ شر جي وقت خير جو فڪر رکجي. قلعن جي خبر گيري، بارود ۽ کاڌ خوراڪ وغيره سميت قلعن جو ڪم ڪار توهان پاڻ سرانجام ڏجو ۽ ٻين جي حوالي نہ ڪجو، ڇو تہ سرحدي قلعن جي اڳواٽي تمام نازڪ آهي، مطلب تہ منڍ کان وٺي خبرداريءَ کان ڪم وٺجي ڳالهہ وڏي وڃڻ کانپوءِ، پاڻي سر کان تار ٿيو وڃي.

## 30. خدا جي بندگي

وقت جي شروعات الله تعالىٰ جي بندگي ۽ حضور صلي الله عليه وسلم تي درود پڙهڻ سان ڪجي.ان ڪانپوءِ دنيا جا ڪم ڪار ۽ شغل پورا ڪجن ۽ جيڪي قلم سان هن ڪان اڳ ۾ لکجي آيو آهي، ان کي بجا آڻجو.

سرداري سولي نہ آهي، ڏندن سان جبل ڪاٽو آهي، ٿوري بہ غفلت سان جڳ ڪلندو ۽ ٿوري بہ بيخبري مناسب ڪانهي...

## 31. جزيو

هندن کان سال بہ سال جزيو وٺندا رهجو، بلڪ پنهنجي خرچ، خوراڪ پوشاڪ ۾ ان ملندڙ جزئي کي منظور ڪجو، جو جائز ۽ صحيح آهي.

## 32. ملڪ سيوي

پنهنجي دسترس آهر ملڪ سيوي ۽ ملڪ گجرکي نہ وسارجو. رات ڏينهن جبل ۽ جهنگ جا دشمن بہ نظر ۾ هجن، جيڪي وقت سر روز بروز خطرناڪ اُلا اتاريندا رهن تا. پوءِ رات ڏينهن خدا جي ڏنل ملڪ جي خبرگيري ۽ لشڪر جي ترقي ۽ سار سنڀال رکجو جا بجاءِ آهي.

# پڇاڙي ۽ موڪلاڻي

الله وارن جي ملاقات کان غافل نہ رهو، جو تہ اها ڪيميا آهي. اسان کي جيڪا پدري شفقت ۽ فرزندانِ محبت دل ۾ آهي، اها لکيسون ۽ چئيسون.آئندي بہ جيڪا رب جي رضا هوندي، ائين ٿيندو:

دل عبث چندين ز تقدير الاهي ميتپد.
ميشود قلابہ محڪم تر چوماهي ميتپد.

مطلب تہ، دل اجايو الاهي تقدير کان تڙپي ٿي، جيئن مڇي ڦتڪندي، تيئن ڪُنڍيءَ ۾ ڦاسندي.

باقي توهان کي ۽ توهان جي هُن جهان ۽ هِن جهان جي ڪمن ڪارين سميت، الله تعالىٰ جي رحمت ۽ سندس رسول سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم جي شفاعت جي حوالي ڪيوسين. آمين ثم آمين يا رب العالمين برحمتک يا ارحم الراحمين.

(1)

# جهوڪ واريءَ جنگ بابت ٽي خط

1- ميان يار محمد ڪلهوڙي جو خط

2 - ملتان جي صوبيدار نواب سيد حسين خان جي پٽ جو خط

3- ميران سنگهه ڪتري ملتانيءَ جو خط

(1)

# ميان يار محمد ڪلهوڙي واليءَ سنڌ جو خط

## (وفات: 1131 هه/1718ع)

[ميان يار محمد خدايار خان واليءِ سنڌ جو پنهنجي پٽ ميان نور محمد ڪلهوڙي ڏانهن خط، جيڪو ان وقت خدا آباد ۾ هو. هيءُ خط جهوڪ جي جنگ جي ميدان مان لکيو ويو.]

نورچشم ميان نور محمد! الله جي حفاظت ۾ هجو!

هي ڀ اکر خير جي خبر جا قلم ذريعي لکجن ٿا. آءٌ نواب اعظم خان جي رفاقت ۾ اٽل درياءَ ڪان ڪوچ ڪري، جهوڪ شاهه عنايت جي جاءِ تي پهتس. جڏهن ته انهن قلعي جي چوڌاري اونهي کڏ کوٽي ڇڏي هئي. لنگهڻ جي جاءِ نه هئي. انهيءَ سبب ڪري لشڪر کي جهوڪ کان اڌ ڪوهه پري ترسايو ۽ رهايو ويو.

جڏهن ته چنچر ڏينهن تاريخ 17 - ذي القعد سنه 1129هجريءَ تي سڄو ڏينهن لشڪر سوار ۽ پيادن سميت کڏ، قلعي ۽ آسپاس جو گهيرو ڪيو ۽ آمد رفت ڪٽي، پر فسادين کي ڀ مقابلي جي همٿ نه رهي.

جڏهن آچر جي رات ٿي، فسادين جي سامهون سڀ لشڪر گهيرو ڪيو وينو هو. ان رات جو اڄا پويون پهر هو، ته فسادين جي فوج جا سترنهن سئو پيادا، جيڪي سيني فسادين جا روح روان هئا، سي راتاهي هٽڻ جي ارادي سان آيا، جيتوڻيڪ انهن لشڪر وارن اوزارن سميت پنهنجي وس مان ڪونه گهٽايو، مگر اسان جي جنگجو ۽ دلير جوانن انهن سان خوب مهاڏو ڏنو ۽ ان رات فساڏين کي کهڻ، مارڻ ۽ ٻڌڻ ۾ چڱو پاڻ ملهايو. گهڻن کي ختم ڪيو ويو. جيڪي سلامت بچي نڪتا، اهي ڀ تلوار جا گهايل هئا.

انهن ۾ اڪثر قاسم پنهور جا پٽ: گهرام ۽ سيد بولو وڪيل ننڍ ۽ احمد بوبڪائي ۽ اوديجه پائر ۽ بيا زميندار جن پاڻ کي فدائين جي لسٽ ۾ چونڊايو هو، سيئي تلوار جي هيٺان اچي عدم جي واٽ ورتائون ۽ صبح تائين اهو هنگامو جاري هو.

حسن اتفاق سان جنهن وقت هيءُ هنگامو برپا هو، گهڻا فقير جيڪي سرڪاري تنبن تي بينل ۽ نگهبان هئا، اهي تڙي پکڙي ويا ۽ فسادين جي جماعت سرڪاري خيمن جي دروازي تي حملو ڪيو، پر نورچشم ميان دائود ۽ ميان غلام حسين منهنجو ڀاءُ ميرمحمد ۽ ٻيا خاص ساٿي بروقت پهچي ويا، جن دليراڻو مقابلو ڪري گهڻن کي جهنم رسيد ڪيو ۽ فتني جي غبار کي تلوار جي پاڻي سان ٺاريو. هن وقت جيڪو ساڃي ڪاٻي گرفتار ٿئي ٿو. اهو سزا ڀوڳي ٿو.

ٻيو سڀ خير ۽ سلامتي آهي، دلجاءِ رکندا. جنگ اڃا باقي آهي. انشاء الله فسادين کي جلدي بري ڪم جو بدلو ملندو.

ٽڪڙ ۾ هيءُ مختصر خط لکيو ويو آهي. ميان دائود جي سواريءَ جي گهوڙي کي منهن تي پنج ڇهه زخم رسيا آهن ۽ ٻي جسم کي به ڪجهه زخم آيا آهن. اهڙيءَ طرح ميان محمود ۽ ميان غلام حسين جا گهوڙا به ڦٽيا آهن، پر الحمد الله جو پاڻ خير ۽ سلامتيءَ سان آهن.

مطلب ته هيءُ ڏکهو احوال تفصيل طلب آهي. ٻي پيري قلم جي حوالي ڪبو. خوشحال ولد جمال جي گهوڙي، منو ڇهر، خيالي ولد صدر، ياقوت، بشير، ابراهيم، حسين ۽ صالح ۽ ........ ۽ ٻين فقيرن کي به گهڻ وڌ زخم رسيا آهن.

١

## (2)

# ملتان جي صوبيدار نواب سيد حسين خان جي پٽ جو خط

[ملتان جي صوبيدار سيد حسين خان جي پٽ* هيءُ خط جهوڪ جي جنگ هلندي لکيو. ان صاحبزادي جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا، اهي هن خط ۾ تحرير آهن.]

ملڻ جو شوق تمام گهڻو، حد کان زيادهه قلم تي اچڻو هو ۽ دل جواحوال لکڻو هو، تہ اوهان جو عنايت نامو (خط) روح کي راحت ڏيندڙ اچي پهتو. جنهن دل جي مکڙي کي کولي ڪلائي ڇڏيو ۽ اندر جي بلبل، غم جو وڳو لاهي، خوشيءَ جي پوشاڪ پهري، دلير فسادي (شاهه عنايت) جي جنگ جدل جي باري ۾ پڇيل سوال بابت احوال هن ريت آهي: شاهه عنايت پنهنجي ماڻهن جي گهٽائي ڏسي، تابعداري کان بغاوت ڪري بي فرماني ڪئي. نواب صاحب لشڪر جو ڪٽڪ توبن ۽ بجلي جهڙين تلوارن سان، صاحبزادي جي هٿ هيٺ ڏئي ان ظلم جي پاڙ پٽڻ لاءِ موڪليو.

جنهن وقت صاحبزادو **کهاي بلدي**** وٽ پهتو، تڏهن نواب صاحب جي فرمان موجب زميندار بہ صاحبزادي جي خدمت لاءِ آيا. بدبخت فسادي قلعي جي اندران تيرن تفنگن جي جنگ جاري ڪئي. فوج بہ مهينا جانفشانيءَ سان مهاڏو ڏنو. قلعي جي چوڌاري ٻوڏ آيل هئي، جو چئني طرفن کان ڏهن ڪوهن تائين خشڪيءَ جو نشان بہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو. نواب صاحب ، ملتان جي محمد باقر بخشي کي لشڪر جي ڪمڪ ڏئي روانو ڪيو. انهن جي پهچڻ کانپوءِ خان بلند مڪان سعادت خان پاڻ بہ فوج سان صاحبزادي وٽ آيو. صبح جي وقت صاحبزادو وڏي بخت سان هاٿي تي پالڪي رکائي سوار ٿيو ۽ لشڪر بہ ان پاڻي کان عبور ڪري، شاهه عنايت جي قلعي ويجهو پهتا ۽ مورچا قائم ڪيائون. شاهه عنايت جا ماڻهو سعادت خان جي مورچي تي راتاهو هڻڻ آيا ۽

---

* صاحبزادي جو نالو ڪنهن بہ قلمي مخطوطي ۾ ملي نہ سگهيو آهي.

** جاءِ/ ايل جڳهہ / شهر يا ڳوٺ بابت ڪا بہ ڄاڻ نہ ملي سگهي آهي.

سخت لڙائي ٿي. سعادت خان جي دلير ۽ بهادر لشڪر انهن کي پوئتي پڇڻ تي مجبور ڪيو. انهن شاهه عنايت جي ماڻهن موٽندي ئي وري صاحبزادي جي لشڪر جي مورچي تي حملو ڪري ڏنو. ۽ هن طرف بہ صاحبزادي جي جنگي جوڌن ۽ دشمن گير سپاهين انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو. آخر انهن پناهہ جي جاءِ نہ ڏسي، پڇي پنهنجي قلعي ۾ وڃي پنهنجو پاڻ لڪايو.

ان ڪاميابي ڪانپوءِ صاحبزادو ڪثير فوج وٺي اصل قلعي جي دروازي تي ڪاهي آيو ۽ سختيءَ سان حڪم ڏنو، تہ هر هڪ بهادر پنهنجي طاقت ۽ لياقت آهر سڄي رات هوشياري ۽ خبرداري سان ڪم سرانجام ڏئي، تہ جيئن دروازي کان دشمن پڇي نہ وڃي. دروازي جو گهٽُ بند ٿي ويو، تہ اڌ رات مهل قلعي جي پٺ پڇي پڇڻ جي ڪيائون.

(هتي نظم آهي، جنهن جي پهرين سٽ ۾ سرڪاري لشڪر جي فتح، دليري ۽ جوان مرديءَ جي دل کولي ساراهہ ڪئي وئي آهي ۽ ٻيءَ سٽ ۾ دشمن جي لشڪر جي غم، الم، بزدلي، عاجزي ۽ نامرادي بيان ٿيل آهي.)

هن وقت تائين بخت جو صاحبزادو انهن جي مال ضبط ڪرڻ لاءِ اُتي ترسيل آهي. جنگجو، بهادر ۽ جوان انهن جي مٿان مقرر ٿيل آهن. عنقريب بادشاهي بخت موجب قتل ٿيندا يا قيدي ٿي قهر هيٺ ايندا. هن ڪانپوءِ جو بہ ڪجهہ ٿيندو، آءُ اهو احوال قلم جي ذريعي لکندس.

(3)

# ميران سنگهه کتري ملتانيءَ جو خط

## [ميان يار محمد خدا يار خان ڪلهوڙي جو شاهه عنايت سان مقابلو]

هڪ اَياڳي ڏينهن شاهه عنايت پنهنجي خدمتگارن جي انبوهه تي نظر ڪئي. ان گهمنڊ ۾ شاهه عنايت، نواب اعظم خان جي تابعداريءَ جي رستي کان قدم ٻاهر رکيو ۽ پنهنجي لاءِ نقصان وهايائين. نواب اعظم خان پنهنجي تورن ماڻهن تي نظر ڊوڙائي، ته پاڻ ۾ مقابلي جي همٿ ۽ مصلحت نه ڏٺائين، ان ڪري مٿي خان وڏي شان واري کان مدد طلبيائين. سندس سڀ سپاهي سورهيه، شينهن مڙس، صف شڪن، تلوار بازيءَ جا مهمير ۽ ميدان جنگ جا آزمودگار هئا. خان وڏي شان واري، خدا يار خان عباسيءَ کي نواب اعظم خان جي مدد لاءِ موڪليو. نواب صاحب، خان وڏي شان واري جَي حڪم جي تعميل ۾ فتح ۽ نصرت، ظفر ۽ ڪاميابيءَ سان حملي آور ٿيو.

جڏهن اتي فسادين وٽ پهتا، ته هڪ طرف خدا يار خان فسادين کي گهيرو ڪيو. بندوقن جي بجلي ۽ ڪڙڪيدار آوازن، فسادين جا هوش حواس گم ڪري ڇڏيا. ٻئي طرف کان نواب صاحب مورچا قائم ڪري، تيرن ڪمانن سان جنگ شروع ڪئي. جڏهن شاهه عنايت جي فقيرن ڏٺو، ته ڏينهن جو ڪامياب لشڪر سان پڇڻ پيٽي ڪانهي، ته قلعي کان ٻاهر قدم به نه رکيائون. البت بدنيتيءَ سان خدا يار خان جي لشڪر تي رات جو راتاهي هڻڻ جي ارادي سان قلعي کان ٻاهر نڪتا، پر هوشيار ۽ تجربيڪار بهادرن انهن کي اڌ مئو ڪري، پوئتي پڇڻ تي مجبور ڪيو ۽ زخم کائي ناڪام ٿي موٽيا.

صبح جي وقت خدا يار خان ۽ نواب عالي مڪان هاٿين تي سوار ٿيا ۽ لشڪر کي به سوار ٿيڻ ۽ سخت مقابلي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ چيو ته، پهريان دشمن جي قلعي کي توبن ۽ بندوقن سان اڏايو وڃي.ان کان پوءِ تلوارن جي ٻاهه سان انهن جي حياتيءَ جي ٻارِ کي جلايو وڃي.

جڏهن انهن ٻنهي درياءَ جي موتين اها صلاح پي ڪئي، ته فسادين جو جاسوس اتي ويٺو هو. ان خابروءَ اها ڳجهي ڳالهه جهٽ وڃي شاهه عنايت کي

ٻڌائي، هاٿي انهن ڏنو، ته قلعي ۾ ويهڻ به خطري کان خالي ناهي. تڏهن شاهه عنايت لاچار ٿي، قلعو ڇڏي ڏهه هزار لشڪر مقابلي لاءِ موڪليو. انهن نڪرندي ئي خدا يار خان جي هاٿيءَ تي ويجهو حملو ڪيو. پر خان جي حشمت ۽ شجاعت واري فرزند دائود خان، چند هزار مٺير مڙسن سان اک ڇنڀ ۾ اتي پهچي، فسادين جي ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.

سبحان الله سندس تلوار ذوالفقار حيدريءَ وانگر دوڌاري تلوار هئي، جنهن پنهنجي لشڪر کي ڪامياب ڪيو، پر دشمن جو دم به پورو ڪيائين. هتي سندس تعريف ۾ شعر چيل آهن ته: "وهوا شير دلير مرد ميدان جا! جنهن جي تلوار کان هر طرف خوف هراس پئجيو وڃي. انهن جا تير به دشمن لاءِ جنجال ۽ انهن جا تفنگ به دشمن جي جان لاءِ مصيبت آهن. انهن جا پرون به ڪمان وانگر آهن ۽ انهن جو مُنهن جاهه جلال جو آئينو آهي ۽ انهن جي دل به ڪمال جو خزانو آهي."

جيئن ته هنگامو گهمسان سان به مهينا هليو، خان خدايار خان ۽ نواب اعظم حڪم ڏنو، ته سيئي جنگي جوان سيني هٿيارن پنهوارن سان قلعي تي حملو ڪن ته جيئن قلعو پروڻ وانگر ٽنگ ٽنگ ٿي پوي ۽ انهن فسادين جي حياتيءَ جو پاڻي ان قلعي ۾ نه رهي سگهي يعني قلعي کي ختم ڪجي، ته اهي از خود ختم ٿي ويندا.

جڏهن بهادرن حڪم موجب فسادين کي چئني طرفان بندوقن جون باهيون لڳايون، ته فسادين جو قلعو ڪاغذ جي ڏيئي وانگر جلڻ لڳو. فسادين جو منهن اجهاٽل ڏيئي جهڙو ٿيڻ لڳو ۽ انهن اهو محسوس ڪيو ٿي، ته فتح ۽ ڪاميابي، نواب ۽ خان جي حق ۾ لکجي چڪي هئي. انهن کي پنهنجي بي فرمانيءَ جي سزا اکين سان ڏسڻ ۾ پئي آئي. ان ڪري انهن پيو چارو نه ڏسي، مصلحت ان ۾ ڏٺي ته صلح ۽ ٺاهه ڪن.

آخر شاهه عنايت انڪساريءَ سان پنهنجي جرم جي لاءِ معافيءَ جي درخواست ، خان ۽ نواب جي خدمت ۾ پيش ڪئي.شاعر جي قول موجب:"جڏهن دشمن نرم ٿئي ته به محتاط رهڻ گهرجي ۽ اُن جي مڪر فريب جو به خيال رکجي."

اهڙيءَ طرح سمجهه ۽ احتياط جي پيش نظر ان کي قيد ڪرڻ جو حڪم

کيو ويو. جيئن تہ انھيءَ آزار ۽ تکليف جي ڪري پاڻ فاني جهان مان موڪلائي ويو.[1]

شاهہ عنايت جو سر (فرخ سير بادشاهہ هند) ڏانھن موڪليو ويو. ان جي علائقي تي قبضو تي ويو. مال ملڪيت ضبط ڪيو ويو. بهادرن جون دليون گل وانگر ٽڙي پيون ۽ دشمن کي ناڪامي نصيب تي ۽ اياڳ پلئہ پيو. مطلب تہ بهادرن جي ڪاميابيءَ جو باغ، بهار وانگر ٽڙڻ لڳو ۽ فسادين جو جهنگل بہ جلي خاڪ تي ويو. فسادين جو قلعو بہ زمين برابر تي ويو. آخرڪار فتح ۽ ڪاميابيءَ ڪان پوءِ خان ۽ نواب رعب تاب ۽ خوشيءَ سان واپس نٽي ڏانھن موٽيا.

ان طرف جي ضلعي ۽ آسپاس جي عام رعيت بہ خوشي ۽ شادمانو ۽ آزادي حاصل ڪئي.

---

[1] تاريخ 9 - صفر 1130 هجري (1 - جنوري 1718ع) ۾ شاهہ عنايت کي نواب اعظم خان وٽ آندائون ۽ تاريخ 15 - صفر 1130 هجري (7 - جنوري 1718ع) تي شاهہ عنايت صوفي کي شهيد ڪيائون.

(2)

## راءِ رايان انندرام مخلص (11 - 1164 هجري)

جا خط ميان نور محمد ڪلهوڙي

۽

سيد مير لطف الله لڪعلوي (ميرمتاري)

جي نالي

## (1)

# ميان نور محمد خدا يار خان ڪلهوڙو ثابت جنگ والئ سنڌ جي نالي خط

ميان نور محمد ڏي انندرام ”مخلص“ جي خط مان خبر پوي ٿي، تہ ميان صاحب جو وڪيل سيد لطف الله مير متارو دهلي دربار ۾ رهندو هو. دهلي دربار ۾ محمد شاهہ جي وزير اعظم قمرالدين خان اعتماد الدولہ جي پاران انندرام مخلص وڪيل هو. مير متارو ميان نور محمد جي سهڻي سيرت، اعلئ اخلاق، همت ۽ مردانگيءَ جون ڳالهيون دهليءَ ۾ مخلص کي ٻڌائيندو رهندو هو. ان ڪري غالباً پرپٺ مخلص، ميان صاحب جي خلوص ۽ شخصيت کان متاثر ٿي، مير متاري جي خدمت ۽ دهلي دربار ۾ ميان صاحب جي ڪم ڪار ۽ مفادن جي حفاظت ڪرڻ لڳو. ميان صاحب پنهنجا حڪومتي ڪم ڪار بہ ميرمتاري وڪيل ذريعي حڪمت عمليءَ سان مخلص هٿان سرانجام ڏياريندو هو ۽ مخلص کي سوکڙيون پاکڙيون بہ موڪليندو هو. ميان صاحب مخلص کي ڪو اهم ڪم چيو، تہ مخلص دلجاءِ ۽ اعتماد خاطر هيءُ خط موڪليو. جنهن جو نچوڙ هيءُ آهي:

مهربان صاحبِ فقر، سلامت!

خير گهرندڙ مخلص ۽ صاف دل دوستن تي لازم آهي، تہ حقيقي حال احوال ۽ خيريت جي خبر چار ڏيندا رهن، تہ جيئن اوهان هر حقيقت ۽ حال کان آگاهہ رهو تہ: ”مخلص“ جي اخلاص ۽ سچائيءَ ۾ خيانت واقع نہ ٿئي. محبت جيڪا تمام قيمتي جوهر آهي. ان ۾ بہ ڪٽ ۽ ڪمي نہ اچي.

اصلي صورت هيءَ آهي، تہ اوهان جو وڪيل سيد لطف الله[1] جڏهن هتي شاهہ جهان آباد اچي ٿو، تہ منهنجي مخلص خاني تي رهي ٿو. غائبانہ طور هن عاجز کي اوهان جي اخلاص ۽ ذڪر خير کان ميرمتاري واتان ڄاڻ حاصل ٿيندي رهي آهي. اوهان جي نيڪ نامي، وڏا ڪم ۽ خير خيريت هميشہ مطلوب آهي. مطلب تہ ان ڏينهن کان الله داد اصل فتنو کڙو ڪيو.


---

[1] سيد لطف الله عرف مير متارو ميان نور محمد ڪلهوڙو والئ سنڌ جو وزير مختار هو.

ماڻهن جي جم غفير ان کي ظاهر ڪيو يا لڪايو، پر اسان جي طرفان جيتري قدر ٿي سگهيو، ٽارڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ، پر ائين ماڻهن جي زبان تان ڳالهه ٿيندي وجي ، نواب صاحب[1] تائين پهتي. ان ڪري اعتراف گڏيل ارشاد زبان فيض ترجمان مان جاري ٿيو. اهي احوال کولي لکبا . مطلب ته گهڻو ڪري پاڻ اها معنيٰ صحيح نه سمجهي هوندي، پر خدا نه ڪري، ائين سراسر غير مناسب آهي. نواب صاحب ناظر وٽ فقير جو توسل ۽ ڪوشش آهي، پر اهي ڳالهيون وڏي خرابيءَ جو سبب ٿي سگهن ٿيون. پانهنپ جي دعويٰ ۽ جناب اقدس جو جيڪو اعليٰ اعتماد آهي ، سو ٽُٽي نه پوي، ان

[1] مير محمد فاصل اعتماد الدوله قمر الدين خان بهادر وزير الممالک(37 -1161ه) پٽ اعتماد الدوله محمد امين خان بهادر(متوفي: 1141ه)

**نسب نامه**




(ڏسو: ماثر الامراءُ، شجره آصفيه، سفر نامه مخلص)

جاءِ ڪان هاڻي تائين قلم احوال نہ لکيو آهي. هينئر ان جي ورق گردانيءَ جو امڪان آهي. جلد ان جو تدارڪ ٿيندو. خلوص خدمت ۽ ارادي جو اثر نواب صاحب ناظم ۽ سلطنت جي خاص ماڻهن ڪي ذهن نشين ڪيو ويندو. هن صورت ۾ ممڪن آهي، تہ مشڪل سان ڪم ٿئي، پر الله تعاليٰ جي فضل سان ٿي آسانيءَ سان مطلب حاصل ٿي سگهندو.

ڪامرانيءَ جا ڏينهن هميشه رات ڏينهن ساڳئي نموني سڀنا گذرندا رهن!

(2)

# سيد لطف الله(الله ان کي سلامت رکي!) وکيل خدا يار خان بهادر ثابت جنگ جي نالي خط

منهنجا مهربان مير صاحب، سلامت!

سلامن پڄاڻان شاهه جهان آباد ۾ جيڪي ڏينهن صحبت ۾ گڏجي گذاريا سين، دل ۾ ياد ٿا پون ۽ ياد رهندا. خدا قادر آهي، جو اهل محبت جي دعا سان وري ديدار ٿيندو. محبت وارو مڪتوب گهڻي مدت کان پوءِ پهتو. اتان جي خير خيريت معلومات ۾ آئي. خط گويا تعويذ جان ۽ دل ناتوان لاءِ هيڪل بنيو.

سنه 1151هجري نادر شاهه ايرانيءَ جي حملي واري هنگامي ۽ فتني، مالي تڪليف ۽ خسارو پهچايو، وري به شڪر آهي، جو هن آيل نادري آفت رڳو مال ملڪيت کي تلف تاراج ڪري نقصان رسايو ۽ سر سلامت رهيو. حق تعاليٰ جي فضل سان مال ملڪيت جي ٽوٽي ڪانسواءِ ٻي ڪا تڪليف ڪانه رسي آهي، بهرحال حڪومت ۽ شهر تي گويا قيامت برپا ٿي چڪي آهي.

اوهان اهو به لکيو آهي، ته ميان نور محمد عباسيءَ کي مون فقير جي سيني خلوص وارين خدمتن کان آگاهي ٿي آهي. ان ڪري هو هن تمام ادنيٰ ۽ عاجز جي حال تي ڪمال شفقت ۽ لطف رعايت رکي ٿو ۽ مخلص کي پنهنجي خير خواهن ۾ شمارو ڪري ٿو. الحمد الله! جو صاحب(ميان نور محمد عباسي) مون فقير جي وضع ۽ طور طريقن کان آگاهه آهي. نه ته ماڻهو زماني ۾ زماني سازي وغيره کان ڪم وٺن ٿا.

منهنجي عمر هينئر 45 سالن کي اچي پهتي آهي[1] :

حافظ وظيفۂ تو دعا گفتن است و بس،

دربند آن مباش که نشنيد يا شنيد.

مطلب ته حافظ، تنهنجو وظيفو دعا چوڻ آهي ۽ بس، ان فڪر ۽ ڳڻتيءَ ۾ نه هج، ته ٻڌائين يا نه ٻڌائين.

سلطنت جا جيڪي ظاهري يا ڳجها احوال ۽ ٻيون ڳالهيون ضروري آهن، انهن لاءِ دلجاءِ ڪندا، جيڪو مناسب ڄاڻو، ته وڏيڪ احوال لکجو، ته ان موجب عمل ڪجي.

---

[1] مخلص سنه 1111 هجري ۾ ڄائو، سندس 45 سالن جي عمر ۾ هيءُ خط 1156 هه جو لکيل آهي.

(3)

# سيد لطف الله وڪيل خدا يار خان ثابت جنگ جي نالي خط

منهنجا صاحب!

ظاهر آهي، تہ سيئي وقت هڪ قانون ۽ نموني تي نہ هوندا آهن. جيڪڏهن هن آزمائش جي وقت ۾ جوهر اخلاص آهي ڪو عنوان تجويز ڪيل ۽ قوت ڪم سان آندل پڻ موقعو ۽ بجاءِ آهي، ڪمال مرتبي ۾ چڱو ۽ خوشنما، پر دورانديشي جي تقاضا ڪي دنيا جي ڪمن ۾ پورو دخل آهي. قرين مصلحت اها آهي، تہ هن عمل آڻڻ ۾ لِڪ پڙهہ جو سلسلو جاري رکيو وڃي، پر اڳوڻي نموني ائين ڪيو وڃي. بيا احوال لکيل جيڪو رفعت پناهہ محمد يار غم خوار آهي تفصيل جي طريقي سان پورا ڪندو. ملاقات جي اميد حاصل ٿيڻ لاءِ هي شعر حسب حال مناسب آهي:

بهار عمر، ملاقات دوستداران است،
چہ خط ڪند، خضر از عمر جاودان ، تنها.

مطلب تہ زندگيءَ جي بهار تہ دوستن جي ملاقات سان ئي آهي، جيتوڻيڪ خضر جي ڏکهي حياتي ۽ هميشہ واري آهي، پر ايڏي جاودان عمر ۾ بہ اڪيلائيءَ ۾ ڪهڙو مزو آهي.

اوهان جي احوال ۽ فرحت آثار تحرير جو انتظار رهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن بہ لفظ تہ لکندا ڪريو. اوهان جيڪي رنگين ريشمي ڪپڙي جون نهيل سوڪڙيون موڪليون سي پهتيون آهن. اهي اتان جا تحفا ۽ ميان صاحب جي عنايت آهن. خلوص جي عالم ۾ انهن سوڪڙين پاڪڙين جو تہ ڪو ملهہ ئي ڪونهي، لطف جي چمن جا اهي رنگين گلدستا اخلاص جي زينت بنيا. دولت خانو آباد رهي! الله تعاليٰ مينديءَ جي گل وانگر عمر ۽ حڪومت ۾ اضافو ڪري! اوهان جا ظاهري باطني ڪم سڀ سرانجام ٿيندا رهن!

## (4)

# سيادت پناه مير لطف الله (الله ان کي سلامت رکي!) ڏي لکيل خط

مخلصن جا مهربان مير صاحب، سلامت!

محبت جي سلامن پڇاڻان مخلص فقير لکي ٿو، ته جدائيءَ جي شڪايت خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي ۽ زندگيءَ کي زهر بنائي ڇڏيو آهي. آرام ۽ آسودگيءَ جي شهرستان ۾ خلل اچي پيو آهي يعني آرام ڦٽي ويوآهي. وصال جون اڳوڻيون سهڻيون صحبتون ياد پيون اچن. دل پتنگ وانگر سڙيل ۽ داغدار آهي:

محبت است ڪه دل را نه مي دهد آرام،
وگر نه ڪيست" ڪه آسودگي نمي خواهد.

مطلب ته محبت ئي آهي، جيڪا دل کي آرام ڪرڻ نه ٿي ڏئي، نه ته ڪير آهي جو آرام طلبي نه ٿو گهري.

خدا قادر آهي، ديدار فرحت آثار ضرور ٿيندو. جيتوڻيڪ هن کان اڳ ۾ عزيز القدر هر گلال[1] جيڪو سنڌ جي شهر لاڙڪاڻي جي سفر ۾ نواب صاحب سيف الله الدوله بهادر دلير جنگ[2]سان هم رڪاب هو، سان ملاقات ٿي.[3] خير خيريت جو حال احوال معلوم ٿيو هو. پر اوهان جي طرفان خط نه لکڻ تي دل کي بيقراري ٿي رهي. ان ڪري حال احوال موڪلڻ جي اميد هئي.

الحمد الله! هن وچ ۾ اوهان جو محبت پريو خط خان عزيز القدر حشمت علي خان هٿان ربيع الاخر جي ٻي ڏهاڪي سنه 1154 هجريءَ ۾ مليو. خط پڙهي دل باغ بهار ٿي، انتظار لٿو ۽ تسلي ٿي. گويا اوهان مير صاحب(مير متاري) پاڻ کي ڏٺم ، احوال شڪر جي لائق آهي.

جيڪا قناعت ڪريون يا دنيا طلبيون، پر تقدير جي آڏو اسان جو قول

---

(1) لاله هر گلا مخلص جو ڪارند هو، نواب ناظم جي دربار ۾ نيابت به ڪندو هو مخلص ان جي بار ۾ لکيو آهي ته"خوبين سان مشهور آهي." (ديباچه سفرنامه مخلص صه 21)

(2) نواب سيف الدوله عبدالصمد خان بهادر دلير جنگ وفات 1150 هه(؟) ملتان جو ناظم 1139هه مطابق 1726ع - 1150هه مطابق 1737ع، ڏسوما ثرالامرا ۽ جلد 2، صه 514

(3) نواب صاحب 6 محرم 1152 هجري لاڙڪاڻي پهتو هو.

ءِ فعل عاجز يا بيوس آهي. جو ڪجھہ نہ ٿو ٿي سگھي، تہ ان جو بہ مختار آهي، زمانو جنهن حال ۾ وضع ٿي هو، اهو بہ نہ رهيو آهيٰ. جهوني آسمان بہ رات ڏينهن جي اسلوب ڪي ٻي طرح ڪري مٽائي ڇڏيو آهي. هينئر اهائي آرزو آهي، تہ عافيت جي گوشي ۾ ويهي گذارجي، زماني جي شطرنج ڪان ڪنارو ڪجي."مخلص" ڪي پنهنجو سمجهو ءِ مخلص ڄاڻجو. ڪڏهن تحرير ءِ خط و ڪتابت سان ياد ڪري سرور ڪجو. زماني جي بيوفائي بابت هڪ غزل قلم مان نڪتو آهي، اهو ٿي حسب حال آهي.[1]

[1] هي پنجئي(؟)خط"رقعات انند رام مخلص" (ڪتابت 1249 هجري) جي قلمي نسخي تان ورتل آهن. هيءَ قلمي نسخو راقم الحروف جي قلمي ذخيري ۾ محفوظ آهي.

(3)

# بدائعِ وقائع

## ماَن چوندڊ اقتباس

تاليف

راءِ رايان انندرام مخلص

نادر شاھ ايراني ۽ سنڌ بابت

# بدائع نگار جي قلم جي ڪوشش دربار جي واقعن جي تحرير بابت

نادر شاهه ايراني، بادشاهي خزانن دفينن ۽ مال ملڪيت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ وطن جي ياد ۾ هندستان کان واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو. مقرر ٿيو تہ ڪابل ۽ ٺٽو، سمورو سنڌ ملڪ اٽڪ تائين شاهه عالي مقدار نادر جي تصرف ۾ هجي. هن باب ۾ عهدنامو تحرير ڪجي ٿو، تہ جيئن اعتبار جو ڪارڻ بنجي. ان عهد نامي جو نقل هي آهي.

## محمد شاهه ۽ نادر شاهه جي وچ ۾ ٿيل عهد نامو[1]

هن کان اڳ ۾ شهنشاهه جهان، سلطان دوران نادر شاهه بادشاهه جي خدمت ۾ بہ ڪن ڪمن واسطي ايلچي موڪليل هئا. هن نيازمند اهو واعدو پورو ڪيو. تنهن بعد محمد خان ترڪمان قنذار کان ياد آوريءَ لاءِ وارد ٿيو. هن حڪومت جي ڪارگذارن ابهرو جواب ڏنو، تان جو نادر شاهه جو هندستان ۾ اچڻ جو اتفاق ٿيو. قضا سان ڪرنال وٽ ٻنهي ڌرين ۾ جنگ بہ لڳي. جڏهن اوهان مروت ڪئي. ملاقات جي فيض کان بهرور ٿي، دارالخلافت جهان آباد ۾ ملياسين. هندستان جي سلطنت جا خزانا ، جواهر ۽ ذخيرا وغيره نيازمنديءَ جي رسم موجب خدمت ۾ پيش ڪيا ويا. اوهان انهن مان ڪن کي قبول ڪيو. اوهان گورگاني عنايت ۽ ترڪماني رعايت ڪري، هندستاني سلطنت جو تاج ۽ ڇٽ هن نيازمند جي حوالي ڪيو. اهڙي عنايت پيءُ جي طرفان پٽ لاءِ ۽ ڀاءُ طرفان ڀاءُ لاءِ بہ ڏيڻ ڏکي آهي. اوهان شهنشاهه اها مهرباني ڪئي آهي.

ان ڪري شڪرئي طور هيءُ سڀ ملڪ نادر شاهه جي حوالي ڪريان ٿو. اولهہ طرف وارو سڄو ملڪ دريا اٽڪ، درياءُ سنڌ، درياءُ سانگره، سنڌو درياءُ جي ڇاڙ، پشاور، بنگشات، دارالملڪ ڪابل، غزني، افغانين جا جابلو ماڳ،

---

[1] ماڳن مڪانن جا نالا ۽ ڪجهه ٻيا لفظ ڪن جاين تي واضح ۽ چٽا نہ آهن. ان ڪري ٻي نسخي ڪانسواءِ انهن منجهيل لفظن جي چٽائي ۽ تصحيح مشڪل آهي.فريزر(Fraser) پنهنجي ڪتاب نالي (History of Nadir Shah - 1792) ۾ هيءُ عهد نامو آندو آهي، پر هي ترجمو پوءِ بہ ڪجهه صحيح ۽ فائدي وارو نہ آهي(محمد شفيع)

هزاره جات، قلعہ بکر، سکر، خدا آباد، لاڑڪاڻو[1] جو ڪين[2] ۽ بلوچن جا ديراجات وغيره. ٺٽو صوبو، قلعہ راهمہ قصبو بدين ۽ پرڳڻو جوڻ [3] پرڳڻو سموال[4] ڪيبر[5] سڀ بندر، قصبا، ڪيت ۽ پرڳڻا دولت نادري جي حوالي ڪيا ويا. هن ڪانپوءِ انهن سمورن علائقن وغيره جو سمورو انتظام نادري ماڻهن جي حوالي هوندو. اسان جي اميرن وزيرن جو هنن علائقن ۾ ڪوبہ عمل دخل نہ رهندو.قلعو داور، شهر لوهري بندر، اچ ۽ سڀ ولايتون جيڪي اٽڪ ندي، سنڌو درياءَ ۽ ساڪره درياءَ [6] کان اوير طرف واقع آهن[7] اهي سڀ هندستان جي حڪومت ۾ هوندا.[8]

---

[1] فريزر ۾ نہ آهي، ظاهر ۾ لاڙڪاڻو مراد آهي.

[2] فريزر Glossary of the Tribes and Castes of The Punjab and N.W.F.P ڇپيو آهي تہ، Chokiya چوڪيہ جاٽن جو هڪ قبيلو آهي. جيڪو منٽگمري ۾ رهندڙ آهي.(محمد شفيع) اصل ۾ هيءُ لفظ جوڪيو آهي. جيڪي ڪراچي ۽ ضلع ٺٽي طرف رهاڪو آهن.(ح)

[3] جوڻ جا ڦٽل آثار ماتلي جي ويجهو(حيدرآباد) ۾ موجود آهن. ان وقت جوڻ پرڳڻو هو(مظهر شاهجهاني) (ح) فريزر Chan . آئين اڪبري (ڪلڪتو 1973ع) 1: 558 جون(سرڪار چاچڪان) تحفة الڪرام 3: 163، جوڻ نالي چاچڪان سرڪار جو شهر آهي.

[4] اصل ۾ سمواتي نصرپور سرڪار ۾ هڪ پرڳڻو هو. مظهر شاهجهاني(ح) فريزر Sumawali (محمد شفيع).

[5] فريزر .Ketra آئين اڪبري ۾ ٺٽي جي جابلو شاخن بابت ڇپي ٿو.
سيوهڻ کان سيوي تائين جابلو شاخ آهي ان جو نالو کهٽ رهو(محمد شفيع) اصل ۾ ڪيبر آهي(ح).

[6] ممڪن آهي تہ ساڪره درياہ هجي(ح) فريزر Sankra(محمد شفيع) ساڪرو درياءَ ضلعي ٺٽي ۾(ح)

[7] اورينٽل ڪاليج ميگزين لاهور نومبر 1950ع 105 - 106 - 107

[8] ضميمہ اورينٽل ڪاليج ميگزين لاهور مئي 1951ع ص 108 فريزر (622) ان ڪانپوءِ عهد نامي جي تاريخ ڪتابت ڏنل آهي يعني 4 - محرم 1152هہ لوڪ هارٽ ص 153ح 2(محمد شفيع) ڪتاب نادر نامہ (از محمد حسين قدسي، مطبوعہ انجمن آثار ملي طهران 1339 ش) ۾ عهد نامي جي هيءَ تاريخ مقرر ٿيل آهي. در باغ شليمار مؤرخہ 11 - محرم الحرام سنہ 1152 هجري محمد شاهہ تيموري نادر شاهہ افشار( 158 - 160) متن ۾ گهڻو لفظي اختلاف واقع آهي(ح).

# نقل لکت شاهہ ذي جاه

هن مبارڪ عهد ۾ هندستان خاقاني جي حوالي ٿيو ۽ سندن دارالخلافت شاهہ جهان آباد ۾ ورود جو اتفاق پيو. سلطنت هندستان ڪي اصيل ترڪمانيہ سلسلہ گورگانيہ وارن جي حوالي ڪيوسون. ان طرفان بہ تاج بخشي ٿي، سڄو ملڪ درياءَ اٽڪ ، سنڌو درياءَ، سنگر درياءَ نادري حڪومت ڪي منتقل ٿيو. اهڙيءَ طرح هن عهد ۽ قرارداد ذريعي ولايتون ملتان جي سرحد ڪان سنڌ، ٺٽو وغيره ذڪر ڪيل پاٽيءَ ڪان اولهہ ۽ اتر طرف ايران تائين پڪڙيل آهن.

خدا يار خان عباسي ان طرف سنڌو درياءَ ڪان سڪونت رکي ٿو ۽ گورگانين جي مهمات ڪان آهي. پاٽيءَ جي هن طرف بہ اختيار ڪسيل آهي. ان ڪري پاٽيءَ جي هن طرف واري ولايت جيڪا خدايار خان جي تصرف ۽ قبضي ۾ آهي، اها زڪريا خان ناظر صوبہ دارالسطنت لاهور ۽ ملتان ڪي ڏنيسون، اهو پاڻ سنياليندو ۽ گورگاني حڪومت جي موافق عمل ۽ ضبط ۾ بہ آڻيندو.

بادشاهہ سلامت جا امير ۽ وزير هن عرض کي بادشاهہ تائين پهچائين. ان ڪي منظور ڪري، انحراف نہ سمجهن ۽ هر ڳالهہ ڪي پڪ ۽ محفوظ ڄاڻن.

(10 - ربيع الاول 1152 هجري[1])

[1] ضميمہ اورينٽل ڪاليج ميگزين مئي 1951ع - 115- 117(ح)

# شاهي لشڪر جو اٽڪ درياءَ کان تڪڙ ۾ گذرڻ، شاھ ذي اقبال جي حسن تدبير سان سنڌ ملڪ جو انتظام سنڀالڻ

شاھ، هندستان جي مهمن کان جلد واندو ٿي، خراسان ڏانهن موٽڻ جي واڳ واري، جو بخارا ۽ خوارزم جا والي اجا غفلت جي ننڊ ۾ ستل هئا. غرور جي سياھ مستيءَ کان هوشيار نہ ٿيا هئا ۽ اطاعت کان ڦريل هئا. انهن جي اصلاح ضروري هئي. ان ڪري شاهي لشڪر تاريخ 21 جمادي الثاني 1152هجري ۽ 22 محمد شاهي، اٽڪ درياءَ کان لنگهي، 25 - شعبان[1] ساڳئي سال ڪابل پهتا. اتان خدا يار خان عباسي خدا آباد جي زميندار کي سزا ڏيڻ جي ارادي سان ديري اسماعيل[2] جي رستي حرڪت ۾ آيا. هوت ۽ غازي خان دوِدائيءَ کي فرمانبردار ڪري، بکر سرڪار جي گردو نواح جي ويجهو اچي دم پٽيائون[3] ڪابل کان هلندي خط ذريعي نواب آغرالدولہ زڪريا خان بهادر هزبرجنگ[4] ۽ حيات الله خان بهادر ملتان جي نائبن کي چيو ويو، تہ جڏهن شاهي لشڪر خدا يار خان جي سرحد تي پهچي، تہ اوهان بہ اچي شامل ٿجو. ان ڪري حيات الله خان ملتان کان اردوي پهتو. نواب بهادر زڪريا خان 26- شوال ساڳئي سال ڇموڻ جو قلعو، جو چند ڏينهن اڳ فتح ٿيو هو، کان هلي، هڪ رات لاهور ۾ رهي، 23- ذوالحج ملتان کان ٻيڙي ذريعي اردوي طرف روانو ٿيو.

---

[1] بيان واقع (ش 62) ۾ چوي ٿو، 1 - رمضان 1152 هجري ڪابل ۾ داخل ٿيو. جهانڪشائي 367 ۾ بہ ائين چيل آهي. 6 ڏينهن ڪابل ۾ رهيا (ص 368) 7 - رمضان ڪابل کان هليا. هن بيان مان نادر شاھ جي ڪابل ۾ وارد ٿيڻ جي تاريخ جي تصديق ٿئي ٿي، جيڪا بيان واقع ۾ لکيل آهي.

[2] ڏسو جهانڪشائي نادري - 368. نادر شاھ 5 - شوال ديري اسماعيل خان ۾ وارد ٿيو.

[3] ڏسو جهانڪشائي نادري (369)

[4] يعني زڪريا خان نائب ناظر ملتان

# نقل لِکت اشرف شاهي[1]

عاليجاه عمدة الخوانين العظام زکريا خان

ناظم صوبہ لاهور ۽ ملتان!

مطلب تہ هن سال سنڌ ملڪ ۾ ڏڪار(؟)پيو آهي. گمان آهي بک بدحالي ۽ ڏڪار جي ڪري اتان ماڻهو ملتان طرف نہ پهچي اچن. ان ڪري سنڌو درياءَ تي فوج طرفان انهن جي ڪن مهٽ ۽ تعاقب پيچو ڪجي.

ممڪن آهي، تہ عاليجاه موجود ۽ تيار هجي، ان ڪري ضروري آهي، تہ لاهور کان متوجهہ ٿئي.آسپاس ۾ پهچندڙن جي واٽن جي خبر رکندڙ هجي، تہ جيڪر ڪو سنڌو درياءَ کان ان جي حد ۾ ٽپي پوي، تہ ان کي تنبيهہ ڪري سگهجي. هن باب ۾ جدوجهد عمل ۾ اچي تہ سنڌو درياءَ پارنہ تي سگهي ۽ تعاقب جاري رهي. شهنشاهي مهربانن کي سيني ڳالهين کان آگاهہ ۽ شامل ڪجي. اميد تہ عرضداشت متي پهچندي 21 جمادي الثاني 1152هجريءَ تي لکيووي.[2]

---

[1] هيءُ خط سال 1922ع ۾ قديم تاريخ آثار شناني ميوزم دهليءَ ۾ موجود هو.... هيءُ مڪتوب اصل اتان ورتل آهي. متس مهر جي هيٺين سجع آهي:

نگيــن دولــت و ديــن رفتـــہ بـــود چـــون از جـــا
بنـــــام نـــــادر ايـــــران قـــــرارداد خـــــدا
۽ متــن لفــظ"آنکـہ" ســان شــروع ٿيــل آهــي(ح)

[2] ظفر حسن: هن خط جي حاشيي تي هيٺين عبارت لکيل آهي: رقم مڪرم محترم مزين بمهرساي شهنشاه ملک بارگاه نادر شاه است ڪ بنام نامي نواب صاحب سيف الدولہ زکريا خان بهادر دلير جنگ وروردياقتہ درسال 1152ه(ح)

ضميمہ اورينٽل ڪاليج ميگزين مئي 1951ع - ص 118 - 119 موجب: زکريا خان لاهور ۾ تاريخ 1 - جولاءِ 1745ع (1158هہ) ۾ فوت ٿيو. حضرت خواجہ محمود خاوند المتوفي: 1554ع (961هہ) جي مقبري ۾ مسجد جي اتر طرف دفن ٿيو. نقوش لاهور نمبرص88(ح)

تاريخ محمديءَ ۾ زکريا خان جي باري ۾ آهي، تہ سيف الدولہ زکريا خان بهادر دلير جنگ بن سيف الدولہ عبدالصمد خان بهادر دلير جنگ احراري سمرقندي وقت جي وڏن اميرن ۽ لاهور و ملتان جو صوبيدار 12 يا 13- جمادي الثاني لاهور ۾ فوت ٿيو. ان جي عمر اندازاً 56 يا 57 سال هئي، هو اعتماد الدولہ محمد امين خان چين بهادر جو نياٽو هو. جيڪو 1133هہ ۾ گذريو، سندس پيءُ عبدالصمد 1150ه ۾ گذريو. (128) (ح) ڏسو ماثرالمرا 2: 106 سيرالمتاخرين 3: 12

خواجہ عبدالرحيم مخاطب سيف الدولہ عبدالصمد خان بهادر دلير جنگ پٽ جناب عبدالڪريم احراري سمر قندي وقت جي وڏن اميرن صاحب فتوحات ۽ مغازي ۽ ملتان جو صوبيدار 10 - ربيع الثاني لاهور ۾ فوت ٿيو. سندس عمر اسي سال هئي.(تاريخ محمدي 97) ڏسو ماثرالامرا 2: 514 ۽ سير المتاخرين 2: 91

# نقل فرمان فلڪ شان محمد شاهي

آغرالدولہ زڪريا خان جي نالي

سيات و نجابت پناهہ... آغرالدولہ زڪريا

خان بهادر هزبر جنگ بادشاهي عنايت سان نوازيل!

شهنشاهہ جو خط مبارڪ عقيدت مند کي مليو، جنهن ۾ لاهور کان ملتان طرف تياريءَ بابت احوال رقم ٿيل آهي ۽ پڻ ... وزير الممالڪ مدارالمهام اعتماد الدولہ قمرالدين خان چين بهادر نصرت جنگ [1] اچڻ جي اجازت گهرڻ بابت لکيو هو، نظر نواز ٿيو. ٻئي حڪومتون ڇڻ هڪ آهن، پر خدمت جناب اعظم خاقان اڪرم جي واجب ڄاڻيو. جيڪا اوهان جي مرضي سان اسان جي مرضي ڄاڻو. جلدي پاڻ کي ملتان پهچائي ڀڄندڙن کي روڪڻ لاءِ سڀ ڪوششون ڪجن، تہ جيئن ڪو فرار ٿيندڙ سنڌو درياءَ اُڪري نہ وڃي، ان باري ۾ ڪوبہ دقيقو هيٺ مٿي نہ ٿي وڃي.جمون ۾ ياهو قلعا هندستان کان برتري ٿا رکن، اهي فساد جي پاڙ آهن، هن وقت ظاهري باطني خباثت ڪمال کي پهتل آهي، هن کان اڳ ۾ فضل ۽ ڪرم عطا ٿيو، شڪر بجاءِ آڻجي ٿو. 14 - شعبان سنہ 22 جلوس کان تحرير ٿيو.[2]

[1] محمد فاضل قمرالدين خان، بهادر اعتماد الدولہ خان جنگ وزير الممالڪ پٽ محمد امين خان وزير المماڪ اعتماد الدولہ نصرت جنگ عهد عالمگير جي سنہ 1114 هجريءَ ۾ ظل سبحانيءَ کان قمرالدين خان جي خطاب سان سرفراز ٿيو. محمد فرخ سير جي عهد سنہ 1127 هجريءَ ۾ تعلقہ بخش گيري ۽ غسل خاني جي داروغيءَ سان ممتاز هو. سنہ 1133 هجريءَ ۾ اعتماد الدولہ نصرت جنگ جي لقب سان سرفراز ٿيو، سنہ 1137 هجريءَ ۾ وزارت جي منصب سان سرفراز ٿيو. پنجويهہ سال وزارت هلايائين، سنہ 1141هجريءَ ۾ احمد شاهہ بن محمد شاهہ سان گڏ احمد شاهہ درانيءَ جي جنگ ۾، جنگ هلندي توب جي گولي لڳڻ ڪري مارجي ويو(ماثر الامراءُ ج: 1: 358)

تاريخ محمدي جلد 2 حصہ 6 ۾ سندس شهادت جو احوال هن ريت آهي: مير محمد فاضل پٽ محمد امين سپهہ سالار هندستان جي وڏن اميرن محمد شاهہ بادشاهہ جو وزير، جمعي جي ڏينهن 22 - ربيع الاول سرهند ويجهو احمد شاهہ ابدالي افغان جي جنگ ۾ مارجي ويو. ان جي عمر 62 سال يا ڪجهہ گهٽ هئي. ان جو پيءُ سنہ 1133هجريءَ ۾ گذريو.(ص 142، مطبوعہ علي ڳڙهہ 1940ع)

[2] اورينٽل ڪاليج ميگزين ضميمہ فيبروري 1951ع ص. 119 - 121

# خدايار خان جو مهاڏو اٽڪائڻ، نيٺ نادر شاهہ جي خدمت ۾ پهچڻ ۽ سندس جرم معاف ٿيڻ

خدا يار خان عباسي سرحد جي زميندارن مان ڪٽي ملڪ مال ۽ سپاهہ جي اعتبار کان حال في الحال برابر ناهي، پر جنهن وقت شاهہ فلڪ بارگاهہ قنڌار پهتو، تہ خدايار خان غلط فهميءَ کان پاڻ کي ان جو همسر حريف سمجهڻ لڳو. پنهنجي پٽ کي فوج ڏئي، مقابلي لاءِ جڏي پاڻ مال سامان سوڌو خدا آباد مان نڪري امرڪوٽ[1] جي قلعي ۾ وڃي ويٺو. قلعي امرڪوٽ جي ٻن طرفن کان واريءَ جا دڙا ۽ ڊٻون ۽ ٻن پاسن کان پاڻي آهي.[2]

جڏهن بادشاهي لشڪر ان جي زميندار يءَ جي سرحد تي پهتو، جيتوڻيڪ سندس پٽ جيڪو جنگ لاءِ دل ٻڌيو تيار ويٺو هو، تنهن کي شرمساري ٿي ۽ خدمت لاءِ تيار ٿيو، هن شرط تي ناهہ ۽ صلح جي پيشڪش ڪيائين، تہ ان جي پيءُ خدا يار خان ميان نور محمد کي خدمت جي تڪليف نہ ڏني وڃي. پر اهو صلح قبوليت ۾ نہ آيو، ڪيس گرفتار ڪري نظربند ڪيوويو.

جڏهن بادشاهي يلغار ۽ امرڪوٽ قلعي جي تسخير ۽ حملي جي خبر خدا يار خان کي پئي، تہ سندس صبر ۽ زور ٽٽي پيو، ان وقت مال سامان ۽ احتياطي تدبير واسطي 22 لک رپيا ٻئي ڏينهن زمين ۾ دفن ڪري نڪرڻ جو ارادو ڪيائين.[3] (بيان واقع جي قول موجب:خدا يار خان ارادو ڪيو، تہ عمرڪوٽ مان ٻيڙي تي سوار ٿي هليو وڃي. نادر جي ايران موٽي وڃڻ تائين ضلعي جي جزيرن ۾ مخفي طرح رهي گذاري(محمد شفيع).

شاهہ ذي جاهہ 28 - ذوالقعد ذڪر ڪيل سال لاڙڪاڻي کان، جيڪو امرڪوٽ کان ٽيهہ فرسخ پري آهي، يلغار ڪري 29 تاريخ تي اوچتو قلعي جي

[1] جهانڪشائي نادري ص . 37

[2] عمرڪوٽ رڻ بيابان ۾ مشهور قلعو آهي. پاڻي ۽ آبادي کان ٽيهہ فرسخ پري آهي(بيان واقعي 68) عمرڪوٽ ريگستان بيابان ۾ قلعو آهي، ان جي آسپاس پاڻي ۽ آبادي ڪانهي... ان ڪري متن ۾ پاڻي جو ذڪر بي محل آهي. (محمد شفيع)

[3] جهانڪشائي: ڏينهن ڇنڇر ان مهيني جي 8 تاريخ، لوڪ هارٽ ص 160 ۾ 28 ذوالعقد کي اختيار ڪيو آهي(محمد شفيع)

متان ساجهر اچي ڪڙڪيو[1]، جنگي جوان چوڏاري قلعي کي گهيري ۾ آٽي، قلعي ڊاهڻ ۽ ساڙڻ جي رٿابنديءَ ڏانهن متوجهه ٿيا. خدا يار خان وٽڻ جي واٽ نہ ڏسي، لاچار امان طلبيءَ لاءِ خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪيس امان طلبي ۽ معافي ملي، قلعي ۾ موجود موتين جواهرن سان گڏ ٻاويهہ لک رپيا نقد ڏنڊ طور ضبط ڪياويا.[2]

جهان فتح ڪندڙ لشڪر لاڙڪاڻي موٽيو، جيئن تہ خدايار خان پيش پيو ۽ خدمت گذار بنيو هو. ان ڪري ٻين ڳالهين سان گڏ سندس ملڪ ۽ حڪومت جو معاملو نبيري لاءِ سامهون آيو.[3]

---

[1] جهانڪشائي: ڏينهن آچر 9 - تاريخ، پر شڪ ناهي، تہ 29 تاريخ صحيح آهي ۽ 9 تاريخ صحيح نہ آهي(محمد شفيع)

[2] مرزا مهديءَ جي بقول(جهانڪشائي 371): "هڪ ڪروڙ ڪان وڌيڪ ضبط ڪيو ويو." بيان واقعي(ص 69) چيو آهي تہ "محاسبي وقت خدا يار خان جون جيڪي شيون موجود هيون، اڪثر صفوي بادشاهن جون شيون ايران جي ڪهنہ ارباب قلم وارن سجاتيون. اهي اتي مشاهدي ۾ آيون." معلوم ٿيو، تہ قنڌار جا افغان جڏهن والي ايران جي "جان ۽ مال" تي قابض ٿيا تہ هنن ناياب شين کي آسپاس موڪلي وڪرو ٿي ڪيو (محمدشفيع)

[3] اورينٽل ڪاليج ميگزين ضميمہ (فيبروري 1951ع صہ 121 ، 124)

# ٻيو ڀيرو نواب آغرالدوله بهادر هزبر جنگ جو اردويءَ ۾ پهچڻ ۽ ايران جي فرمان روا طرفان خدمت حاصل ڪرڻ

گذريل ورقن ۾ لکيل آهي، تہ تاريخ 23 - ذوالحج 52. 1 هجري(؟) نواب آغر الدوله ملتان کان ٻيڙيءَ ۾ جناب ذي اقبال جي زيارت لاءِ روانو ٿيو. 5 - محرم غالباً لاڙڪاڻي پهتا، اتي ترسيا، اتفاق سان ٻئي ڏينهن 6 - محرم خواجہ محمد فاضل خان، مير نعمت خان ۽ حاجي محمد امان خان گهوڙن تي سوار جهر جهنگ لتاڙيندا ، پاڻي جو وهڪرو اُڪري، ٻنپهرن مهل اردوي معلئ پهتا. رستي ۾ حيات الله خان بهادر، ميرزا ابوالحس ن، حسين بيگ خان حڪم موجب استقبال لاءِ آيل هئا، ملاقي ٿيا.

جڏهن شاهہ جمجاهہ آيو، تہ حيات الله خان جي تنبوءَ ۾ آيو. ڏينهن ۾ اجا ڪجهہ وقت هو، تہ ملاقي ٿيا، آغرالدوله بهادر، ميرزا ابوالحسن ۽ مرزا مهدي خدمت ۾ حاضر ٿيا. شاهہ ذي جاه مهربانيءَ جي زبان سان فرمايو: ”اوهان کي ڊگهي سفر جي گهڻي تڪليف پهتي.“ نواب حيات الله خان بهادر ۽ ٻين ساٿين مان هر هڪ کي ڪپڙن جي خلعت ڏني وئي.[1]

---

[1] اورينٽل ڪاليج ميگزين ضميمہ فيبروري 1951ع ص124 - 125

# خدا يار خان عباسي جي احوال جي پڇاڙي

خدا يار خان امان ۾ خدمت طلبي ڪانپوءِ ساڻن همرڪاب هو. تہ ڪيس شاهاڻي شفقت سان شاهہ قلي خان [1] جو خطاب، ساڳئي زمينداري جي بحالي، ٺٽي جي صوبيداري عطا ڪئي، پر شرط هيءُ رکيو، تہ هر سال ٻہ لک رپيا خزاني ۾ داخل ڪرائيندو ۽ هڪ پٽ ٻن هزار سوارن سان بادشاهي خدمت ۾ همرڪاب ۽ حاضر رکندو... [2] غالباً نادر شاهہ 11 - محرم ساڳئي سال وطن موٽيو:

"ازبخت شڪر دارم واز روزگار هم." [3]

مطلب تہ بخت ۽ زماني جو پڻ شڪر گذار آهيان.

---

[1] ڏسو جهانڪشائي نادري 275 ۽ بيان واقع ص 70.

[2] خواجہ عبدالڪريم لکيو آهي، تہ(ص 70): نادر شاهہ، خدا يار خان جا ٻہ پٽ يرغمال طور پاڻ سان گڏ وٺي ويو هو(محمد شفيع)

[3] اورينٽل ڪاليج ميگزين ضميمہ فيبروري 1951ع ص 126.

## بادشاھ جي لشڪر جو خراسان جي ارادي سان خدا يار خان جي ملڪ ڪان قندار ڏانهن موٽڻ-

## نواب آغر الدوله بهادر جي ملتان طرف اجازت گهرڻ

جڏهن شاھ ذي جاھ هندستان جي سموري انتظام ڪان واندو ٿيو، تہ دل ۾ مملڪت خراسان ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو. انڪري 12 - محرم (سنہ 22- محمد شاهي) 1153 هجري آچر جي ڏينهن خالي تنبوءَ ۾ تشريف آندائين ۽ بخت جي تخت تي اچي ويٺو.

نواب آغر الدوله بهادر کي عراقي نسل گهوڙو سازن سان سينگاريل، عقيق جي تسبيح ۽ حيات الله خان بهادر کي "شاهنواز خان" جي خطاب سان سرفراز ڪيو.[1] گهوڙو ۽ تلوار وغيره ڏئي ڪيس رخصت ڪيو.

نواب عالي جناب ان ئي ڏينهن اردوءَ ڪان ڪوچ ڪري، پاٽي يا درياءَ جي ڪناري تي منزل ڪئي. ٻئي ڏينهن 13 تاريخ ساڳئي سال سومر جي ڏينهن شاھ سليمان (جاھ - ظ) چند جهڙي بخت کي خراسان جي طرف موڪليو يا روانو ٿيو (ورق 158 الف).[2]

---

[1] ڏسو جهانڪشاي نادر ص 37(؟)

[2] ضميمہ اورينٽل ڪاليج ميگزين، فيبروري 1951ع ص 126 ، 127

(4)

# نادر نامه

يا

# شاهنامه نادري

تاليف 1172 هجري

نادر شاهہ ايراني ۽ سنڌ بابت چوند اقتباس

# 1152 هجري سال جا واقعا

**[نادري نامه نادر شاهہ جي فتح ڪاميابي، سنڌ جي ڪاهہ ۾ سنڌ جي والي خدا يار خان عباسيءَ جي گرفتاري وغيره جو احوال شاعر فارسي نظم ۾ آندو آهي. ان جو خلاصو هيءُ آهي.]**

جڏهن نادر شاهہ ڪابل جي ڪاميابي ۾ ڪم ڪان فارغ ٿيو، تہ فتني باز عباسين (ڪلهوڙن) جي ڪن مهمن ڏانهن متوجهہ ٿيو. پنهنجي اڻ ڪٽ چوليون هٽندڙ لشڪر جي واڳ ڪابل کان سنڌ ڏانهن موڙيائين. عباسي (ڪلهوڙي) جو نالو (ميان نور محمد) خدا يار خان هو.

فارسي شعر هن ريت آهي:[1]

چواز کار کابل بہ پرداخت شاه
فرستاد سوئ هري دستگاه

پئي گوشمال يکي فتنہ جوي — ز عباسيان شد چنين چاره جوي
کہ چون سيل، با آن سپاهِ گران — سوئ سند تابد ز کابل عنان
با هنگ عباسي بد نشان — کہ ميبود نامش خدايار خان

[1] نادر نامہ ص. 224

# نادري لشڪر جي سنڌ ڏانهن تياري ۽
# خدا يار خان جي گرفتاري

ڪڇهري ۾ ڳالهه نڪتي، ته سنڌ جو سردار خدا يار خان، عباسي نسل آهي ۽ هندستان جي بادشاهه جي ماتحت آهي. نادر شاهه کيس حڪم موڪليو ته: ”اسان جو فرمان بردار ٿيءُ، نه ته ٻيءَ صورت ۾ اسان جي اڻ ڪٽ لشڪر هٿان سڄي سنڌ ويران ۽ پڙپانگ ٿي ويندي.“ ان تي نادر شاهه کي خبر پئي ته، خدا يار خان تي هن نصيحت ۽ تنبيهه جو ڪو اثر ڪونه ٿيو.

تنهن تي نادري لشڪر جهر جهنگ ۽ سنڌو درياءَ مان واءُ مينهن ڪندو ڏوڪيندو آيو. اها خبر جڏهن عباسيءَ کي پئي ۽ جنگ جدل جي طاقت ۽ تاب نه سهي، پنهنجي تخت گاهه[1] کي خالي ڪري فرار جي واٽ ورتائين. عمرڪوٽ[2] نالي هڪ قلعو تمام ڏوراهين هنڌ ۽ غيرآباد ريگستاني علائقي ۾ هو. ان قلعي کان عام آبادي واٽ ٽيهه فرسخ پري هئي.

خدا يار خان گمان ڪيو، ته حملي آور ايراني فوج کي اهڙي دشوار گذار هنڌ تي پهچڻ ڏکيو ٿيندو ۽ پاڻ قلعي ۾ آرام سان ٿي وينو.

نادر شاهه کي جڏهن خبر پئي، ته خدا يار خان عمرڪوٽ جي قلعي ۾ وڃي وينو آهي، تڏهن هن قلعي تي اهڙي تيز رفتاريءَ سان يلغار ڪئي، جو هڪ ڏينهن ۽ رات ۾ منزل طئي ڪري، ڏوڪيندو اچي قلعي وٽ پهتو. اهڙيءَ حالت ۾ خدا يار خان کي قلعي مان پچڻ ممڪن هو، خدا يار خان قلعي کان ٻاهر لشڪر سميت سورت بندر ۽ گجرات جي واٽ ورتي. پر قسمت سندس ساٿ نه ڏنو. نادر شاهه جي بخت سندس سيني ڪوشش جي راهه بند ڪري ڇڏي. نادر جا جنگي سوار کيس واٽ تي وڃي پڳا. کيس وٺي اچي نادري دربار ۾ پهچايائون. نادر کيس قيد ڪرڻ جو اشارو ڏنو. ان کان پوءِ خزاني، سون چاندي ۽ موتين وغيره جي ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏنو. سون چاندي سميت هڪ ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم جو سڀ سامان ضبط ڪيو ويو. ان قلعي ۾ ٻيو به جو ڪجهه هو، اهو سڀ نادري لشڪر جي قبضي ۾ آيو. نادر شاهه اتان لاڙڪاڻي طرف روانگي ڪئي.

---

[1] خدا آباد ڪلهوڙن جو تخت گاهه هو. جنهن جا اجڙيل نشان اڃا تائين دادو ضلعي ۾ موجود آهن.

[2] عمرڪوٽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ شهر اڃا تائين آباد آهي. اڪبر بادشاهه ان قلعي (جي ويجهو) ڄائو هو.

## سال 1153 هجريءَ جا واقعا

سن 1153ھ ۾ خدا يار خان انهي رهگذر سفر ۾ بادشاهي فرمان موجب قيد هو. گويا سندس حڪمراني جي باغ بهار تي خزان جو دور آيل هو. نيٺ نادر شاھ متس مهرباني ڪري ڪيس ٻيهر سنڌ جي زمينداري واپس ڪئي...

## نادري لشڪر جو ايران موٽڻ ۽ ترڪستان جو ارادو ڪرڻ

قلم اها صورتحال هن نموني لکي تو، تہ جڏهن ايران جو بادشاھ، هندستان، سنڌ ۽ ڪابل جي فتح کان موٽڻ لڳو. ڪابل کان پنهنجي حڪومت جي هر سرحد تي اهڙو حڪم ۽ انتظام رکيائين جو، جيڪو انهن حڪمرانن تي ڏنڊ وغيره مقرر ڪيو هئائين، اهو ڪيس آسانيءَ سان پهچندو رهي يا ڪيس موڪليو وڃي.

(5)

# نامۂ نغز

مان چوند اقتباس

تصنيف

باغ علي سنڌي

(نادر شاھ ايرانيءَ جو سنڌ تي تسلط)

# نادر جو پڪو ارادو سنڌ جي سالار طرف ۽ سنڌ ملڪ جي والي نور محمد ڪلهوڙي جي وڪيل مير متاري[1] کان حقيقت پڇڻ

جڏهن نادر شاهه بادشاهه دهليءَ جي فتح کان فارغ ٿيو، ته ڪنهن جوٽي هٿنڌڙ کان بکر طرف (ڪاهه ڪرڻ) جو رستو پڇيائين. ان چيو، ته اهو نور محمد عباسي نامور تاجور ۽ سپهدار جو ملڪ آهي. ان جو وڪيل مير متارو آهي. نادر شاهه اها ڳالهه ٻڌي مير متاري سان ملڻ ۽ حال احوال پڇڻ جو ارادو ڏيکاريو. ڪنهن ماڻهوءَ مير متاري سان اها ماجرا بيان ڪئي. مير متارو به شاهه ايران نادر شاهه سان ملاقي ۽ حالي احوالي ٿيو. نادر شاهه ان کان ميان نور محمد حڪمران، ملڪ سنڌ، خزاني، سپاهه ۽ گس پنڌ بابت سمورو احوال پڇيو.

مير متاري نهايت ڏاهپ سان جواب ڏنو:

"ان جو لشڪر ۽ سپاهه بيشمار آهي، سڀ جنگي جوڌا، مرد دلير ۽ ميدان ڪارزار جا ڪوڏيا ۽ ڪونڌر آهن. ڪوبه انهن کان ميدان کٽي نه ٿو سگهي. جنگ ۾ راتاهو هڻن ٿا، ته هڪ سئو ڄڻا، ڏهن هزارن ماڻهن تي حاوي ٿيو وڃن. سڀ تلوار جا ماهر، نيزي باز ۽ وڏا بهادر آهن. دليريءَ ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ آهن. انهن کي هاٿين جهڙي طاقت ۽ چيتي جهڙا مضبوط جسم آهن. تيرن تلوارن، گرزن ۽ تفنگن جي هٿيارن پنوهارن سان هميشه تيار رهن ٿا. هو ڪنهن به لشڪر کان ڊڄڻ وارا ناهن. چوڻ کان زيادهه دلير ۽ بهادر آهن. جيڪر ان سالار جي فوج جوش ۾ اچي وڃي، ته گويا پهاڙن مان به دانهون نڪري وڃن."

جڏهن نادر شاهه، ميان نور محمد عباسي، سنڌ جي ماڻهن ۽ لشڪر جي بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ سمجهو ته اٿين سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ، اڪ جي ماڪي لاهڻي ڪانهي، تنهن ڪري موٽ ۾ نادر شاهه به مير متاري کي پنهنجي رعب تاب جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو ته: "آءٌ به جنگجو ۽ فاتح آهيان. ديهن جون ديهون ۽ شهر فتح ڪيا اٿم. قنڌار، هندستان ۽ روم قبضي ۾ ڪيا اٿم."

پوءِ پاڻ نادر پنهنجي خاص ماڻهو ۽ وڪيل محمد علي بيگ کي مير متاري

---

[1] مير لطف الله لڪعلوي معروف "مير متارو" جو ان وقت دهليءَ ۾ هو.

سان گڏ ميان نور محمد ڏي هيءَ نياپو موڪليو:

1 - هميشه خراج موڪليندو رهه

2- پنهنجو پٽ ڏهن هزارن سپاهين سان اسان جي ماتحت موڪل.

هيءَ نادري پيغام کڻي نادر شاهه جو سفير محمد علي بيگ ۽ ميان نور محمد جو وڪيل مير متارو گڏجي دهليءَ مان ٻيڙي ذريعي بکر روانا ٿيا. هڪ ڏينهن گهٽ ٻن هفتن ۾ بکر اچي پهتا. جڏهن انهن ٻنهي جي بکر اچڻ جي خبر ميان صاحب کي پئي، ته پاڻ وڏي استقبال لاءِ آيو.

جڏهن ٻئي سفير ۽ وڪيل سنڌ پهتا، ته ميان صاحب انهن جو والهاڻو استقبال ڪيو ۽ سمورو احوال ورتو. ان بعد نادر شاهه کي جواب ڏيڻ لاءِ ۽ صلاح مصلحت واسطي مجلس سينگاري وئي. ان مجلس ۾ ميان نور محمد پاڻ، سندس وڏو پٽ محمد مراد ياب خان، خداد داد خان، احمد يار خان، غلام شاهه، عطر خان، غلام نبي ۽ غلام رسول، سردار، سپاهه ۽ همدرد اتي وينا. سوال جواب ٿيا. سيني چيو:"سنڌ جا اي نامور شير سنڌ جا سردار! اسان جو الله تعاليٰ حامي نگهدار ۽ ڪارساز آهي. ان ڪري خدا تي پروسو توڪل"والله مع الصابرين" تي عمل ڪجي. ان جو لشڪر ڪٿي سو هزار هجي، پر اسان پيڇڻ وارن مان ناهيون. اسان تيرن تفنگن، نيزن ڀالن ۽ تلوارن کي منهن ڏيڻ وارا آهيون. ان کي پڇائڻ ڪانسواءِ دم نه ڪٽنداسون."

ميان صاحب اهي ڳالهيون ٻڌي، نادر شاهه جي سفير محمد علي بيگ کي چيو:

"آءٌ نادر شاهه جي لشڪر کان هرگز ڊڄڻ وارو ناهيان. خراج خزاني ۽ دنيا دولت جي مون ۾ اميد نه رکو. منهنجو خزانو ۽ گنج رڳو تلوار آهي، جيڪڏهن نادر شاهه هن جواب تي ڪاوڙجي، ته اسان جو الله نگهبان آهي. نادر واقعي قنڌار، گرديزبان، پشاور ۽ غزنوي قبضي ۾ ڪيا آهن، ته اهو چڱو ڪم ڪونه ڪيو اٿس. اسان جو لشڪر باهمت ۽ جنگجو آهي. منهنجا پنهنجا عزيز به شينهن مڙس آهن. جيئن محمد مراد، خداداد خان، احمد يار خان، غلام شاهه، عطر خان، غلام نبي ۽ غلام رسول ، انهن مان هر هڪ کي ٽيهه ٽيهه هزار سپاهه آهي. منهنجو ڀاءُ داؤد خان، غلام حسين، تاج محمد ۽ فصل علي اهي سڀ مرد دلير ۽ ببر شير آهن. هر هڪ جي هٿ هيٺ ڏهه ڏهه هزار سپاهه آهي. منهنجا پنهنجا ٻيا عزيز ۽ همدرد به هزارين آهن. جيئن ميان عارف خان، خان

عزت، ياني خان، شيخ محمد، شاھ بھارو، مقصود، چاڪر نندو، مير بھرام، مراد ڪليري ۽ مير چاڪر، منھنجن دلير ھزارن سپھ سالارن مان ڪنھن ڪنھن جا نالا ڪڻان، فوج ۽ لشڪر بہ لکين آھي."

نادر شاھ جو سفير محمد علي بيگ اھو سخت جواب ۽ نياپو کڻي، ايران جي شاھ ڏانھن وڃڻ جي واٽ ورتي ۽ ائين روانو ٿيو، جيئن تيز پکي اڏامڻو يا ھرڻ ڊوڙ پاتي.

ان وچ ۾ نادر شاھ اٽڪ جي قلعي وٽ پھچي چڪو ھو. سفير، شاھ ايران کي سڄو ڏٺل ٻڌل احوال ۽ ميان نور محمد جو نياپو پھچايو. جڏھن نادر شاھ اھو گفتگو ٻڌو، ڇڻ سندس اندر ۾ باھ ٻري وئي. يڪدم پنھنجو لشڪر ۽ سپاھ ترڪمان، چين، ڪابل پشاور، ايران، مازندراني، تبريز ۽ بريري جو گھرائي، چڙھائيءَ لاءِ گڏ ڪيائين.

سفير جي نياپي ٻڌڻ سان نادر شاھ، خدا يار خان سنڌ جي سالار ڏانھن رخ ڪيو. جڏھن نادر شاھ بلوچن جي سرزمين سنڌ ۾ پھتو ۽ اھا خبر ميان نور محمد کي پئي، تہ ايران جا سپھ سالار ھندستان کان اچي ڪڙڪيا آھن. ميان صاحب پنھنجي سيني صلاحڪار ساٿين سان صلاح مصلحت ڪئي، تہ ھاڻي ڇا ڪرڻ گھرجي؟ صلاح بيٺي، تہ نادر شاھ جي لشڪر کان نہ ٿا ڊڄون، پر بادشاھن سان ويڙھ چڱي ناھي. جيئن فردوسي يا ڪنھن ڏاھي چيو آھي:

"کہ بر خاش بادشا کردن خطا ست"

مطلب تہ بادشاھ سان لڙائي ڪرڻ خطا آھي. نيٺ ميان صاحب لک سپاھ ساڻ ڪري، عمرڪوٽ جي واٽ ورتي. پنيان نادر شاھ بہ چاچڪان[1] پھتو. نادر، ملڪ ۾ مار ڌاڙ قرلٽ ڪندو ڏوڪيندو آيو. ڪي ماڻھو مئا ۽ ڪي گرفتار ٿيا. نادري فوج سنڌ ملڪ کي ڦري لٽي پڙپانگ ڪري ڇڏيو. ان ظالم نادر جي حملي وارن ڏينھن ۾ سنڌ جي ماڻھن تي ڇڻ ڪاري قيامت اچي ڪڙڪي. پيءُ پٽ کان بيخبر، ماءُ اولاد کان دربدر، ماڻھو پنھنجا سر کڻي ڀڳا، زالون ۽ ٻار بہ دربدر ٿي وڃڙي ويا.

اھڙو سخت قھر ۽ ظلم ٿيو، جو جيڪڏھن ڪنھن زال کي پيٽ ۾ پٽ ھو، تہ اھو بہ صدمي مان ڌيءُ ٿي پيو ٿي. مطلب تہ رنين آھرين ظلم جي چڪي ۾ پيسجي ويا.

---

[1] لاڙڪاڻو

نہ. لاچار ميان نور محمد اها حالت ٻڌي ڏسي، پنهنجي پٽ غلام شاهہ کي پنهنجي وڪيل مير متاري سان گڏائي، نادر شاهہ جي خدمت ۾ هيءُ پيغام ڏئي موڪليو:

”هاڻي مون کي فرمان بردار ڪري ڄاڻ، خراج ۽ زر ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهيان. تنهنجي فرمان جي ڪمر ٻڌي اٿم.“ جيڪڏهن نادر شاهہ اها ڳالهہ مڃي ۽ موٽي وڃي، تہ واهہ ۽ تون جلدي موٽي اچجانءِ. جي عذر نہ مڃي ۽ حملو جاري رکي، تہ سندس حملي ۽ سپاهہ لشڪر جي خبر مون کي پهچائجانءِ.

غلام شاهہ، نادر شاهہ ڏانهن روانو ٿيو. جڏهن ويجهو پهتو، تہ نادر شاهہ کي اطلاع ڏنائون. نادر شاهہ، غلام شاهہ کي سڏائي مقصد ۽ احوال معلوم ڪيو.

غلام شاهہ عرض ڪيو، تہ آءٌ خدا يار خان جو پٽ آهيان، اوهان جهان جي بادشاهہ لاءِ سندس پيغام کڻي آيو آهيان، پر اهو پيغام اڪيلائيءَ ۾ پيش ڪندس.

نادر شاهہ خلاصو ٿي ويٺو ۽ غلام شاهہ سمورو پيغام پهچايو. نادر شاهہ کي غلام شاهہ جي گفتار ۽ ڪردار وڻيا. نادر شاهہ چيو : ٻڌو اٿم تہ تنهنجي پيءُ جنگ جي تياري ڪئي هئي. ان ڪري چوان ٿو تہ، يڪدم سنڌ پهچان، سندس طاقت کي آزمائي ڏسان.

نادر، لاڙڪاڻي، نوشهري[1] کان ٿيندو، شهدادپور ۾ اچي طبل وڄائي تنبو کوڙيا. ميان نور محمد، نادر جي آمد جو ٻڌي، دوranديشي ڪري عمرڪوٽ ڏانهن وڃي چڪو هو. شهدادپور ۾ نادر شاهہ، عمرڪوٽ جو دڳ پتو پڇڻ لڳو. اتفاق سان ميان صاحب جا ڪي نالائق مخالف لالچ ۽ انعام جي ڪري، نادر شاهہ سان گڏجي پيا. انهن نادر شاهہ کي عمرڪوٽ جو ڏس پتو ڏنو، تہ عمرڪوٽ هيترو ڪي هيترو پنڌ ٿيندو. پر ميان نور محمد وڏي لشڪر سان اتي جنگي ارادي سان وڃي ويٺو آهي. البت سندس سپاهہ ۽ لشڪر جي تعداد جي صحيح خبر نادر شاهہ کي ٻڌائي نہ سگهيا.

انهيءَ دوران ميان نور محمد جي لشڪر جا سپاهي جيڪي ذات جا ماڇي[2] هئا، پوئتي رهيل هئا. انهن نادر شاهہ جو رستو روڪي لڙائيءَ جو مهاڏو اٽڪايو. اهڙيءَ طرح گرزن، تيرن، تفنگن، نيزن ۽ ڀالن تلوارن سان

[1] نوشهرو سکر ضلعي جو ڳوٺ آهي.

[2] ماڇي سنڌ ۾ هڪ قبيلو آهي.

ميداني جنگ چڙي پئي، نادر پڇيو، تہ هيءَ اوچتي فوج ڪٿان آئي؟ چيائون تہ ميان صاحب جا سوار ڪي پوئتي رهيل هئا، اهي آهن. ماڇين کان علاوه ميان صاحب جي فوج جا نو سئو(900) سوار ذات جا مهيري[1] بہ ڪي پوئتي رهيل هئا، اهي بہ اچي وارد ٿيا. پوءِ تہ نادري لشڪر تي وارو وارو ٿي وئي ۽ انهن پنهنجو پنهنجو حق ادا ڪيو. پر نادري لشڪر جا وڏا ڪٽڪ هئا. ان ڪري نادر انهن کي ڪُٽيندو سَٽيندو ماريندو ۽ ڌوڪيندو وڃي عمرڪوٽ کان نڪتو. قلعي جي دروازي تي ميان صاحب جو پٽ غلام شاهہ اچي نادر شاهہ سان ڳالهائو ٿيو. نادر شاهہ چوائي موڪليو:" ميان صاحب صلح ۽ امان طلبيءَ جي ڪري روبرو اچي، تہ ڪيس بيهر خلعت ۽ حڪومت سان نوازيو ويندو."

نيٺ ميان نور محمد امانَ طلبي خاطر گهوڙي تي چڙهي نادر شاهہ وٽ آيو. ميان صاحب سان هڪ سئو چاليهہ ساٿي، جن ۾ بهارو،چام ننڌو، ڪوڙو يا گنهور(؟) مير چاڪر، بهرام، مير شاهو ۽ غلام محمد بہ گڏ هئا. ميان صاحب ويجهو اچي گهوڙي تان لٿو.پيرين پنڌ نادر وٽ آيو ۽ امان جو طلبگار ٿيو، روبرو عذر معافيون، صلح صفائيءَ جون ڳالهيون ٻوليون ٿيون. نيٺ نادر شاهہ ، ميان صاحب کان پڇيو:

"تو امانَ گهري، مون امانَ ڏني، پر اهو تہ ٻڌاءِ، ڀهريان لڙائيءَ لاءِ تياري ڇو ڪيئي؟ پوءِ يڪدم وري لڙائيءَ جو ارادو ڇڏي، صلح ۽ امانَ طلبيءَ جون ڳالهيون ڪيئن ڪيون ۽ ملڪ ڇڏي پري رڻ پٽ بيابان ۾ ڪناره ڪشي ڪيئن مناسب سمجهيئي؟"

ميان نور محمد ڏاهپ ۽ دانائي سان وراڻيو:

"توهان سان جنگ مناسب نہ ڄاتم،ان ڪري پري اچي گوشو ۽ ڪنارو ڪري وينس، جو بادشاهہ ڪنهن جي پوريان نہ پوندا آهن."

جڏهن نادر شاهہ کي سچي سربستي ڳالهہ سچي لڳي، تڏهن نادر، ميان کي چيو تہ:"تون اڳئين وانگر حڪومت تي برقرار آهين. هينئر واپس لاڙڪاڻي تا هلون، اتي توکي وري بيهر حڪومت تي سرفراز ڪريان ٿو. اچ تہ گڏجي اوڏانهن هلون ۽ هن سچي گفتار تي توکي آفرين هجي."

---

[1] مهيري بہ سنڌ جو هڪ قبيلو آهي.

# نادر شاهه جو عمرڪوٽ مان لاڙڪاڻي ورڻ ۽ خدا يار خان کي گڏ وٺي هلڻ ۽ سنڌ ملڪ پيهر ان کي سونپڻ

لاڙڪاڻي پهچي نادر وڏي مجلس سينگاري، اُتي ميان نور محمد ڪلهوڙي کي سنڌ پيهر حوالي ڪئي. ميان صاحب کي خلعت ۽ سنڌ جي حڪومت سان سرفراز ڪيو. پيون به سوين سوڪڙيون پاڪڙيون ڏنائين. ميان صاحب کي"ثابت جنگ"،"بيگ بيگي" قلي شاهه" جي لقبن سان به نوازيو. اهڙيءَ طرح سڀ عهد نامه لکجي ويا.

وڏيڪ نادر شاهه، ميان صاحب کان سندس پٽ جي بانهن به گهري، ته هو منهنجي زير سايه رهي، ميان صاحب پنهنجن ساٿين سان صلاح مشورو ڪيو ته، ڪهڙي پٽ کي نادر شاهه سان گڏ موڪلجي سيني صلاح ڏني، ته ان جي لائق محمد مراد ياب آهي. ميان صاحب وري محمد مراد ياب کان ان باري ۾ پڇيو، ان خوش دليءَ سان هائوڪار ڪئي ۽ چيوته:" دلجاءِ ڪري مطمئن رهو. مون کي رڳو هميشه دعا سان ياد ڪجو."

ميان صاحب ، محمد مراد ياب کي گهڻين نصيحتن ۽ دعائن سان نوازي، سندس ياءَ غلام شاهه کي به ساڻ گڏائي موڪليو، ته جيئن هڪ ٻئي جو ڏڍ ٿين، هٿيار پنهوار به ڏنائين ۽ پنهنجا خاص ماڻهو چام ننڊو، گنهور، ڪهاوڙ، غلام محمد، ڪوڙو ۽ خيرو به گڏ روانا ڪيا، ته جيئن اڪيلائي محسوس نه ڪن، ان سان گڏ ٻارنهن هزار لشڪر به ساڻ ڏنو. نادر شاهه، ميان صاحب جي ٻن پٽن ۽ ٻارنهن هزار لشڪر ساڻ ڪري گهڻو خوش ٿيو. انهن جي خاطر تواضع ۽ عزت ڪرڻ لڳو.

# نادر شاھ جو سيوي ۽ قنڌار جي رستي سان محمد مراد ياب، غلام شاھ ۽ لشڪر سميت ايران ملڪ ڏانھن موٽڻ

جڏھن نادر شاھ خير خوبيءَ سان پنھي شھزادن ۽ لشڪر سميت واپس ايران وڃڻ لڳو ۽ خراسان پھتو، تہ ھر طرف سندس فتح ۽ واپسي تي مبارڪون ملڻ لڳيون. پر ميان نور محمد عباسي پنھنجي پنھي پٽن کي ياد ڪري، رنجيدو ۽ پريشان ٿيندو ھو ۽ کين دعائون ڏيندو ھو. ائين ڪندي چند سال گذري ويا، تہ ايران ملڪ مان وري سنڌ ملڪ لاءِ پارڻ پريو. ان ظلم ۽ ستم جو سپھدار سردار خان ھو. ان وري ميان نور محمد خدا يار خان کان ٽيون پٽ بہ گھريو تہ، اھو بہ اتي اسان وٽ دربار ۾ رھي. ميان صاحب، شھزادي عطر خان کي ھڪ ھزار ھڪ سئو سٺ(1160) سپاھين جو لشڪري ڏئي، سردار خان سان گڏ خراسان موڪليو، تہ جيئن اڳين پنھي پائرن سان وڃي ملي، جيڪي نادر شاھ بئي اڳ ۾ ونئي ويو ھو. عطر خان ستين مھيني وڃي پنھي پائرن سان مليو ۽ دل خوش ڪيائون. ٽئي اتي دربار ۾ رھيا. پيءُ جي محبت ۽ دعائن کي گڏجي ياد ڪرڻ لڳا ۽ پنھنجي قسمت ۽ ڪم، ڪار ساز جي حوالي ڪري ڇڏيائون.

شاعر باغ علي سنڌي"نامۂ نغز" جي پڇاڙي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جن تي درود ۽ سلام سان ھن ريت ڪئي آھي:

سلام و صلواۃ و ثنا صد ھزار،
زما بر محمد شہ تاجدار.
ھزاران سلام و ھزاران درود،
زما بر محمد بود برفزود!

مطلب، تہ محمد شاھ تاجدار صلي الله عليہ وسلم تي اسان جي طرفان لک سلام ۽ صلواتون ھجن. اسان جي طرفان ھزارين سلام ۽ ھزارين درود محمد صلي الله عليہ وسلم تي ھجن!

(6)

# تبصرة الناظرين

تاليف

سيد مير محمد بلگرامي

(1101 ھ - 1185 ھ)

سنہ 1117 هجريءَ کان سنہ 1152 هجريءَ جا واقعا

[ڪلهوڙا دور جي ڊائري]

# تبصرة الناظرين

## 1117هجري - يار محمد خدا يار خان جي هٿان نومڙين جي شڪست

يار محمد خدا يار خان ڪلهوڙو سرائي قوم جو سرواڻ، سنڌ ملڪ جو وڏو زميندار (منصبدار) آهي. ان هن ئي سال جبل ۾ نومڙين تي فتح حاصل ڪئي. هن فتح ۽ ڪاميابيءَ جي تاريخ، منهنجي(مصنف جي والد) سيد مير عبدالجليل بلگرام هن طرح چئي آهي:[1] جڏهن يار محمد خدا يار خان همٿ ۽ جرئت سان ڪمربستہ ٿي، نومڙين تي حملو ڪيو، تہ انهن جون دليون دهلجي ويون، سخت حملي ڪان جبل بہ جنبش ۾ اچڻ لڳا. هن فتح جي تاريخ:"هيءَ فتح خداداد" (1117 هہ) مان نڪري ٿي.[2]

## 1122 هہ -سيد حسين امتياز خان خالص اصفهاني جو مارجڻ

هن سال سيد حسين امتياز خان"خالص" اصفهاني، شاهہ جهان آباد ڪان وطن ڏانهن موٽڻ جو ارادو ڪيو هو. جڏهن رستي ۾ سيوستان پهتو، تہ اتي جي زميندار يار محمد خدايار خان پنهنجن ماڻهن کي موڪليو، تہ ان تي راتاهو هڻي، ان کي ماري وجهن. ان جو ساز سامان ۽ مال متاع بہ سندس قبضي ۾ آيو. منهنجي والد ان واقعي جي تاريخ هن طرح چئي آهي:

آہ آہ امتياز خان(1122 هہ)[3] امتياز خان سيد حسين"خالص" اصفهاني صاحب ديوان شاعر هو.سندس شاعري جو نمونو هي آهي:

ڪي شوم آزاد از قيد خودي، چون عنڪبوت،
بعد مردن هم بدام خود گرفتاريم ما.

## 1125هہ - ميان يار محمد جي هٿان سيوي ۽ ڍاڍر جو فتح ٿيڻ

هن سال شڪارپور جي آسپاس ۽ نوشهري جي زميندار رحيم داد افغان، جبل جي زميندارن جي مدد سان وڏو لشڪر وٺي، سيوي قلعي ۽ ڍاڍر

---

[1] تبصرة الناظرين جي مصنف سيد ميرمحمد بلگراميءَ جي والد عبدالجليل بلگراميءَ ان وقت سنہ 1116هہ ڪان 1130هہ تائين سيوستان ۽ بکر ۾ سرڪاري اخبار نويسيءَ ۽ سپهہ سالاريءَ جي خدمت سرانجام ٿي ڏني. مير عبدالجليل بلگرامي 1071 هہ ۾ ڄائو ۽ سندس وفات 1138 هہ تي ٿي. ڏسو:ماثر الڪرام 257، سرو آزاد 253، خزانہ عامره 352.

[2] تبصرة الناظرين ص 40

[3] ڏسو: سرو آزاد ص 139، ماثر الڪرام ص 264، سيد حسين امتياز شاهہ خان تخلص "خالص" اصفهاني پٽ ميرزا باقر وزير سپاهہ

تي قبضو ڪيو. انهن قلعن جي نگران ميان يار محمد جڏهن اها خبر ٻڌي تہ،
پنهنجي پٽ داؤد خان کي وڏو ڪٽڪ ڏئي روانو ڪيو، تہ سيوي قلعي کي زور
زبردستيءَ سان رحيم داد افغان جي قبضي مان ڇڏائي دائود خان ڪٽڪ سميت
سيوي قلعي وٽ پهتو، تہ رحيم داد افغان بڪايل شينهن وانگر جنگ ڪرڻ لاءِ
سامهون ٿيو. داؤد خان حڪمت عملي سان لشڪر کي ساڄي کاٻي ترتيب سان
صف آرا ڪيو. پوءِ گهمسان جي لڙائي ۽ مارڌاڙ شروع ٿي:

ايزدش يار وقضا رهبر و توفيق رفيق،
بخت همراهہ وظفرمونس و اقبال نديم.

مطلب تہ، داؤد خان جو الله مددگار، سندس تقدير رهنما، توفيق شامل
حالي فتح ۽ ڪاميابي ورونهن ۽ بخت ساٿ هو. ان ڪري لڙائي ۾ داؤد خان
جو پُٽ ڳرو ٿيڻ لڳو ۽ رحيم داد افغان پاڇ ڪائڻ لڳو. انهن کي ڀڃڻ هرگز
فائدو نہ ڏنو، موت کان ماڻهو ڪيڏانهن ڀڄي سگهندو؟آخرڪار رحيم داد
افغان ۽ سندس لشڪر لڙائي جو ميدان خالي ڇڏي، شڪست کائي، پويان پير
ڪري پاڇ کاڌي ۽ داؤد خان ڪلهوڙي جو لشڪر ڪامياب ٿي، انهن پٺوڙن
جي پنيان لڳو. بهرحال داؤد خان، رحيمداد افغان تي فتح حاصل ڪري خدا
جي دربار ۾ شڪراني جو سجدو بجا آندو ۽ ڪامياب ٿي پنهنجي پيءُ يار
محمد ڪلهوڙي وٽ واپس آيو. ميان يار محمد پنهنجي پٽ داؤد خان کي
پلو گهوڙو، خاص تلوار ۽ جڙائودار خنجر انعام ڏئي خوش ڪيو.

منهنجي والد(عبدالجليل بلگرامي) اهو سچو واقعو نظم ۾ آڻي
رحيمداد افغان جي هار ۽ داؤد خان جي جيت جو ذڪر ڪيو آهي[1] ۽ هن
واقعي جي تاريخ هن سٽ مان ڪڍي آهي:

ز داؤد شد فتح سيوي وداد هر(1125هہ)[2]

مطلب تہ، داؤد خان سيوي ۽ ڊادرفتح ڪيو.

## 1135هہ - ڪتاب جي مصنف جي خدا آباد ۾ رهائش

هن ئي سال آءُ ( سيد مير محمد بلگرامي ) ميان نور محمد خدا يار خان
بهادر ثابت جنگ ڪلهوڙي جي حڪم سان 23 - تاريخ محرم 1135هہ تي

---

[1] ڏسو:تاريخ ڪلهوڙا جلد اول ص 219 ، 238

[2] تبصرة الناظرين ص 73

سيوستان ڪان خداآباد وڃي رهيس، سيوستان خداآباد جي وچ ۾ ٻارنهن ڪوهه مفاصلو آهي. هيءُ سڄو سال ميان نور محمد ڪلهوڙي جي پاڇي ۾ خدمت ۾ رهيس. ان تي الله جو حمد آهي.[1]

### 1136هه-احمد يار خان ولد ميان نور محمد جي ولادت

هن سال ميان نور محمد ڪلهوڙي کي پٽ ڄائو. ان جو نالو احمد يار خان رکيو ويو. منهنجي والد (عبدالجليل بلگرامي) ان جي ڄمڻ جي تاريخ هن طرح چئي آهي:الله تعاليٰ خان عالي جاه کي نيڪ بخت فرزند ڏنو آهي. ان جي تاريخ ولادت هن مصرعه مان نڪري ٿي:

نونهال عهد احمد يار خان(1136 هه)[2]

### 1136هه-ڪتاب جي مصنف جي سيوستان واپسي

هن ئي سال ڪتاب(تبصرة الناظرين)، جو مصنف سيد مير محمد بلگرامي رجب مهيني ۾ ميان نور محمد خان ڪان اجازت وٺي، خداآباد ڪان سيوستان پنهنجي جاءِ تي پهتو.

### 1137هه-محمد مراد ياب خان ولد ميان نور محمد ڪلهوڙي جي شادي

هن سال محمد مراد ياب خان ولد نور محمد ولد يار محمد ولد نصير محمد، ملڪ سنڌ جي وڏي زميندار جي خير خوبيءَ سان شادي ٿي گذري، مير عبدالجليل بلگرامي ان خوشيءَ جي موقعي تي شعر لکيو، جنهن ۾ ميان صاحب کي الله ۽ رسول جي دعا سان گڏ. شاديءَ جو نظارو چٽيندي چيو آهي، ته ان شاديءَ ۾ رقص، خوشي نغمه ۽ طعام قيام جو تمام سهڻو انتظام هو. ان شاديءَ جي تاريخ هن سٽ مان نڪري ٿي:

بر مراد دل، مبارڪ باد اين طوئي منير(1137هه)[3]

### 1143هه-محمد مراد ياب خان ولد ميان نور محمد جي شادي

هن سال ميان نور محمد جي فرزند محمد مراد ياب خان جي شادي ٿي. هن شاديءَ جي موقعي تي مير غلام علي آزاد بلگرامي(مير عبدالجليل جي ڏوهٽي)

---

[1] تبصرة الناظرين ص 110

[2] تبصرة ص 111

[3] تبصرة الناظرين ص 114

هيءُ شعر چيو، الله تعاليٰ جو حمد آهي جو محمد مراد ياب خان جي شادي ٿي ۽ الله ان جو مددگار آهي. هن شاديءَ سان سندس دل جي مراد ۽ اميد پوري ٿي. گويا ٻه ستارا سعد برج ۾ مليا. سندس شاديءَ جو سال هن سٽ مان نڪري ٿو:

بہ يڪجا جمع گشتہ ماه وزهرا (1143 هہ)[1]

مطلب تہ هڪ جاءِ تي چنڊ ۽ زهرا تارو گڏ ٿيا.

## 1143هہ - عبدالله خان بروهي واليءَ قلات جو مارجڻ

هن سال ميان نور محمد خدا يار خان جو لشڪر عبدالله خان بروهيءَ جي لشڪر تي غالب آيو ۽ گهڻي ڪشمڪش ۽ ڪوشش ڪانپوءِ عبدالله خان بروهي مارجي ويو. مير غلام علي آزاد بلگرامي[2] ان جي تاريخ وفات، نثرجي هن جملي مان ڪڍي آهي:

عبدالله بروهي قتل گرديد (1143 هہ)[3] يعني: عبدالله بروهي قتل ٿيو.

## 1144هہ -ميان نور محمد جي پاءُ محمد خان جي وفات

هن سال ميان محمد خان، ميان نور محمد ڪلهوڙي جو ڀاءُ هن فاني دنيا کي ڇڏي، هميشه خوشيءَ واري دنيا ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. غلام علي آزاد بلگرامي، ميان محمد خان جي تاريخ وفات هن طرح لکي آهي:

{تاريخ وفات او سحر هاتف غيب
ميگفت: چشيد مي زجامِ ڪوثر (1144 هہ)}

مطلب، تہ پاڪ ڦڻ مهل هاتف تاريخ وفات چئي، تہ حوض ڪوثر مان پاڪ شراب جو پيالو پيتائين.

## 1144هہ - ثابت جنگ جو خطاب

هن سال ميان نور محمد ڪلهوڙي، عبدالله خان بروهيءَ تي فتح حاصل ڪرڻ ڪري "ثابت جنگ" جو خطاب حاصل ڪيو.

---

[1] تبصرة الناظرين ص 163

[2] مير غلام علي آزاد بلگرامي ، ماثر الڪرام ۽ خزانہ عامره جو مصنف آهي ۽ مير عبدالجليل بلگراميءَ جو ڏوهٽو ۽ سيوهڻ ۾ نائب هو.

[3] عبدالله خان ولد مير سمندر خان بلوچ بروهي، سرحد قنڌار جو وڏو زميندار، ميان نور محمد ڪلهوڙي سرحد ملتان جي وڏي زميندار سان جنگ ڪندي سنہ 1143هہ جي آخر ۾ مارجي ويو. (تاريخ محمدي فارسي، جلد 2، حصو 6، صہ 77، ڇاپو، 1960ع، از عرشي رامپوري)

غلام علي آزاد بلگرامي خطاب حاصل ڪرڻ جو سال هن سٽ مان ڪڍيو آهي:

خطاب عمدۀ سلطان مبارڪ! (1144 هه)[1]

مطلب تہ، عمدو خطاب بادشاهہ ڪي مبارڪ هجي!

### 1146هه - محمد مراد ياب خان جي مراد علي بروهيءَ جي نياڻي سان شادي

هن سال محمد مراد ياب خان جي شادي، مراد علي خان بروهيءَ جي نياڻيءَ سان ٿي مراد علي خان بروهي، متئين عبدالله خان بروهي والي قلات جو سؤٽ هو.[2] مير غلام علي آزاد بلگرامي هن شاديءَ ۽ خوشيءَ جي موقعي جي تاريخ هن سٽ مان ڪڍي آهي:

مبارڪ باشد و باشد مبارڪ![3]

1146هه

### 1147هه - خدا داد خان جي عبدالله خان بروهي جي نياڻي سان شادي

هن سال خداداد خان، ميان نور محمد جي وچئين فرزند جي شادي عبدالله خان بروهي رئيس قلات جي نياڻيءَ سان ٿي گذري، مير غلام علي آزاد بلگراميءَ هن شاديءَ جي تاريخ هن سٽ مان ڪڍي آهي: همايون باداين جشن خداداد (1147هه)[4]

مطلب تہ، خداداد خان ڪي هيءُ جشن مبارڪ هجي شال!

### 1148هه - ايران جو بادشاهہ نادر شاهہ

هن سال جي عجيب واقعن مان هي آهي جو نادر شاهہ جنهن جو نالو قلي خان هو، محمود خان افغان غلزئي قنڌاريءَ جي ڏقيڙ، بربادي ۽ شاهہ طهماسپ بن شاهہ حسين صفويءَ جي مرڻ کان پوءِ ايرانين طرفان نادر شاهہ جو لقب اختيار ڪري بادشاهہ بنيو، پر روم جي بادشاهہ جنهن ايران تي ڪاهڻ جو ارادو ڪيو هو، جي خوف ڪان نادر شاهہ پنهنجو مذهب ڇڏي، اهل سنت و جماعت جو خطبو پڙهيو ۽ ڪيترن اماميہ عالمن کي تلوار سان

---

(1) تبصرة الناظرين 170 - ڏسو: اقتباس ماثر الامرا (ضميمو اٺون)

(2) ڏسو: تحفة الڪرام جلد 3، ص 109 ۽ تاريخ ڪلهوڙا جلد 1، ص 397

(3) تبصرة الناظرين ص 175

(4) تبصرة الناظرين ص 177 ۽ تحفة الڪرام جلد 3، ص، 109

هلاڪ ڪيو ۽ جيئن نوڪر اٿڪل ۽ حرفت سان زور ونـي، پنهنجـي مـالڪن سان سامهون ٿئي. ان وانـگر هـي بـہ بـي ادب ۽ گسـتاخ بنيـو. جيئـن عـرب چون ٿا تہ النادر ڪالمعدوم.

نادر شاهہ جي سـڪي تي هي بيت تحرير آهي:

سڪ بر زرڪرد نـام، سلطنت راد رجهـان،
نـادر ايـران زميـن و خسـرو گيـت سـتان.

بين ڪان ٻڌو اٿم، تہ سندس سِـڪي تي هيءُ بيت لکيل هو:

نگيـن دولـت وديـن:چونڪـہ رفتـہ بـود از ڇـا،
بنـــام نـــادري ايـــران قـــرارداد خـــدا.

سندس حڪومت تي ويهڻ جي تاريخ رپئي تي هيءَ لکيل هئي ۽ اهو جملو مون پاڻ اکين سان لکيل ڏٺو آهي:

الخير في ماوقع [1]

1148هہ

## 1149هہ - نادر شاهہ ايراني جي هٿان قنڌار جو فتح ٿيڻ

هن سال ايران جي بادشاهہ پنجاهہ هزار سوار ۽ بي شمار پيادي فـوج سـان اصفهان کان اچي، قنڌار جي قلعي جو گهيرو ڪيو. ان قلعي جو رئيس حسين خان افغان گهيري ۾ هو. هڪ سال تـائين ايرانيـن ۽ افغـانين جي وچ ۾ جنـگ هلندي رهي. آخرڪار قنڌار جي قلعي وارن جي کاڌ خوراڪ ۾ کوٽ پيدا ٿـي ۽ قلعي وارا ماڻهو پريشان ٿي پيا. لاچار حسين خان افغان، نادر شاهہ جي اڳيـان هٿ ٻڌي اچي حاضر ٿيو. نادر شاهہ چيو، تہ ان کي گڏهہ تي چاڙهي سڄو شـهر گهمايو وڃي. آخرڪار نادر شاهہ، حسين خان کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڪيو. [2]

## 1151 هہ - نادر شاهہ افشار هندستان ۾

هن سال ايران جو بادشاهہ نادر شاهہ قنڌار جو قلعو فتح ڪري قلعـي جي رئيس حسين خان افغان غلزئي کي گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ڪابل جي رستي لاهور آيو. اتي جو ناظم نواب زڪريا خان خلف نـواب عبدالصمد پاڻ ۾ نـادر

---

[1] تبصرة الناظرين ص 179
[2] تبصرة الناظرين ص 184

شاهہ سان مقابلي جي طاقت نہ ساري سگهيو ۽ نادر شاهہ وٽ اچي پيش پيو ۽ شاهي عنايتن ۾ شامل ٿيو.

نادر شاهہ لاهور کان ڪوچ ڪري جنگي تيارين سان، پاڻي پٽ ۽ ڪرنال گوٺ وٽ پهتو ۽ هن طرف کان نواب خان دوران بهادر ۽ سندس ڀاءُ اوڌ صوبي جو ناظم نواب مظفر خان مبارزالملڪ نواب سعادت خان ۽ ٻيا امير (محمد شاهہ) بادشاهہ جي حڪم موجب مقابلي لاءِ ٻاهر آيا. ڪرنال وٽ ٻئي ڌريون آمهون سامهون ٿيون. ٻنهي طرفن کان جنگ جو جوش خروش پڙڪا ڏيڻ لڳو. اهڙيءَ طرح امير الامراءُ خان دوران بهادر ۽ نواب مظفر خان ۽ ان جو ڀاءُ - اشرف خان، ان جو پٽ - شهداد خان پٽن سميت، علي احمد خان ڪوڪ، مير ڪلو ولد مير مشرف لڪنوي، عاقل بيگ خان ۽ غازي بيگ خان ۽ ٻيا ٽيهارو ماڻهو هاٿي سوار، (نادر شاهہ جي لشڪر) هٿان شهادت جي درجي تي پهتا جڏهن محمد شاهہ بادشاهہ، نادر شاهہ جي رعب تاب ۽ لشڪر جي گهڻائي جي خبر ٻڌي، سمجهيائين تہ جنگ ڪرڻ ۽ نادر شاهہ جي ظالم لشڪر سان پڄڻ پيٽي ڪانهي، تڏهن صُلح جو ارادو ڪري، نادر شاهہ جي استقبال لاءِ ٻاهر نڪتو ۽ ڪرنال وٽ اچي نادر شاهہ سان ملاقي ٿيو. پوءِ اتان ٻئي بادشاهہ جهان آباد آيا. محمد شاهہ اسد برج ۽ نادر شاهہ، شاهہ برج ۾ منزل انداز ٿيا. ان دوران اوچتو نواب سعادت خان، بادشاهي قلعي ۾ گذاري ويو[1] منصبدران سندس جنازو قلعي ۾ منهن ڏيکارڻ لاءِ ٻاهر آندو. جيئن تہ ٻين ڪي نواب جي موت جي خبرڪانہ هئي، ان ڪري افواهہ پکڙيو تہ محمد شاهہ اٽڪل ۽ حيلي سان نادر شاهہ کي ماريو آهي ۽ جلدي ان جو جنازو قلعي کان ٻاهر نڪرڻ وارو آهي. تاريخ يارهين ذوالحج جي ڇڇ رات گذري، تہ ماڻهن جا ڪٽڪ اچڻ لڳا. نادر شاهہ جو لشڪر بہ انهن ماڻهن سان گڏ شهر ۾ آيو. نادر شاهہ جي سپاهيءَ کي جنهن بہ ماڻهو گهٽيءَ يا بازار ۾ ڏٺو ٿي، تہ انهن کي ماريو ٿي. نادر شاهہ پاڻ شالامار باغ ۾ فوج جي پهري ۾ سلامتيءَ سان وينو هو. جڏهن نادر شاهہ

---

[1] تاريخ محمدي(107 - 214) ۾ آهي تہ مير محمد امين پٽ مير محمد نصير نيشاپوري، سندس لقب برهان الملڪ، سعادت خان بهادر، بهادر جنگ آهن، وقت جي وڏن اميرن مان تاريخ 10 - ذوالحج شاهہ جهان آباد ۾ فوت ٿيو. سندس عمر اندازاً سٺ سال هئي. پڻ ڏسو: نادر شاهہ جي اچڻ ۽ شاهہ جهان آباد جي برباد ٿيڻ جي حقيقت، تصنيف سال 1152هہ، نسخو رامپور

جي سپاهين جي مرڻ جو هل هنگامو نادر شاهه جي ڪن پيو تہ، نادر شاهه سخت ڪاوڙ ۽ غصي مان صبح سويري ٻاهر اچي، مدرسي روشن الدولہ ۾ ويٺو ۽ قتل عام جو حڪم جاري ڪيو ۽ چيو، تہ جنهن بہ جاءِ تي اسان جي سپاهين کي ماريو ويو آهي، ان محلي کي لٽي برباد ڪن ۽ ان محلي جو ڪوبہ ماڻهو جيئرو نہ ڇڏين!

قزلباشن(نادر شاهه جي سپاهين) تلوارن کي خوب هلايو. ڪيئي ماڻهو مارجي ويا. جيئن قلعي کان مسجد جهان نما، پراڻو عيد گاهه ۽ ڪوٽلہ، درهالہ کان روح الله خان جي مسافر خاني تائين ماڻهو ماريا ۽ ڪُٺا ويا. لڙيءَ منجهد تائين خون خرابي ۽ مار ڌاڙ جي بازار گرم رهي. تقريباً اسي هزار ماڻهو چاندني چوڪ ۽ گهٽين بازارن ۾ مارجي ويا. آخرڪار نواب نظام الملڪ آصف جاهه ۽ نواب قمر الدين خان وزير، نادر شاهه وٽ فرياد فرياد ۽ الامان الامان! چئي عاجزيءَ ۽ سفارش پيش ڪئي، تڏهن وڃي نادر شاهه جي ڪاوڙ جا شعلا ٺريا ۽ باقي رهيل ماڻهن کي جيئدان مليو:

بہ نيم غمزه تواني ڪہ قتل عام ڪني
نعوذ باالله اگر غمزه دا تمام ڪني![1]

